# يادگيريون

سيٺ نائونمل هوتچند سي. ايس. آءِ.

مترجم

**محمد حنيف صديقي**

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو. سنڌ

# يادگيريون

سيٺ نائونمل هوتچند

سي. ايس. آءِ.

ISHWARDAS ADVOCATE
P-1276
Gari Khata,
Court Road,
HYDERABAD

مترجم:

محمد حنيف صديقي

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال ١٩٦٨ع | تعداد هڪ هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال ١٩٧٨ع | تعداد ٻه هزار |
| ڇاپو ٽيون | سال ١٩٩٦ع | تعداد ٻه هزار |


[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق واسطا قائم]

قيمت:
[redacted]00]

**ملڻ جو هنڌ:**
سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو، سنڌ ۾، مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ مراد علي مرزا، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# ناشر طرفان ٻه اکر

سيٺ ناءُونمل جي "يادگيرين" جو هيءُ ڪتاب، سنڌي زبان ۾ ٻهريون دفعو ترجمو ٿي، شايع ٿي رهيو آهي. انگريزي زبان ۾ هي ڪتاب سن ۱۹۱۵ع ۾ شايع ٿيو هو. دراصل، سيٺ ناءُونمل پنهنجون يادگيريون° پاڻ لکيون هيون، جنهن جو بعد ۾ سنڌس پوٽي راءِ بهادر عالومل ٽيڪمداس پوچوائيءَ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. سر ايچ. ايوان. ايم. جيمس، ڪي. سي. آءِ. اي.، سي. ايس. آءِ. (ڪمشنر سنڌ — ۱۸۹۱ کان ۱۸۹۹ع) انهيءَ انگريزي ترجمي کي ترتيب ڏيئي مقدمو لکيو. بعد ۾، ڪتاب "هندستان جي تاريخ جو هڪ وساريل ورق" يعني "يادگيريون ڪراچيءَ جي سيٺ ناءُونمل هوتچند سي. ايس. آءِ. جون، (۱۸۰۴ع کان ۱۸۷۸ع)" نالي سان ڇپيو.

سيٺ ناءُونمل جي لاءِ اهو مشهور آهي ته هن پنهنجي وطن سان غداري ڪري، انگريزن جو چاڙتو ٿي، سنڌ کي غلام بنائڻ ۾ اهم حصو ورتو. سنڌي ادبي بورڊ، ناءُونمل جون "يادگيريون" شايع ڪري، قوم جي اڏو تاريخ جي هڪ اهم مسئلي کي پيش ڪيو آهي. پنهنجي تعريف ٻڌي ۽ پڙهي هرڪو خوش ٿئي، اهو هڪ لازمي امر آهي؛ پر فقط تعريف تي قانع ٿي ويهي رهڻ، هاڻيهي پاڻ سان بي انصافي ڪرڻي آهي. جيسين تصوير جي ٻنهي رخن جو صحيح علم نه هوندو، تيسين حسن ۽ قبح جي سمجهڻ ۾ لغزش جو امڪان رهندو. "ناءُونمل جون يادگيريون" ۾ تصوير جو ٻيو رخ آهي. جتي اسان پنهنجي ماضيءَ جا شاندار پهلو پڙهي مسرت محسوس ڪريون ٿا، اتي اچو ته انگريزن جي هڪ نمڪخوار

جي ڪردار کي پڙهي، عبرت حاصل ڪريون ۽ ڏسون ته قومن جي عروج ۽ زوال جا ڪهڙا اسباب ۽ علل آهن، ۽ ڪيئن هڪ تونگر ماڻهو پنهنجي ذاتي ضد ۽ خانداني عصبيت جي ڪري، پنهنجي سرزمين کي ڌارين جي حوالي ڪرڻ لاءِ ڪوشش ٿو ڪري!

حيدرآباد (ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني)

١٦-١٢-١٩٦٨ع اعزازي سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

# فهرست

صفحا

تعارف


باب پهريون (۸ کان ۲۴)

سنڌ ارڙهينءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾- آڳاٽا هندو حاڪم- ٽالپر- ٽالپرن جون ٽي حڪومتون- افغانن ۽ رنجيت سنگهه جون سنڌ ۾ حريص نگاهون- انگريزن جي مداخلت جا سبب- ڪابل جي مهم لاءِ سنڌ ونديءَ جي ماتريءَ مان گذر- حيدرآباد سان معاهدو- اميرن جون اڙيون- نائونمل جي پيدائش ۽ نسل- ٽالپرن جا هندن سان ستم- نائونمل جي پيءُ سان ظالمانه ورتاءُ- نائونمل جا انگريزن سان اوائلي ناتا- سنه ۱۸۳۸ع ۾، پاٽنجر جو مدد لاءِ سوال- آئوٽرام جي سنڌ ۾ آمد- اميرن جو اڙيون- نائونمل جي آئوٽرام ۽ پاٽنجر کي واهر- آئوٽرام جو سياسي سفير مقرر ٿيڻ- ڏيهي ماڻهن جون سازشون- نائونمل جي مير شير محمد سان ڪامياب چالبازي.

باب ٻيو (۲۵ کان ۴۶)

سر چارلس نيپئر- ارهه زورائيءَ جا طريقا- اميرن جي هار- سنڌ تي قبضو- سنڌين جي رضامندي- نائونمل جون اميدون برصواب- هن جي جلاوطن پتا جو موٽڻ- نيپئر جي زماني ۾

سڌ- پرسرام جو فرار ٿي وڃڻ- هوتچند سان وحشيانه ورتاءُ- ڪڇ ۾ پناهه وٺڻ- مير مراد عليءَ کي ليلائڻ- شاهه شجاع هٿان اميرن جي هار- ڪلڪتي واري ڪونيءَ جو بند ڪرڻ- سر اليگزينڊر برنس- ميرن جي مخالفت- ڪئپٽن ڪارليس جو وارد ٿيڻ- نائونمل جو ڪيس نواب جي چنبي مان بچائڻ- بندرگاهه جي جاچ پڙتال- نائونمل کي، ڪرنل پاٽنجر جي، سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ، فوج لاءِ، اَنن ۽ ٻئي سامان جي مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ فرمائش- جو ڪين جو چام- گهاري ۾ نائونمل سان آئوٽرام جي ملاقات- نائونمل طرفان وهٽ ۽ ٻيو سامان مهيا ڪري ڏيڻ- نائونمل گهوڙاٻاريءَ وٽ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾- پاٽنجر، ايسٽوڪ ۽ سر جان ڪين سان ملاقات- بامنيڪوٽ ۾.

## باب پنجون (١١٦ کان ١٣٥)

فوج جو ٺٽي طرف وڌڻ- نائونمل جو ضربخاني سنڀالڻ کان انڪار- هڪ بلوچ جو آپي کان نڪري وڃڻ- ٽن انگريز عملدارن جو اتفاقي موت- مير شاهه محمد جو انگريزن جي گدام کي جلائڻ- مير نورمحمد جو نائونمل کي لڪ ڇپ ۾ عذر موڪلڻ- آغا اسماعيل شاهه- سکرامداس جو فوج سان اتر طرف وڃڻ- پاٽنجر جي اميرالبحر کي، نائونمل جي گهر جي حفاظت لاءِ استدعا- ڪراچيءَ جي بمباري- فوج جي لاهڻ ۾ مدد- نائونمل جي گهر جي حفاظت- سکرامداس جي شڪارپور ۾، فوج

ڪان موڪلائي- نائُونمل جي حيدرآباد ۾ اميرن سان ملاقات- پاٽنجر سان گڏجي ڪراچيءَ وڃڻ- نائونمل جي مدد سان ڪئپٽن هئنڊ جي قاتلن جو گرفتار ٿيڻ- پاٽنجر جو نائونمل کي پنج ۾ گهرائڻ- وڏيڪ گهوڙيسوارن لاءِ پئسا مهيا ڪري ڏيڻ- آئوٽرام جو قلات ڪان سون مياڻيءَ تائين خطرناڪ سفر- موت ڪان وار وار بچڻ.

## باب ڇهون

(۱۳۶ ڪان ۱۵٦)

پاٽنجر جي ڪڇ ڪان روانگي- نائونمل کي دوستيءَ جي آڇ- حڪومت اعليٰ ڏانهن خط- نائونمل جي آئوٽرام سان ملاقات- رسالي جو حساب ڪتاب بند ڪرڻ- نائونمل جي مير شيرمحمد ڏانهن خفيه سفارت، ۽ هن جو انهيءَ مير جي حد ۾ داخل ٿيندڙ فوج لاءِ سامان مهيا ڪري ڏيڻ- نائونمل جي حرفت- مير صوبدار جي منشيءَ جو پهچڻ- نائونمل جي مير شاهه محمد سان ملاقات ۽ مير جو ڪيس آئوٽرام جو جعلي خط ڏيڻ- نائونمل جو آئوٽرام کي خط حوالي ڪرڻ- جعلسازي ڪرڻ واري مجرم کي سزا- مير شيرمحمد جو صوبدار ڏانهن خط ۽ آئوٽرام جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ رشوت جي آڇ- آيرٿيمل جي مڪاري- حيدرآباد ۽ ميرپور جي اميرن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ- نائونمل جي امانت- مير صوبدار ڏانهن شيرمحمد جي لکيل خط جو هٿ اچڻ ۽ وري ان جو چوري ٿي وڃڻ- ليفٽيننٽ ليڪيءَ کي بروقت خط حوالي

نہ ڪرڻ ۾ نائونمل جي غلطي.

## باب ستون (١٥٧ کان ١٨٣)

شاديءَ جو جشن- معزز مهمان- ڪراچيءَ واپسي- نائونمل کي ايسٽوڪ جي معرفت گورنرجنرل جي طرفان خلعت ملڻ- صدر بزار ۾ جڳهيون ٺهرائڻ- ميرن جا دڙڪا- سر چارلس نيپئر جي آمد- مير علي‌مراد جي نيپئر کان پنهنجي پاءُ رستم خان خلاف مدد جي گهُر- رستم جي پاڄ- حيدرآباد جي سفارتخاني تي حملو- مياڻيءَ ۽ حيدرآباد جون لڙايون- نوڙين، قرمطين ۽ جوکين جي سردارن جو ڪراچيءَ تي حملو ڪري، فوج کي قتل ڪرڻ جو منصوبو سٽڻ- نائونمل جي گهر ۾ هراس- شهر ۾ ڦڙڦوٽ- ڪراچيءَ جي دفاع لاءِ عملدارن سان مشورو- ٽالپرن جي جهنڊي جو ڪيرائڻ ۽ نائونمل جو سر چارلس نيپئر ڏانهن، لکل خطن سان قاصدن کي موڪلڻ- نائونمل جي، صاحب خان چنڊي کان مدد جي گهُر- بلوچ لٽيرن جو پيڇو- هوتچند جي فاتحاني انداز ۾ واپسي- انگريزن جي هڪ فوجي دستي جو، بلوچن جي هٿان قتل- نائونمل جو، سُوهاڻ وٺي ڏاڪڙين ڏکرين ۾ فوجي دستي پٺيان وڃڻ- پستول جو نڪاءُ- نگيءَ جو شڪ- بلوچن جي چانوٽين تي قبضو- ٽن سردارن جو ڪئپٽن پريڊيءَ وٽ پيش پوڻ- نائونمل جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيڻ.

## باب اٺون (١٨٣ کان ٢٠٤)

١٨٤٣ع ۾، ملڪه معظمه جي سالگره جي

ڪراچيءَ ۾ غدارن کي ڦاسي.

باب ڏهون (٢٢٧ کان ٢٤٢

فريئر جي سنڌ کان موڪلائي- هند-سرڪار جو نائونمل لاءِ، دائمي جاگير ۽ ڏن پيڙهين لاءِ پينشن جي سفارش قبول ڪرڻ- نائونمل جو ڪليڪٽر جي پسند ڪيل زمين قبول ڪرڻ- عالومل جي شادي- فريئر جو، بمبئيءَ جو گورنر مقرر ٿيڻ- نائونمل کي ڪوٺ- گورنمينٽ هائوس ۾ تقريب- پور گهاٽ ريلوي جو افتتاح- دکن جي تيرٿن جي ياترا- نائونمل کي سي . ايس . آءِ جو خطاب ملڻ- نائونمل جي اعزاز ۾ ڪمشنر جي دربار- فريئر جي ڪراچيءَ ۾ دربار ۽ نائونمل کي پنهنجن هٿن سان سي . ايس . آءِ. جي تمغي سان نوازڻ- عالومل کي فريئر جي هٿان بي . اي. جي سند ملڻ- نائونمل جي معلومات جا ذريعا- پوين کي نصيحت- خاتمو.

# ضميمن جي فهرست


ضميمو -۱ (۲۴۳ کان ۲۴۹)

(۱) ۱۴- جنوري ۱۸۴۸ع جي لکيل، ڪراچيءَ
جي ڪليڪٽر جي يادداشت، جنهن ۾ سيٺ
نائونمل جي خدمتن جو احوال ڏنل آهي.
(۲) ضلعي جي سردارن ۽ مکيه ماڻهن جي
بابت ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي يادداشت
مان حوالا.

ضميمو -۲ (۲۴۹ کان ۲۵۰)

(سيٺ نائونمل ۽ ڪرنل پاٽنجر [جو پوءِ
سرهينري پاٽنجر ٿيو]، جي وچ ۾ لکپڙهه.)
(۱) سيٺ نائونمل ڏانهن ڪرنل پاٽنجر جي،
مالي امداد لاءِ، فارسيءَ ۾ لکيل چٺيءَ جو نقل.
(۲) سيٺ نائونمل ڏانهن، ڪرنل پاٽنجر جو
۲۲- آڪٽوبر ۱۸۳۸ع وارو خط، جنهن ۾
ڪيس هندين موڪلڻ بابت اطلاع ڪيل آهي.

ضميمو -۳ (۲۵۰ کان ۲۵۴)

(ڪرنل پاٽنجر جي رپورٽ) ته ميرن پهريائين
انگريزن ۽ سيڌي سامان مهيا ڪري ڏيڻ جو وعدو
ڪيو هو، پر پوءِ هو رنڊڪون وجهڻ لڳا-
سيٺ نائونمل جي خدمتن جو اعتراف)
(۱) ڪرنل پاٽنجر جو حڪومت کي تاريخ
۲۵- آڪٽوبر ۱۸۳۸ع جو ڏنل اطلاع ته نائونمل
سان پروانن ڏيڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي.

(٢) ڪرنل پاٽنجر جي رپورٽ، ١٣- ڊسمبر ١٨٣٨ع جي، ميرن جي ڪجهي مخالفت، سمنڊ نائونمل جو سون ميائيءَ، قلات ۽ ٻين هنڌن تي آت هٿ ڪرڻ ۽ ميرن جي نائونمل کي ٻڌي، سزا ڏيڻ جي ارادن جي باري ۾.

## ضميمو -٤ (٢٥٤ کان ٢٥٥)

ڪرنل پاٽنجر جو، بحري ڪمانڊر ان چيف ريئر ائڊمرل سر فريڊرڪ ميٽلنڊ ڏانهن ٢٨- جنوري ١٨٣٩ع جو لکيل خط، جنهن ۾ سيٺ نائونمل جي ڪٽنب جي حفاظت لاءِ خاص استدعا ڪيل آهي.

## ضميمو -٥ (٢٥٥ کان ٢٤٧)

(١) ٤- فبروري ١٨٣٩ع واري سنڌ جي مقامي سفير جي گورنر جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ ڏانهن لکيل چٺي، جنهن ۾ ڪيس ڪراچيءَ تي قبضي ڪرڻ جو اطلاع ڏنل آهي. (٢) سنڌ جي هنگامي دستي جي، سالار برگيڊيئر جنرل وئلشنٽ جي ڪراچيءَ ۾ فوج لاهڻ ۽ قلعي ۽ شهر جي حالتن جي باري ۾ رپورٽ. (٣) ڪراچي تان دستبردار ٿيڻ جو عهدنامو.

## ضميمو -٦ (٢٥٧ کان ٢٥٩)

١٨- فبروري ١٩٣٩ع تي، ڪرنل پاٽنجر جي گورنرجنرل جي سيڪريٽريءَ ڏانهن رپورٽ تہ هڪ بلوچ جي خوناخونيءَ ۾ ميرن جي ظاهر ظهور وڙهڻ جي ارادي جي باري ۾.

## ضميمو -٧ (٢٥٩ کان ٢٦١)

(١) ٨- ڊسمبر ١٨٤٠ع، ڪرنل آئوٽرام جي سرڪار ڏانهن (نائونمل کي، مير شيرمحمد

ڏانهن، جنهن جي علائقي مان فوج لنگهڻي هئي، سفارت لاءِ موڪلڻ جي باري ۾) رپورٽ. (٢) ڪرنل آئوٽرام جون، ليفٽيننٽ وائيٽلاڪ کي هدايتون، ته ميٽ نائونمل ساڻس گڏجي مير شيرمحمد جي علائقي ۾ (معلومات حاصل ڪرڻ ۾ واهر ڪرڻ لاءِ) وڃي.

## ضميمو -٨ (٢٦١ کان ٢٦٤)

(١) ليفٽيننٽ ليڪيءَ جي، ١١- جون ١٨٤١ع واريءَ رپورٽ جو حوالو، جنهن ۾ مڪار منشين جي تيار ڪيل قبوليت جو نقل پڻ ڏنل آهي. انهيءَ قبوليت ۾ لکيل آهي ته جيڪڏهن نائونمل، ميجر آئوٽرام کان مير شيرمحمد تي مڙهيل معاون فوج جو خرچ گهٽ ڪرائي ڏيندو ته کيس مٿائيءَ جو حصو ملندو. (٢) ميجر آئوٽرام جي نالي، مير شيرمحمد ڏانهن لکيل جڙتو خط جو نقل، جنهن ۾ ساڻس خيرخواهيءَ جو وعدو ڪيل آهي. (٣) ميجر آئوٽرام جو مير شيرمحمد ڏانهن لکيل خط، تاريخ ١١- جون ١٨٤١ع جو، ڪئپٽن ليڪيءَ جي رپورٽ سميت.

## ضميمو -٩ (٢٦٤ کان ٢٦٦)

(١) نائب سياسي سفير جو، سنڌ جي سياسي سفير ڏانهن، سيٺ نائونمل کي ڏڙڪن ملڻ جي باري ۾ خط. (٢) نائب سياسي سفير جي مير نصيرخان ڏانهن لکيل خط جو خلاصو، تاريخ ١- آڪٽوبر ١٨٤٢ع، جنهن ۾ نائونمل سان ڪيل ورتاءَ جي باري ۾ شڪايت ڪيل آهي. (٣) ميرن جي نائونمل کي ڪوٺ.

**ضميمو -- ١٠** (٢٦٦ کان ٢٦٧)

هند سرڪار جو ميجر آئوٽرام ڏانهن خط، ٢٧- اپريل ١٨٤٢ع جو، جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏيهي گماشتي جي رکڻ جي باري ۾ اطلاع ڏنل آهي.

**ضميمو - ١١** (٢٦٧ کان ٢٦٩)

[سيٺ نائونمل جي خلاف مڙهيل تهمت ۽ سندس مڪمل رهائيءَ متعلق لکپڙهه جي باري ۾.] (١) تاريخ ٢٤- آگسٽ ١٨٤٨ع، سنڌ جي جج ائڊووڪيٽ جو، سيٺ نائونمل ڏانهن خط. (٢) گهوڙاٻاريءَ جي ڊپٽي ڪليڪٽر جو خط، سيٺ نائونمل ڏانهن، تاريخ ١٤- نومبر ١٨٤٨ع. (٣) سرڪار جي عارضي سيڪريٽريءَ جو سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن خط. (٤) مانوارن ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ ۾، تاريخ ٤- اپريل ١٨٤٩ع واري خط مان حوالو.

**ضميمو - ١٢** (٢٦٩ کان ٢٧٣)

[سر ايچ . بي . اي. فريئر مان خانگي لکپڙهه] (١) سر ايچ . بي . اي. فريئر جو سيٺ نائونمل ڏانهن تاريخ ٧- جنوري ١٨٦٩ع جو خط. (٢) سيٺ نائونمل جو جواب، اپريل ١٨٦٩ع جو. (٣) سر ايچ . بي . اي . فريئر جو، ٤- فيبروري ١٨٧٤ع وارو خط.

**ضميمو - ١٣** (٢٧٣ کان ٢٧٨)

[سيٺ نائونمل کي سي . ايس . آءِ . جي اعزاز ملڻ جي موقعي تي دربار ۾ ڪيل تقريرن جو حوالو]

(١) سنڌ جي ڪمشنر جي تقرير. (٢) سر بارٽل فريئر

جي تقرير، (٣) ملڪه جي منبر سان سنڌ جو نقل.

## ضميمو -١٤ (٣٧٨)

وائسراءِ ۽ گورنرجنرل جو، راءِ صاحب عالومل ٽيڪمداس پوچواڻي بي. اي کي ”راءِ بهادر“ جو خطاب، ذاتي اعزاز طور ڏيڻ.

## ضميمو -١٥ (٣٧٨ کان ٣٧٩)

سن ١٨٨٨ع ۾، سيٺ نائونمل جي ديانت کان ڏهه ورهيه پوءِ، سر فريڊرڪ گولڊسمڊ جو خراج تحسين.

## ضميمو -١٦ (٣٨٠)

سنڌ جي اڳوڻي خوشحاليءَ جا مثال.

## ضميمو -١٧

سيٺ نائونمل جي خاندان جو شجرو.

# مهاڳ

پهريائين منهنجو خيال هو ته هيءَ مختصر تصنيف، عوام جي آڏو پيش ڪريان، پر پوءِ، ڪيترن سببن ڪري، مون مناسب سمجهيو ته ان جي اشاعت مخصوص رکجي ته بهتر ٿيندو ـ اول ته، هيءُ سمورو قصو هڪ ڪهني تاريخ آهي، ۽ ٻيو ته جن واقعن جو ان ۾ ذڪر ڪيل آهي، سي سنڌ جهڙي هڪ دور دراز صوبي جي تسخير سان تعلق رکن ٿا، جنهنڪري اهي عوام لاءِ دلچسپيءَ جو باعث ڪين ٿيندا؛ خصوصاً هن وقت، جڏهن سلطنت هڪ مها ڪشمڪش ۾ مبتلا آهي ۽ جنهن جو ٻوٽ سڀڪنهن جي دلين ۽ دماغن تي سوار آهي. تنهن کان سواءِ، هن قصي جا ڪي واقعا ڪُهنن اختلافن جون يادگيريون تازيون ڪن ٿا، جن کي هينئر وسارڻ مناسب آهي. مرحوم سر رچرڊ برٽن، سنڌ کي ”ڏُکي ماڻريءَ“ جو لقب ڏنو هو. لاشڪ ان جو ٻهريون سبب سنڌ جي گرمي هوندي، ۽ ٻيو ته جڏهين انگريزن سنڌ فتح ڪئي ته ان وقت ملڪ جو گهڻو حصو غيرآباد هو. مگر هن وقت ته سنڌ، ساري سلطنت هند-پاڪ جي سڀني صوبن کان وڌيڪ زرخيز شمار ڪئي وڃي ٿي. جيڪو به ماڻهو سنڌ ۾ هڪ دفعو رهيو هوندو يا نوڪري ڪئي هوندائين، سو سنڌ کي هميشه ياد ڪندو. اهو هڪ نيڪ فال آهي ته هر طبقي جا ماڻهو، وڏا مسلم زميندار خواهه پڙهيل هندو، وفادار آهن ۽ پنهنجي ملڪ سڌارڻ جو ڏاڍو اونو اٿن. هرڪو ماڻهو جنهن کي به سنڌ جي سرزمين جو ڪجهه اونو آهي، سو سيٺ ناؤنمل جي هن خود نوشته احوال کي دلچسپيءَ

سندس ٿورائتو آهيان. عالومل ۽ مون ڪان پوء، نيپئر، فريئر ۽ سيٺ نائونمل جي وقت واري سنڌ ۽ جديد سنڌ جي وچ ۾ جيڪي آخري ڪڙيون بچيون آهن، سي ختم ٿي وينديون. مان ١٨٧٠ع ۾ سنڌ ۾ آيو هوس، جڏهين اڃا ڪيترا نيپئر ۽ فريئر جا همعصر عملدار، سرڪاري نوڪرين ۾ هئا، ۽ مون انهن جي واتان پراڻي زماني جا ڪيترا قصا ۽ ڪهاڻيون ٻڌيون هيون. ان ڪري مان سمجهان ٿو ته "يادگيرين" جي اشاعت لاء منهنجو انتخاب غيرموزون نه آهي.

١- جون، ١٩١٥ع

ايڇ. اِي. ايم. جي

## تعارف

### (مؤلف جو لکيل)

### باب پهريون

سنڌ ارڙهين‌ءَ صديءَ جي پهرئين اڌ ۾ - آڳاٽا حاڪم ٽالپر هئا - ٽالپرن جون تي حڪومتون - افغانن ۽ رنجيت سنگهه جون سنڌ ۾ حريص نگاهون - انگريزن جي مداخلت جا سبب - ڪابل جي مهم لاءِ سنڌو نديءَ جي واديءَ مان گذر - حيدرآباد سان معاهدو - اميرن جون اڙيون - نائونمل جي پيدائش ۽ نسل - ٽالپرن جا هندن سان ظلم - نائونمل جي پيءُ سان ظالمانه ورتاءُ - نائونمل جا انگريزن سان اوائلي ناتا - ١٨٣٨ع ۾ پاٽينجر جو مدد لاءِ سوال - آئوٽرام جي سنڌ ۾ آمد - ميرن جون اڙيون - نائونمل جي آئوٽرام ۽ پاٽنجر کي واهر - آئوٽرام جو سنڌ ۾ سياسي سفير ٿيڻ - ڏيهي ماڻهن جون سازشون - نائونمل جي مير شيرمحمد سان ڪامياب چالبازي -

هڪ معزز هندوستانيءَ، جيڪو هونئن ته ساري ڄمار برطانيا سرڪار سان وفادار رهيو ۽ ان جون خدمتون ڪيائين، پر جنهن جي وفاداري ۽ خدمتون اڄ ڪان بہ ڪئين پيڙهيون اڳ يعني ١٨٣٨-١٨٤٣ع واريءَ پهرينءَ افغان لڙائيءَ جي وقت نمايان هيون، تنهن جو ١٩١٥ع ۾ جيون چرتر شايع ڪرڻ شايد بيوقتائتو نظر اچي پر هڪ اهڙو ماڻهو، جنهن غدر جي نازڪ زماني ۾ سر هينري پاٽنجر، سر جيمس آئوٽرام ۽ سر بارٽل فريئر

ملائي چڙهيا هئا. هن سنڌ جي پاڙي واريءَ رياست، بهاولپور تي حملو ڪري، خراج وصول ڪيو. اهڙي طرح، رنجيت سنگهه سنڌو نديءَ جي سموريءَ ماڙيءَ لاءِ خطري جو باعث بڻيو. اها ڳالهه عالم آشڪار هئي ته سنڌ وٺڻ لاءِ هن کي طمع هئي، ۽ انهيءَ خيال سان ١٨٣٦ع ۾ سنڌ تي حملو به ڪيو هئائين. ساڳئي وقت، هند سرڪار، ايران ۽ افغانستان سان سازباز ڪري، روس جو هندستان تي فرضي حملي ڪرڻ جو منصوبو معطل ڪرڻ تي چاهيو. ان ڪري لازماً هنن جي نگاهه سنڌو نديءَ تي پئي، جا عربي سمنڊ کان، اتر هندستان ۽ ڪابل جي وچ ۾ قدرتي شاهراهه آهي. سنه ١٨٣١ع ۾، حيدرآباد جي اميرن، گهڻي جهنجهٽ کان پوءِ، سر اليگزينڊر برنس کي سنڌو نديءَ مان گهوڙن ڪٺي وڃڻ جي اجازت ڏني. رنجيت سنگهه کي گهوڙن جو ڏاڍو شوق هوندو هو، ان ڪري انگلنڊ جي بادشاهه اهي گهوڙا کيس تحفي طور موڪليا هئا. ساڳئي وقت اهو موقعو درياءَ جي ملاحظي ڪرڻ لاءِ پڻ غنيمت سمجهيو ويو. ١٨٣٢ع ۾، ميرن هڪ اهڙي عهدنامي تي دستخط ڪيا، جنهن موجب انگريزن کي واپار لاءِ، سواءِ فوجي اسباب ۽ هٿياربند جهازن جي، سنڌو نديءَ جي استعمال جي اجازت ڏني ويئي. ان کان پوءِ، ١٨٣٦ع ۾ هنن مجبوراً درياءَ تي هلندڙ آگبوٽن لاءِ پنهنجن پيلن مان هنن کي ڪاٺين ڪرڻ جي اجازت ڏني. ان کان سواءِ، هنن ڪپتان ڪارليس کي، ڪراچيءَ جي بندر ۽ سنڌو نديءَ جي دوآبي وارن بندرن جي پيمائش جي اجازت ڏني.

سنه ١٨٣٦ع ۾ لارڊ آڪلنڊ، هندستان جو گورنر جنرل مقرر ٿيو. هن ترڪستان (جنهن تي روس پيشقدمي ڪري رهيو هو) ۽ هندستان جي وچ ۾، هڪ دوستانه ۽ مضبوط رياست قائم ڪرڻ جي ارادي سان معاهدو ڪيو، جنهن مطابق ڪابل جي تخت تي سابق سدوزئي حڪمران، شاهه شجاع کي (جو ڪيترن سالن کان هندستان ۾ جلاوطن هو) وري ٽاڦي انجام ورتو ته

ڪابل مان انگريزن جي دشمنن کي تڙي ڪڍڻ ۾ سندن مدد ڪري. لارڊ آڪلنڊ جو اهو فيصلو پوءِ نهايت پرحماقت ۽ نقصانڪار ثابت ٿيو؛ ڇاڪاڻ ته شاهہ شجاع جي اها به دعوا هئي ته سڄو سندس موروثي ملڪيت آهي. هو جنهن وقت برسراقتدار آيو، تڏهين هن سنڌ جي حڪمرانن کان زوريءَ خراج وصول ڪيو. اها هڪ تعجب جي ڳالهہ آهي ته مشرق ۾ جلاوطن حڪمران، تخت وڃائڻ کان پوءِ به پنهنجي حمايت ۾ فوج ڪٺي ڪري سگهندا آهن! اهڙيءَ طرح، شاهہ شجاع به جلاوطنيءَ جي زماني ۾، ١٨٣٨ع ۾ فوج وٺي، شڪارپور جي ويجهو، ٽالپر ميرن کي شڪست ڏيئي، کانئن پنجن لکن روپين(١) ساليانو خراج جو وعدو ورتو. سنڌ ان وقت ٻن گهيرن ۾ هئي: هڪ طرف افغانن جون اکيون هيون ۽ ٻئي طرف سکن جون. انگريزن فيصلو ڪيو ته هو پهريون ته سنڌ کي ٻنهي ڌرين جي لاءِ جنگي آکاڙو نه بنجڻ ڏيندا ۽ ٻيو ته جنهن وقت ٽالپرن کي پنهنجي ملڪ جي دفاع ڪرڻ جي طاقت ۾ پنتي ڏسندا ته هو انهن جهڳڙن جو خود تصفيو ڪندا ۽ جيڪڏهين سنڌ تي ڪو حملو ٿيو ته هو سنڌ کي پنهنجي سرحد سمجهي ان جو دفاع ڪندا. انهيءَ ڪري انگريز سرڪار، ميرن تي دٻاءُ آندو ته هو هڪ نئين معاهدي تي دستخط ڪن، جنهن جي بدولت هو شاهہ شجاع جي وڌيڪ مداخلت کان آزاد رهندا. انهيءَ نئين عهدنامي مان ميرن کي هيءُ نقصان هو ته کين شاه شجاع ۽ رنجيت سنگهہ لاءِ پنجويهن يا ڇويهن لکن روپين جي ڀاري رقم ادا ڪرڻي ٿي پئي. نالي ۾ ته هيءَ رقم خراج جي بقايا هئي، پر دراصل اها شڪارپور لاءِ ڍنگ جي رقم هئي. ان رقم مان ١٥ لک رپيا رنجيت سنگهہ کي، افغانستان تي چڙهائيءَ

---

(١) لک معنيٰ سؤ هزار. ان وقت لک رپين جي قيمت ڏهہ هزار پائونڊ هئي.

سندر آهن، پر انهن جي ديوارين مان به گاني بجاني جو پڙلاءُ
ڪونه پوندو آهي. ڪٿي به ڪو مومن جيڪڏهن شاهدي ڏئي
ته هڪ هندوءَ، قرآن جون ڪي آيتون يا ڪلمو پڙهيو آهي،
ته اها شاهدي هن جي هڪدم سنت ڪرائڻ لاءِ ڪافي ڄاتي
ويندي آهي. هيءَ هڪ رواجي ڳالهه آهي، پر مظلوم هندو ان
کي سڀ کان زياده ۽ وڏي آپدا ڪري سمجهندا آهن. مسلمانن
کي ٿورڙو ئي ڪو بهانو ملندو آهي ته اها ڪاروائي اختيار
ڪندا آهن. وڏي ڳالهه ته ظاهر ائين ڪيو ويندو آهي ته اها
مظلوم جي ڀلائي لاءِ آهي ۽ ان ۾ هن جو محشر چڱو ٿيندو.
اهڙيءَ طرح هن جي جسماني عذاب ۾ دماغي ڪاوش جو اضافو
ڪيو ويندو آهي."

ڊاڪٽر برنس جي پنهنجي شاهدي آهي ته هڪ موقعي تي
هن پاڻ هڪ هندو واپاريءَ جي خلاف شڪايت ڪئي، ته وڏي
مير هڪدم واعدو ڪيو ته 'مجرم کي سزا طور، زوريءَ سچي
دين ۾ داخل ڪيو ويندو.' تنهنڪري اها ڪا غيرطبعي ڳالهه
ڪانه هئي ته هندو، جن جي ملڪ تي مسلمانن جي مختلف
خاندانن صدين جون صديون حڪومت ڪئي هئي، ۽ جن لاءِ
هنن جي دلين ۾ ڪا محبت ڪانه هئي، سي حڪومت جي
تبديليءَ جي خواهش رکن. خصوصاً جڏهين هنن ڏٺو پئي
ته ڪڇ جي پاڙيسري حڪومت ۾، هندو هڪ هم-ڌرم
حڪمران جي هٿ هيٺ سندن مقابلي ۾ وڏيڪ آرام جي زندگي
بسر ڪري رهيا هئا. لاشڪ هنن هندوستان ۽ ڪڇ ۾ پنهنجن
مقيم گماشتن کان به انگريزن جي طاقت ۽ انصاف جون ڳالهيون
ٻڌي فيصلو ڪيو هجي ته ڪو موقعو ملي ته انگريزن جي
سايي ۾ رهجي.

١٨٣٢ع ۾ هڪ ڪٽر مسلمان ڪراچي ۾ هندن جي
خلاف احتجاج اٿاريو ۽ لاڙ جي ڪن وڏن شهرن ۾ جهاد جو
پرچار ڪيو ۽ مشرڪن جي خلاف مومنن کي پڙڪايو. اهڙا

جو بعد ۾ قلات جو سياسي عملدار مقرر ٿيو هو، تنهن کي پڻ مختلف قسمن جي مدد ڪئي هئي. ان کان سواءِ، ڪئپٽن ڪاريس کي بروچن جي ايراضيءَ ۾ بنا اجازت شڪار ڪرڻ ويو هو، جتي کيس قاتلانہ حملي کان سيٺ نائونمل بچايو هو. مطلب تہ هن کي جڏهين بہ موقعو ملندو هو، تڏهين هو انگريزن جي خدمت ڪندو هو.

آخر ١٨٣٨ع ۾، ڪڇ جي مقامي سفير، ڪرنل پاٽنجر، جنهن ان وقت ڪڇ ۾ وهٽ پئي گڏ ڪيا، سيٺ نائونمل کي لکيو تہ هو جنرل ڪين جي فوج کي اُٺن ۽ سيڏي سامان مهيا ڪري ڏيڻ ۾ مدد ڪري؛ ڇاڪاڻ تہ هند سرڪار، سنڌ جي رستي، شڪارپور ڏانهن هڪ فوج موڪلڻ جو فيصلو ڪيو هو؛ جتي سر وليم مئڪناٽن ۽ شاهہ شجاع بہ پنهنجن فوجن سان ان جو انتظار ڪري رهيا هئا. سيٺ نائونمل، ميرن جي مڪاني عملدارن جي مخالفت هوندي بہ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي، اهي تقاضائون پوريون ڪيون. فقط اهي ماڻهو، جي سيٺ کي چڱيءَ طرح سڃاڻن، محسوس ڪري سگهندا تہ سيٺ نائونمل جو وحشي بروچن تي ڪيترو نہ اثر هوندو هو. هُن، ميرن جي ڪلہ ڪلا مخالفت هوندي بہ، ايتري ٿوري وقت ۾ هڪ غير قوم جي ماڻهن کي گهربل اُٺ ۽ ٻيو سامان مهيا ڪري ڏنو. ڪراچيءَ جي آسپاس جابلو ۽ ويران علائقو آهي؛ جتي زبردست قومون، جهڙوڪ جوکيا، نومڙيا، ڪرمتي ۽ ڇتا ۽ ٻيون ڪيتريون زبردست ۽ سرفروش قومون، بلوچ سردارن جي اڳواڻيءَ هيٺ رهنديون هيون، جن جي دولت جو ذريعو اُٺ هوندا هئا. تي سگهي ٿو تہ سيٺ انهن کان پنهنجي تجارتي ڪاروبار لاءِ اڳيئي اٺ پاڙي ڪندو هجي، ۽ انهيءَ ڪري انهن سان چڱي آشنائي هجيس. ممڪن آهي تہ هو، هڪ دولتمند جي حيثيت ۾، انهن جي مالي مدد بہ ڪندو هجي — هڪڙو هندو، ميرن جي عملدارن جي مخالفت هوندي، هڪ مختصر

مسود و بيش ڪيو هو، جو هر لحاظ کان انهن لاءِ ناگوار هو. جڏهين صورتحال نازڪ ٿيڻ لڳي، تڏهين اطلاع آيو ته انگريزن جو بحري بيڙو ڪراچيءَ پهتو هو، جتي ميرن جي مقامي عملدارن حماقت کان ڪم وٺي مٿس بندوقبازي ڪئي هئي، ۽ موٽ ۾ آڙماڙ شهر تي قبضو ڪيو هو. اتي ميرن جا ڍير ڍرا ٿيا ۽ پاٽنجر جي حڪمت عمليءَ سان فوج کي بنا روڪ ٽوڪ جي لنگهڻ جي اجازت ملي ۽ عهدنامو منظور ٿيو. سيٺ نائونمل پنهنجي جانفشاني ڪندو رهيو، ۽ پنهنجي پاڻ ۽ نوڪرن کي، اتر ڏانهن يعني شڪارپور تائين فوج سان همرڪاب ڪري موڪليائين. پاٽنجر لکي ٿو ته: "١٨٣٩ع ۾ نائونمل ۽ سندس خاندان جي مدد کان سواءِ بمبئيءَ جو فوجي دستو بنگال جي فوج سان اتصال ڪري نه سگهي ها. ڪرنل پريڊي، جو پڻ ان موقعي تي حاضر هو، سو چوي ٿو ته 'جنهن صورت ۾ اسان جي ڪاميابيءَ جو سارو دارومدار تيزرفتاريءَ تي هو، تنهن صورت ۾ تسليم ڪرڻو پوندو ته نائونمل حڪومت جي خاصي خدمت ڪئي آهي.'

مارچ ١٨٣٩ع ڌاري، بمبئيءَ جو فوجي دستو شڪارپور کان قندار ۽ ڪابل ڏانهن روانو ٿي چڪو هو ۽ آئوٽرام پڻ انهن سان گڏ هو. سيٺ نائونمل، ڪرنل پاٽنجر سان گڏجي ڪيچ ويو ۽ هن جي، ڪيچ خواهه سنڌ ۾، مختلف نمونن سان مدد ڪيائين، جن جو تفصيلوار ذڪر "يادگيرين" ۾ ڪيل آهي. پاٽنجر پوءِ موڪل تي ويو ۽ هن جي جاءِ تي، جنوري ١٨٤٠ع ۾، آئوٽرام جنهن اڳيئي نمايان فوجي خدمتون سرانجام ڪيون هيون، لاڙ جو سياسي سفير مقرر ٿيو ۽ سري جون گرانبار سياسي ذميداريون به هن تي مڙهيون ويون. آئوٽرام جڏهين پنهنجو نئون عهدو سنڀاليو ته سيٺ نائونمل به اچي هن سان شامل ٿيو ۽ ان وقت کان وٺي هو، غالباً هن جي عملي جو هڪ فرد ٿي ڪم ڪندو رهيو. سرڪاري دفتر ۾

١٨٤١ع ۾ ڪٺي ويٺي. انهيءَ معاهدي جا ٻه اهڙا ٻئي شرط هئا، جهڙا حيدرآباد جي ميرن ١١- مارچ ١٨٣٩ع واري معاهدي ۾ قبول ڪيا هئا. ٻنهي معاهدن مطابق سنڌو نديءَ تي محصول معاف ڪيا ويا هئا، فقط رواجي ڪسٽم جا لوازما ڏيڻا هئا؛

---

# باب پيو

سر چارلس نيپئر ـ ارهه زورائيءَ جا طريقا ـ ميرن جي هار ـ سنڌ تي قبضو ـ سنڌين جي رضامندي ـ نائونمل جون اميدون برصواب ـ هن جي جلاوطن پٽا جو موٽڻ ـ نيپئر جي زماني ۾ نائونمل جون تڪليفون ـ ديوان چندرام ـ نائونمل جي رهائيءَ لاءِ پانچر جي شاهدي ـ سر بارٽل فريئر جي دوستي ـ جاگير ۽ وظيفي جو ملڻ ـ سي . ايس . آءِ جو خطاب ـ واپاري ڪونيءَ جو سميٽڻ ۽ عالومل ٽيڪمداس جون اعليٰ خدمتون .

هينئر سنڌ جي جداگانه علائقي حيثيت جلد ختم ٿيڻ واري هئي. ١٨٤٢ع ۾، نئين گورنر جنرل، لارڊ ايلنبرو، جنهن جي دل ۾ اهو اثر گهر ڪري ويو هو ته ١٨٤١ع واريءَ ڪابل جيءَ شڪست جو باعث فوجي ۽ سياسي عملدارن جا اختلاف هئا، تنهن آئوٽرام کي ريٽئي، سر چارلس نيپئر (جنهن هسپانيه اپيبت واري لڙائي ۾ بهرو ورتو هو) کي مقرر ڪيو، ته هو سنڌ جي معاملن جون واڳون سنڀالي ۽ مختلف سياسي مسئلا سلجهائي. نيپئر آڪٽوبر ١٨٤٢ع ۾، سنڌ جي سري ۾ پهتو. هن جي فرمائش تي، آئوٽرام (جيڪو انگلستان لاءِ روانو ٿي چڪو هو) ساڻس سياسي مسئلن ۾ تعاون ڪرڻ لاءِ، موٽي آيو. بدقسمتيءَ سان، سر چارلس نيپئر سري خواهه لاڙ جي ميرن سان تشدد جا طريقا اختيار ڪيا، جن جي منظوري دراصل لارڊ ايلنبرو پاڻ ڏني هئي. آئوٽرام انهن طريقن جو عادي نه هو، ۽ نڪي هن جي مشورن کي ڪو وزن ئي ڏنو ويو هو. انهيءَ اختلاف مان جيڪي گل ٽڙيا، سي تاريخ جو هڪ اهم

بدامني ضرور ٿي هئي. مشرق ۾ اهڙن موقعن تي هميشه بدامني ٿيڻ جو امڪان هوندو آهي. مير، مياڻيءَ ۾ لڙائيءَ وقت، ٻروچن جو هڪ غير منظم هجوم (ميرن جي فوج واقعي هڪ غيرمنظم هجوم هو) وٺي آيا هئا. دراصل عوام جي همدردي خيرپور جي پڊي مير، رستم سان هئي، جيڪو پنهنجي ڀاءُ مير علي مراد جي سازشن سبباں پڇي ويو هو. مير ڪڏهن به عوام ۾ مقبول ڪونه ٿيا هئا، ۽ نه وري ڪو هنن ڪڏهن زور يا طاقت جو مظاهرو ڪري، پنهنجو ڌاڪو ڄمايو هو. سر چارلس نيپئر جلد ئي ملڪ وڪٽوريا جي سالگره جي موقعي جو فائدو وٺي، ٢٤- مئي ١٨٤٣ع جي، حيدرآباد ۾ هڪ دربار ڪوٺائي. هن سيني وڏن زميندارن ۽ جاگيردارن کان، نئينءَ حڪومت جي عيوضيءَ جي حيثيت ۾، سلامي ورتي. سڀ زميندار ۽ جاگيردار، سواءِ ڪنهن اعتراض جي، وڏي تعداد ۾ اچي شامل ٿيا ۽ وفاداري جو قسم کنيائون. ان وقت کان وٺي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي ڪشيدگي ڪانه ٿي آهي. غدر جي زماني ۾ يا ٻين لڙاين وقت، ڪنهن به سنڌيءَ (مسلم هجي يا هندو) جي وفاداريءَ ۾ لوڏو نه آيو آهي. صوبي جي ترقي، رياون، آبپاشيءَ جو شاندار طريقو ۽ عاليشان بندرگاهه اڏهيءَ ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته سر چارلس نيپئر جي اوچتي ۽ بنااجازت چڙهائيءَ (جنهن جو ڪارڻ سفارتخاني تي بزدلانه حملو هو)، ملڪ لاءِ نعمت ثابت ٿي آهي.

ميرن جو گهراڻو فقط ٦٠ سالن تائين هليو ۽ انگلنڊ جا حڪمران اڄ (١٩١٤) تائين ٧٢ ورهيه حڪومت ڪري چڪا آهن. ٿورڙن سالن کان پوءِ، سر بارٽل فريئر، جلاوطن ميرن کي

(١) ضميمه ١٦ ۾ ڪي انگ اکر ڏنل آهن جي ڪراچيءَ جي سنڌ جي واپار جي اڄوڪي حالت ۽ سنڌ جي ماليائي آمدني ڏيکارين ٿا.

سنڌ ۾ واپس اچڻ جي اجازت ڏني. هو انگريز سرڪار جي وفادار ۽ پرامن پينشن بردارن جي حيثيت ۾ اڄ تائين مناسب گهرن ۾ رهن ٿا، جيڪي کين نهرائي ڏنا ويا هئا. هن وقت انهن ميرن مان ڪوبہ زندهہ نہ آهي جن جي هوندي سنڌ ختم ٿي هئي.

اهڙيءَ طرح، سيٺ نائونمل جي دلي مراد پوري ٿي ۽ ميرن جي صاحبيءَ جو خاتمو ٿيو ۽ سيٺ نائونمل، پنهنجي پيءُ، سيٺ هوتچند جو، ميرن کان انتقام ورتو. سن ١٨٣٩ع جي بهار ۾، جڏهن انگريزن جي فوج سيٺ نائونمل جي مدد سان، ميرن جي ڪجهيءَ مخالفت هوندي، سنڌ مان لنگهي اڳتي وڌي وئي هئي، تڏهن سيٺ نائونمل جي ملاقات مير مراد علي خان جي پٽن، مير نورمحمد ۽ مير نصير خان سان ٿي هئي. ان ملاقات جو احوال سيٺ نائونمل "يادگيرين" ۾ فخر سان ڪيو آهي. هو چوي ٿو تہ متڪبر ميرن منهنجي اڳيان آجيان ڪئي، هٿ هٿ ۾ ڏنائون ۽ ويهاري، پڇائون تہ "پيءُ جو انتقام دل کولي ورتئي؟" آءٌ ان وقت خاموش رهيس، پر مون کي اهو يقين هو تہ بابي جي قلب کي ضرور آرام رسيو هوندو. چئن سالن کان پوءِ، جڏهن ڪراچيءَ ۾ ميرن جي هار ۽ انگريزن جي فتح جو اعلان ڪيو ويو، تڏهن ان وقت هن جو ڪراڙو پيءُ، سيٺ هوتچند، بندر کان پريرو (انتظار ۾) هڪ جهاز ۾ لڪو ويٺو هو، پنهنجي جلاوطني پوري ڪري، هيٺ لٿو ۽ هن کي وڏي شان مان سان گهر پهچايو ويو. ان وقت هن جي مسرتن جو پيمانو ضرور لبريز ٿي چڪو هوندو.

هن وقت تائين جي خدمتون سيٺ نائونمل سرانجام ڪيون هيون، سي بناڪنهن اجرت جي هيون. هن انگريزن جي مدد غيرت وچان ڪئي، ۽ هن جي پيءُ سان جي زياد تيون ٿيون هيون، هيءُ تن جو بدلو هو. هن ڪيترن موقعن تي جوکو کئي، وڏيون رقمون پيشگي طور هڙان ڏنيون هيون.

چڙي ڏني هئي، جنهن‌کري هن جو ڪارخاني ۾ گهٽو حصو گهٽجي ويو هو. سيٺ نائونمل وارن جو وهنوار، گهٽي ياگي، صرافڪو ۽ ناٿي جي متاستا جو هوندو هو. هن پنهنجي ڏنڌي جو رهيو کهيو حصو، پنهنجي وڏي پٽ، سيٺ تيڪمداس جي حوالي ڪيو، جنهن جا ڪيترن شهرن ۾ گماشتا هوندا هئا. پر هن پوءِ ١٨٦٠ع ڌاري پيءُ جي صلاح سان سڀ ڪوٺيون بند ڪري، سارو ڌيان کيتي ڏانهن ڏنو جنهن ۾ ان وقت وڏيڪ فائدو هو. چاڪاڻ ته ساري خاندان کي اٽڪل ٢٥ هزار ايڪڙ زمين هئي، جنهن ۾ ڏهه موروثي ڳوٺ اچي ٿي ويا. بعد ۾ هن پنهنجو حصو پنهنجي سوٽ، سيٺ آتمارام کي وڪڻي ڏنو. خاندان جا باقي ڀيا فرد اصلوڪي ڌنڌي ۾ مشغول رهيا. سيٺ نائونمل جي ننڍي ڀاءُ جو پٽ، سيٺ گدومل ليڪراج کي اڃا تائين مالابار جي ڪناري تي ڪوٺيون آهن. هو آنَ جو واپار ڪندو آهي ۽ تنهن ڪان سواءِ ڪنڊ جو به وڏو واپاري آهي. سيٺ گدومل، ڪراچيءَ جي معزز ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي ۽ ڪراچي ڪارپوريشن جو رڪن پڻ آهي. سيٺ نائونمل جي ٻئي ڀاءُ، سيٺ پريتمداس جو پٽ، سيٺ آتمارام، ڪجهه وقت ان جو واپار ڪندو هو ۽ هن جا پوٽا هاڻي آنَ ۽ لوهه جو ڌنڌو ڪندا آهن. خاندان جون وسيع زمينون ڪنٽب جا ڀيا فرد سنڀاليندا آهن. سيٺ نائونمل جو ننڍو پٽ، سيٺ ٿانورداس سنڌ ۾ رهندو هو ۽ پنهنجي ڀاءُ ۽ عالومل جي پيءُ، تيڪمداس، سان گڏ جاگير سنڀاليندو هو، جا هند سرڪار سيٺ نائونمل کي هميشه لاءِ ڏني هئي. مؤلف هن تعارف ڏيڻ کان اڳ سيٺ عالومل(١) تيڪمداس جي باري ۾ ڪجهه وڌيڪ عرض

---

(١) حقيقت ۾ سيٺ عالومل جو نالو عالمچند آهي، جنهن جو تصغير عالو آهي، پر سر فريڊرڪ گولڊسمڊ ان ۾ مل جو اضافو

( ڏسو حاشيه صفحي ٤٢ تي )

خانگي ادارا، جن ۾ فيون نتيجن مطابق ورتيون وينديون آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| هاءِ اسڪول | ۱ | ۵ | ۷ |
| ثانوي اسڪول | ۱ | ۷ | ۲۱ |
| هيٺين ڪلاسن وارا اسڪول | ۱ | ۷۳۸ | ۸۱۱ |
| ثانوي اسڪول جن کي امداد ڪانہ ملندي آهي | ۱ | ۳ | ۳ |
| جملي | ۶۲ | ۱۴۳۹ | ۱۷۵۲ |

ڪيترا سال سنڌ ۾ ڪو جدا تعليم جو ماهر انسپيڪٽر ڪونہ هو. تعليم جي ڪم جي نظرداري اڪثر ڪري ڪمشنر جو ذاتي نائب ڪندو هو. تنهنڪري عالومل ئي حقيقي طور تعليم جي محڪمي جو سربراهہ هو. تنهنڪري مٿيان ڪارآمد نتيجا عالومل جي محنت جو ڦل سمجهڻ گهرجي. هن جو وڏي ۾ وڏو ڪارنامو اهو هو تہ هن سنڌ ۾ ننڍڙن خانگي ملان اسڪولن جن ۾ قرآن شريف طوطي وانگر ياد ڪرايو ويندو هو، ڦيرائي ڪارآمد ڳوٺاڻا اسڪول بڻايو. هن ڏس ۾ پهريون قدم مسٽر ايچ. پي. جيڪب، جو تعليم کاتي جو هڪ نهايت اورچ عملدار هو، کنيو هو. پر ان کي عملي جامي پهرائڻ جو ڪم مسٽر عالومل جي حوالي هو.

۱۸۸۹ع ۾، وائسراءِ، عالومل کي "راءِ بهادر" جو خطاب عطا ڪيو، جنهن جو تمغو(۱) کيس هڪ دربار ۾ ڏنو ويو هو، جا ڪمشنر، مسٽر جان جينڪنس، ڪي. سي. ايس. آءِ (جو پوءِ "سر" ٿيو هو) جي صدارت هيٺ ڪوٺائي وئي هئي. صدر هن جو تعارف ڪرائيندي هيٺيان الفاظ ڪم آندا:

"مسٽر عالومل، سنڌ ۾ ايڪيهہ ورهيہ جنهن ايمانداريءَ عقلمنديءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪيو آهي، تنهن جو هن صوبي ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي. هن کي سنڌ جي ماڻهن جي جذبات

(۱) ڏسو ضميمو ۱۴

ڳالهہ تان تڪرار هليو، پر آخر ڌرين جو رضانامو ٿيو. مسٽر عالومل جو ھڪڙو سؤٽ، مسٽر ليلارام گدومل، بي • اي، ٢٥٠ رپيا مهيني جي پگهار تي، ڪراچيءَ جو ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر آهي. هن جو ٻيو سؤٽ مسٽر پريداس لوڪومل، ڪليڪٽر جي خزاني آفيس ۾ ملازم آهي. هن ڏاڏي جي پڳ مسٽر عالومل کي ورثي ۾ ملي آهي ۽ هن جو وڏي ۾ وڏن حلقن، (خانگي خواهہ سرڪاري) ۾ سنمان ڪيو ويندو آهي.

ان ڳالهہ جو ذڪر اڳي ئي ٿي چڪو آهي تہ پڇڇوائيءَ جو خطاب مسٽر عالومل اختيار ڪيو آهي، سو هن جي وڏي سيٺ پڇومل جي نالي جي پٺيان آهي، جنهن جو اتهاس "يادگيرين" جي شروع واري حصي ۾ ڏنل آهي. اڳي رواج هوندو هو تہ ماڻهو کي سندن ذاتي نالي ۽ پيءُ جي نالي سان پڪاريو ويندو هو. ڪجهہ عرصي کان وٺي هندستان جي ديواني عدالتن ۽ يونيورسٽين ۾ اهو مخصوص ڪيو ويو هو تہ نالن وٺڻ جو هي پراڻو طريقو ناموافق آهي؛ تنهنڪري هائي سيني "اقتدار وارن خاندانن کي اها ترغيب ڏني وڃي ٿي تہ هو پنهنجي نالي بدران ڪا ذات يا لقب استعمال ڪن. بنگال ۽ دکن ۾ هميشه پرائين ذاتين جي ڪم آڻڻ جو رواج رهيو آهي.

———

# "يادگيريون"

## خود سيٺ نائونمل جي لفظن ۾

سيٺ نائونمل جي خاندان ۽ هن جي پرواقعات زندگيءَ
جو احوال (١٨٧١ع تائين)، خود سندس زباني ٻڌايل
ڪهاڻيءَ تان انگريزيءَ(١) ۾ ترجمو ڪيل.

## باب ٽيون

نائونمل جو نسل - ڪاهري - نادرشاهه جو حملو - سيوهڻ جي لٽ - ٺٽرا جي قيدين جي سهائتا - ڀوڄومل - ڪرڪ بندر ڏانهن لڏپلاڻ - ڪراچيءَ جو بنياد وجهڻ - قلعي جي تعمير - ڪلهوڙا - راڻي ارجن جو قتل - ڪراچيءَ جو قلات جي حوالي ڪرڻ - ڪلهوڙن جو ٽالپرن هٿان خاتمو - ٽالپرن جو ڪراچيءَ کي محاصرو - ڪراچيءَ تي حملي وقت دريانيمل جي ٽالپرن کي واهر - دريانمل سان رعايتون - هن جي دوستي مير ڪرم عليءَ سان - واگهرن جا بحري ڌاڪا - نائونمل جي وڏن جي دولت - منگلاج - شديد ڏڪار - عظيم خان جو حملو - ڀوڄومل جي ملڪيت جي ورڇ - ڀوريل خزانو - للمنداس - خاندان ۾ اختلاف - مير ڪرم عليءَ جي مداخلت -

---

(١) جنهن جو هاڻي وري انگريزيءَ مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪجي ٿو. - اداره

زمينداري هئي. تنهن کان سواءِ، هو وڏو واپاري ۽ صراف هو. هن چڱو نالو ڪڍيو ۽ شهرواسي کيس وڏي عزت ڏيندا هئا. هن جي پٽ نانڪ، پنهنجي وهنوار کي زور وٺايو ۽ زمين پڻ وڌايائين - هو وڏي ناڻ سان رهندو هو. هن جا گماشتا شاهبندر(١)، ٺٽي(٢)، سونمياڻيءَ(٣)، ٻيلي(٤)، شڪارپور(٥) ۽

---

(١) شاهبندر، جنهن جي لفظي معني آهي بادشاهه جو گهاٽ، سنڌو نديءَ جي حجامڙي ڦاٽ تي هڪ قديم ۽ مشهور بندرگاهه هو. درياءَ جي رخ بدلجڻ ڪري، هاڻي خشڪي تي، درياءَ کان ڇهه ميل پري آهي ۽ ان جي آبادي فقط ٦٧٨ ماڻهن تي وڃي رهي آهي.

(٢) ٺٽو، جنهن جي آبادي هن وقت ٥٩٦٩ ماڻهن جي آهي، لاڙ ۾ دوآبي جي منهن وٽ، لاڙ جو سڀ کان مشهور شهر آهي. گهڻن محققن جو خيال آهي ته اهو ديبل جو قديم شهر آهي جو اٺينءَ صديءَ ۾ عربن فتح ڪيو هو. تنهن کان پوءِ اهو دهليءَ جي شهنشاهن جي نوابن جو صدر مقام هوندو هو. دهليءَ جي هڪ بادشاهه جي پٽ، جو پوءِ شاهجهان جي نالي سان شهنشاهه ٿيو، هڪ عاليشان مسجد منجهس نهرائي، جا اڃا تائين چڱي حالت ۾ آهي. ٺٽو، هندستان ۾ موتين جي واپار جو وڏو مرڪز هوندو هو. اُتي موتي عرب، ايراني نار مان ڪڍي ايندا هئا. تنهن کان سواءِ اتي قيمتي ريشمي ڪپڙي جا ڪارخانا هوندا هئا، مگر هن وقت اها صنعت تقريباً ختم ٿي چڪي آهي.

(٣) سونمياڻي، ڪراچيءَ کان اٽڪل پنجاهه ميلن جي فاصلي تي قلات جي خان جي علاقي ۾، عمان جي نار ۾ هڪ بندر آهي.

(٤) ٻيلو، لسٻيلي جو مکيه شهر آهي، ڪراچي کان پنجاهه ميل

( ڏسو حاشيه صفحي ٥٠ تي )

لاهوري بندر ڏانهن هاڪاري هليو. راڻو ارجن ان وقت رڻي جي ڪوٽ ۾، جو هڪ ٻيٽ تي هو، شڪار لاءِ منزل‌انداز هو. رات وهاڻيءَ، جڏهن راڻو ارجن پنهنجي تنبوءَ ۾ ڏيئو ٻاري ننڊ جي گود ۾ آرامي ٿيو، تڏهن ٻجر ۽ هن جا جوان سيٽهين تي تري، تراريون واتن ۾ جهلي، وڃي مٿس ڪڙڪيا ۽ هن کي گهات ڪيائون. راڻي ارجن کي اولاد ڪونه هو، تنهنڪري ٻجر آسانيءَ سان هن جي ملڪ تي قبضو ڪري ويو. اهو ڪم پورو ڪري، ٺٽي جي نواب کي اطلاع ڪيائين، جنهن کيس هڪ خلعت به ڏني ۽ "جام"(١) جي خطاب سان جوکين جو سردار پڻ مقرر ڪيو.

قلات جي خان جو پاءُ جاڙڪ خان، ڪلهوڙن سان لڙندي مارجي ويو ۽ ڪلهوڙن ان جي عيوض، خون بها طور، ڪراچي قلات جي خان جي حوالي ڪئي. تنهن ڪان پوء، قلات جي

(١) "جام" هڪ هندو خطاب آهي، جنهن جي اصليت جي باري ۾ اختلاف آهن. سنڌ ۽ ان جي پر وارن ملڪن ۾ ڪيترا سردار پاڻ کي "جام" سڏائيندا آهن ۽ اهو خطاب اڪثر ڪنهن قوم جي سردار يا رياست جي حاڪم تائين محدود هوندو آهي. ڪراچيءَ جي ويجهو، لسٻيلي جو حاڪم، جو قلات جي ماتحت آهي، سو به "جام" سڏبو آهي. سنڌ جي اتر ۾ بهاولپور جي سرحد تي، روهڙي ضلعي ۾، اباوڙي جي وڏي زميندار کي به جام ڪوٺيندا آهن. اولهه ڪاٺياواڙ ۾، نواٽنگر جو مهاراجا ۽ مشهور ڪرڪيٽ جو ڪيڏاري، شهزادو رنجيت سنگهجي، جنهن کي اڄڪلهه هرڪو انگريز سڃاڻي، جام جي لقب سان خطاب ٿيندو آهي ۽ هن جي رياست ۽ ان جي گادي به جام‌نگر جي نالي سان مشهور آهن، جيتوڻيڪ انهن جو صحيح نالو نوانگر آهي.

فوج جو هڪ دستو اتي رهندو هو.

سيٺ ڀوڄومل کي چار پٽ هئا: سيٺ دريانومل، لعلمڻداس، ٺاڪرداس ۽ ٻلرامداس. جي سڀ هٿاڪتا ۽ ڄاڻتا جوان هوندا هئا. ڀوڄومل سنبت ١٨٣٨، مطابق ٨٣-١٧٨٢ع ۾ گذاري ويو. چارئي ڀائر گڏ ڏاڍي پريم سان رهندا هئا ۽ پنهنجو واپاري ڪاروبار ٻه چڱو وڌايائون. گدومل گماشتي کي سنبت ١٨٠٥ مطابق ١٧٤٩ع ۾، بمبئيءَ موڪليو ويو، جتان هو پنهنجي ڪوٺيءَ جي ذريعي بنگال ۽ چين سان واپار ڪندو هو. مسقط واري گماشتي، هنسراجمل، ايران، بصري ۽ بحرين سان چڱو چوکو وهنوار قائم ڪيو. انهن جون شاخون ڪابل، قندار، هرات قلات ۽ ڪشمير ۾ ٻه هونديون هيون، سيٺ دريانومل وڏي شان ۽ شوڪت سان رهندو هو ۽ سيٺ لعلمڻداس(١) واپاري ڪاروبار سنڀاليندو هو.

سنبت ١٨٤٠، مطابق ١٧٨٣ع ۾، ٽالپرن، مير ٻجر(٢) جي سرداريءَ ۾ سنڌ ڪلهوڙن کان کسي پنهنجي قبضي ۾

---

(١) سيٺ لعلمڻداس جي زماني کان وٺي سيٺ نائونمل جي زماني تائين، ڪوٺي لعلمڻداس جي نالي سڏبي هئي.

(٢) ”مير“ ۽ ”امير“ ٻئي خطاب آهن، جن جي معنيٰ آهي سردار. ”امير“ حاڪم کي چوندا آهن. پر جتي جتي ”سنڌ جا امير“ اصطلاح ڪم آيو آهي، اتي اشارو سنڌ جي گڏيل حاڪمن ڏانهن آهي. رواجي طرح، عام گفتگوءِ ۾، هڪ امير کي فقط ’مير‘ سڏيو ويندو هو. اهڙيءَ طرح، هن جي عزيزن ويجهن خواهه ڏورانهن، کي ساڳئي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو، ڀوءِ ڀل اهي حڪمران هجن يا نه. مير جو لفظ ڪنهن اهم عهدي جي لاءِ ٻه ڪم ايندو آهي، جيئن ته ميرمنشي، جو هڪ انگريز عملدار جي ڏيهي عملي جو مکيه ڏيهي ڪارڪن هوندو آهي.

آزاد ڪيو وڃي. انهن بحري ڌاڙيلن جو دستور هوندو هو تہ هو هندي وڏي سمنڊ جي اولهائين ڪناري تي سفر ڪندڙ جهازن کان هڪ قسم جو باج يا خراج وصول ڪندا هئا، جنهنجي عيوض هو خراج گذار جهازن کي هرقسم جون راهداريون يا پروانا ڏيندا هئا ۽ ان آڌار تي هو سمنڊ ۾ آزاديءَ سان، واگهرن جي مداخلت کان سواء، آمدرفت ڪري سگهندا هئا. واگهر جو سردار هاٿي خراج تان دستبردار ٿيو ۽ واعدو ڪيائين تہ جن جهازن کي توهان جو پروانو هوندو تن کان خراج وصول نہ ڪيو ويندو ۽ نہ راهداريءَ جي طلب ڪئي ويندي. هن جا شرط قبول ڪيا ويا ۽ هن اهڙي معاهدي تي دستخط ڪئي، ان بعد واگهرن جي قيدين ۽ جهازن کي آزاد ڪري گهر اماڻيو ويو.

سنبت ١٨٦١ مطابق ١٨٠٤-٥ع ۾، آخر انگريز سرڪار، واگهرن جي وڌندڙ سرگرمين کان متاثر ٿي، گومتيءَ ۽ بيٽ جي قلعن تي قبضو ڪيو. پر گومتي ۽ بيٽ، هندن جون پوتر ياترائون هيون، تنهنڪري اهي گائڪواڙ جي استدعا تي احمدآباد(١) جي عيوض، هن جي حوالي ڪيون ويون. اهڙيءَ

---

(١) احمدآباد - اها ڳالهہ صحيح نہ آهي تہ ڪو گائڪواڙ، احمدآباد، انگريزن کي اوکامنڊل جي ياترائن جي بدلي ڏنو هو. دهليءَ جي مغل حڪومت جي پستيءَ وقت، گجرات جي صوبي تي، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ احمدآباد هوندو هو، هاٿوڪي گائڪوار جي پرڏاڏي دماجي گائڪوار جي اڳواڻيءَ ۾، مرهٽا لشڪرن زوريءَ قبضو ڪيو هو. پوني جي پيشوا، مرهٽن جي گڏيل رياستن جي اڳواڻ جي حيثيت ۾، سيني فتح ڪيل ملڪن جي اڌ حصي جي گهر ڪئي ۽ هن کي احمدآباد ۽ ٻين علاقن جو حصو مليو،

( ڏسو حاشيہ صفحي ٦٨ تي )

چانديءَ جي سڪن سان ڀريل، اسان جي گھر جي ڀرسان هڪ جاءِ ۾ پوريل هئا، جنهن کي سيٺ خوبچند جو گدام چوندا هئا. خزاني جي مٿان پنج سؤ مڻ گگر جا(١) پاٽيءَ ۾ ڳوهي لنبيا ويا هئا. زمين اهڙي ته سخت ٿي ويئي هئي، جو مٿن ڪوٽي ڪيڏڻ ۾ ويهن ماڙهن کي مهينو لڳو.

انهيءَ وچ ۾، سيٺ ڀوڄومل جي چئن پٽن مان ٽي پٽ دريانومل، ٺاڪرداس ۽ ٻلرامداس گذاري ويا. باقي منهنجو ڏاڏو لعلمڏاس وڃي بچيو. هو واپار جي ڪم ۾ ڏاڍو ڀڙ هوندو هو ۽ سنڌ ۾ سيڪو سڃاڻندو هو. هن جو سڄو خيال پنهنجي ڌنڌي ۾ هوندو هو. هن پنهنجو ڪاروبار گھڻو وڌايو، جنهن مان ڪيس ججھو فائدو ٿيو.

سيٺ دريانيمل ٻه پٽ ڇڏيا: سيٺ موتيرام ۽ اڏيرنومل. سيٺ لعلمڏاس کي فقط هڪ پٽ، سيٺ هوتچند هو، جنهن کي

---

( آندل حاشيه صفحي ٧٤ تان )

آهي، سو وينس شهر جو سونو سڪو آهي ۽ جو مڪران ۾ مروج آهي. پر دکن ۾ زالن جي هارن ۾ زيور طور ڪم ايندو آهي. هاڻي هندو سونارا به سيتاراميون ناهيندا آهن. اهو لفظ مختلف قسمن جي ننڍن سونن سڪن لاءِ به ڪم ايندو آهي. رام هندن جو مشهور ديوتا هو ۽ سيتا هُن جي پتني هئي. هندن جي خيال ۾ وينس جي سڪن تي جي شڪليون آهن، سي انهن ديوتائن جون آهن.

(١) گگر، سنڌ گزيٽيئر مطابق، مشرقي هندستان جي واپار جو ڏوپ آهي. اهو ڏوپ هڪ وڻ مان نڪرندو آهي جو سنڌ جي ڪوهستاني علائقي ۾ عام ٿيندو آهي. هن موقعي تي ڏسجي ٿو ته گگر گھڻي انداز ۾ ڪم آندو ويو هو. گگر اوٻاري چوني سان ملائجي ته سيمنٽ جهڙو سخت ٿي پوندو آهي.

قبول ڪيان، ڇاڪاڻ ته مان ڪانئس پري ٿي پوان ها، تنهنڪري هن هڪدم بمبئيءَ واري منيم(١)، جو ان وقت ڪراچيءَ ۾ موڪل تي آيل هو، ۽ منهنجي ڀاءُ پرسرام کي موڪليائين ته مون کي واپس وٺي اچن.

راڻي کي جيڪي جوکيا جان جي حفاظت لاءِ موڪليا هئائين، تن کي هن پنهنجي نوڪريءَ ۾ رکيو ۽ هو رات ڏينهن هن جي خوابگاهه تي پهرو ڏيندا هئا. راڻي جي وڏي زال هن کان بدظن ٿي چڪي هئي. هن کي فقط هڪ پٽ هو ۽ سندس مرضي هئي ته راڻو انهيءَ جي حق ۾ دستبردار ٿئي. راڻي اها ڳالهه نه پئي مڃي ۽ ڇيائينس ته ڪجهه وقت ترس انهيءَ تي هن جي پاڻ ۾ اٿٻاٽ ٿي پئي. راڻي کي هن مان هروقت حياتيءَ جو خوف رهندو هو. تنهنڪري هن کي پنهنجي لاءِ خاطريءَ جهڙا نوڪر کپندا هئا.

پرسرام ۽ نارومل کي هدايتون مليل هيون ته مون کي هڪدم واپس وٺي اچن. مان هنن جي اچڻ تي راڻي وٽ ويس ۽ ڇيومانس ته ڏاڏي جو حڪم آهي تنهنڪري مون کي هن وٽ وڃڻو پوندو. منهنجي ڏاڏي جي مرضي آهي ته توهان جي آڇ قبول ڪريان، پر ڪجهه وقت لاءِ مون کي ضرور ڪراچيءَ وڃڻو پوندو. ڪراچيءَ ۾ مان ڏاڏي سان صلاح ڪندس ۽ هن جي اجازت وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. پر جي اوهين به ان باري ۾ کيس لکندؤ ته مان خوشيءَ سان موٽي ايندس. پوءِ راڻي کان موڪلائي، پرسرام، نارومل ۽ مان پاڻيءَ رستي، ڪراچيءَ روانا ٿياسين، جتي اسان چيٽي چنڊ(٢) جي ڏينهن پهتاسين. آءٌ پور بندر ۾ سادا چار مهينا رهيس. موٽڻ وقت، بندر تي اٽڪل

---

(١) منيم، يعني منشي.

(٢) چيٽي چنڊ يعني چنڊ جي پهرين تاريخ يعني ڦڳڻ مهيني کان پوءِ جڏهن هندن جو نئون سال شروع ٿيندو آهي.

مگر پير(١) ۾ ملير تائين، سيڏو سامان موڪليو ويو.

———

(١) مگر پير، ڪراچيءَ کان ١٢ ميلن اتر طرف مشهور پائيءَ جو تلاءُ آهي، جنهن ۾ گرم چشمن مان پاڻي ايندو آهي؛ عام مشهور آهي ته انهن چشمن جو پاڻي صحت بخش آهي. ان جي پرسان هڪ قديم مسلمان وليءَ جو مقبرو آهي، جنهن گهڻا ماڻهو زيارت لاءِ ايندا آهن. انهيءَ تلاءَ ۾ وڏا واڳو يا مگرمڇ آهن. تنهنڪري انگريزن ان جو نالو منگهي پير مان ڦيرائي مگر پير رکيو آهي.
(ڏسو سر رچرڊ برٽن جو ڪتاب "سنڌ جو پهو سفر.")

# باب چوٿون

مسلمانن جو هنگامو- هندن تي جلهه- نائونمل جي ٻيءَ سيٺ هوتچند کي حيدرآباد کان سڏ- پرسرام جو فرار ٿي وڃڻ- هوتچند سان وحشيانه برتاءُ- ڪڇ ۾ پناهه وٺڻ- مير مراد عليءَ کي ليلائڻ- شاهه شجاع هٿان ميرن جي هار- ڪلڪتي واريءَ ڪوٺيءَ جو بند ڪرڻ- سر اليگزينڊر برنس- ميرن جي مخالفت- ڪئپٽن ڪارليس جو وارد ٿيڻ- نائونمل جو ڪيس نواب جي چنبي مان بچائڻ- بندر جي جاچ پڙتال- نائونمل کي ڪرنل پاٽنجر جي، سنڌو نديءَ جي چوڙ وٽ، فوج لاءِ، اُٺن ۽ سيڌي سامان مهيا ڪري ڏيڻ لاءِ فرمائش- جوڪين جو چام- گهاري ۾ نائونمل سان آئوٽرام جي ملاقات- نائونمل جو وهٽ ۽ سامان مهيا ڪري ڏيڻ- گهوڙا باريءَ وٽ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ پاٽنجر، اسٽوڪ ۽ سر جان ڪين سان ملاقات- بامنيڪوٽ ۾.

سنت ١٨٨٨ [١٨٣١-٣٢ع] ۾، هڪڙي ڏينهن، نصرپور جي هڪ هندو مزور جي پٽ ڪُنڌي سان، سنڌس واجهي (استاد)، جنهن وٽ پڙس ڪيس پڙهڻ لاءِ ويهاريو هو، سختي ڪئي. ڇوڪر بيزار ٿي وڃي هڪ مسجد جي در جي پرسان ويهي رهيو. اها مسجد ان محلي ۾ هئي، جتي هاٿي ڏوبي رهندا آهن. ڪن مسلمانن جي هن تي نظر پئي ۽ ريهي ريبي اندر وٺي وڃي ويهارياٿونس. ان تي ڪاوڙجي هندو دڪاندارن

ٿيا ۽ رٿون رٿيائون تہ هاٿي ڇا ڪجي. سيد نورل شاھ ٺٽي، شاھ بندر، مٽيارين، حيدرآباد ۽ هالا ۾ وڃي، قرآن مصحف وجهي، مومنن کي ڀڙڪايو تہ ٻيلي هاٿي اٿي ڪا واھر ڪريو. اها خبر سڄيءَ سنڌ ۾ پکڙجي وئي ۽ سڄي صوبي کي مذهبي جوش جي باھ وڪوڙي ويئي. مسلمان سڀ يڪمشت ٿي ويا. هندو بہ گڏ ٿيڻ لڳا. انهيءَ وچ ۾ منهنجو پياءُ پرسرام ڪنهن نموني ڪسڪي سنڌ مان جيسلمير(١) هليو ويو. مسلمان، وڏي تعداد ۾ اچي حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا ۽ ڏاڍو شور ڪيائون. مير مراد عليءَ تي زور ڀريائون تہ سيٺ هوتچند کي فرمان(٢) موڪلي تہ پنهنجي پٽ پرسرام کي حيدرآباد روانو ڪري. پرسرام ڪراچيءَ ۾ ڪونہ هو. مير مراد عليءَ ٻيو فرمان موڪليو تہ پٽ جي بدران تون اچي حاضر ٿيءُ. تنهنڪري سيٺ هوتچند اٽڪل ٻہ هزار هندو ساڻ وٺي پاڻ حيدرآباد روانو ٿيو. فرمان سان گڏ سيٺ جي حفاظت لاءِ هڪ فوجي دستو بہ آيو هو. هن سيٺ کي جان جي سلامتيءَ جي خاطري ڏني ۽ چيائونس تہ اسان سان گڏجي هل. مسلمان ارهہ زورائي ۽ سرڪشيءَ کان ڪم وٺڻ لڳا، پر مير مراد عليءَ هنن کي منع ڪئي ۽ سيٺ هوتچند جي خلاف هٿ کڻڻ کان روڪيو. پوءِ مسلمان وڃي ميرمراد عليءَ جي ڏيءُ وٽ پهتا، جا پڳ(٣) جي وارث مير محمد جي زال هئي. هن کي ميڙون منٿون ڪري پنهنجي طرف ڪيائون. پوءِ هن کي قرآن ڏئي پڙس ڏي سڙ ڪري موڪليائون. هو کيس جواب تہ نہ ڏئي سگهيو، پر چيائينس تہ سيدن کي سمجهاءِ تہ حيدرآباد ۾ ڪا زيادتي نہ ڪن ۽ وڏيڪ

---

(١) جيسلمير، سنڌ جي اولهائينءَ حد تي، راجپوتانا جي هڪ مشهور رياست جو صدر مقام آهي.

(٢) فرمان معنيٰ شاهي حڪم.

(٣) مير غلام عليءَ جو پٽ، جو ڇهن ڀائرن مان ٻيو عدد هو.

هڪ يورپي جهاز خريد ڪيو، ۽ راچرس نالي هڪ انگريز کي، ان جو ڪئپٽن مقرر ڪيائين، جو چار سؤ رپيا ماهوار پگهار کڻندو هو. هن جهاز ۾ پيا ٻه مختلف عهدن وارا عملدار هئا. ڪپتان جي هيٺان هڪ انگريز نائب هو، جنهن کي مهيني ۾ ٻه سؤ رپيا ملندا هئا. ڪپتان سان سندس زال، جا ٻه هڪ انگريز هئي، گڏ هئي. اهو جهاز چين ۽ جاوا جي وچ تي ڀاڙو کڻندو هو ۽ بعضي بعضي بمبئيءَ ۽ ملبار جي ڪناري تي جيڪي شهر آهن، تن لاءِ مال کڻي ويندو آهي.

مير مرادعليءَ سنبت ١٨٩٠ [١٨٣٣-٣٤ع] جي آسوءَ مهيني ۾ گذاري ويو. مرڻ کان اڳ، جڏهن اڃا هن جا حواس سالم هئا، تڏهن هن پنهنجي دل جا غبار لاهڻ هيٺينءَ ريت ظاهر ڪيا:

”مون کي هاڻي بچڻ جي ڪابه اميد ڪانه آهي، پر مون کي ان ڳالهه جو سخت افسوس آهي ته مان شاهه سجاول[١] کي لڏياڻي کان حيدرآباد اچڻ کان پوءِ، ڇو رهڻ جي اجازت ڏني ۽ هن جي رهائش جو انتظام ڇو ڪيو.

٢- انگريز سرڪار سان معاهدو ڇو ڪيو. جيڪڏهن ملان جيئرو هجان ها ته اهو ضرور ڀاڙيان ها، پر مون کي شڪ آهي ته منهنجا جانشين ان جي عزت يا پوئواري نه ڪندا.

٣- مان پنهنجن پٽن[٢] جي وچ ۾ ناهه ڪرائڻ ۾ ناڪامياب ٿيو آهيان.“

مير انهن احساسن جي اظهار ڪرڻ کان ٻه ڏينهن پوءِ گذاري ويو. هن جي وفات کان پوءِ شاهه سجاول، شڪارپور ۾ زور

[١] شاهه سجاول، شاهه شجاع جي نالي سان مشهور آهي.

[٢] مير نورمحمد ۽ مير نصيرخان هن جا پٽ هئا. هنن پيءُ جي مرڻ کان پوءِ حڪومت پاڻ ۾ تقسيم ڪئي ۽ ان کان پوءِ هڪٻئي سان برادرانه سلوڪ رکندا هئا.

ورتو ۽ پنهنجو اثر وڌايو. ان تي حيدرآباد جا گڏيل حڪمران مير نورمحمد، نصير خان، مير محمد خان ۽ مير صوبدار خان، بنا سوچ سمجهه جي، هڪ وڏو ڪٽڪ [ڏسڻ جو ذيل] وٺي شاهه سجاول تي ڪاهي ويا. هو روهڙيءَ جي پرسان سنڌو نديءَ جي ڪناري تي چانوٽي هنيو ويٺو هو. شاهه سجاول [شجاع] جو وزير، سمندر خان، اٺ هزار روهيلن ۽ خراساني پٺاڻن جي فوج سان هنن جو مقابلو ڪيو. سنڌو نديءَ جي هن پر، سکر طرف سخت لڙائي لڳي، جنهن ۾ ميرن جي پنجاهه هزار لشڪر، شڪست فاش کاڌي. هن واقعي، يعني سمندر خان جي فتح ۽ ٽالپرن جي شڪست جي سڀڪنهن کي خبر آهي، تنهنڪري ان کي تفصيلوار دهرائڻ جي ضرورت نه آهي.

سنبت ١٨٩٢ [١٨٣٥-٣٦ع] ۾ سيٺ ٺاڪرداس جو پٽ ويرومل گذاري ويو. سنبت ١٨٩٢ [١٨٣٥-٣٦ع] ۾ منهنجي پاڙن گوپالداس ۽ تلسيداس جون ڏام ڏوهر سان شاديون ٿيون. تلسيداس جي اها ٻي شادي هئي، هن جي پهرين زال گذاري وئي هئي.

سنبت ١٨٩٢ [١٨٣٥-٣٦ع] جي آخر ۾، ليفٽيننٽ ڪرنل [جو پوءِ سر هينري ٿيو هو] پاٽنجر[١]، حيدرآباد آيو. منهنجي

[١] سر هينري پاٽنجر [١٧٨٩-١٨٥٦]، انهن اوائلي سياحن مان آهي جن، سنڌ ۽ سنڌ جي پار وارن ملڪن ۾ تحقيقات ڪئي هئي. هو ١٨٢٥ع ۾، سنڌ جي همسائي ملڪ، ڪڇ ۾ مقامي سفير مقرر ٿيو. ان کان پوءِ هو سنڌ ۾ سياسي سفير هو، جتي هن ميرن سان معاهدي ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ٻولهيون هلايون هيون ۽ هنن کان انگريزن جي فوج لاءِ سنڌ مان ڪابل طرف لنگهي وڃڻ جي اجازت ورتي هئي. انهن خدمتن لاءِ هن کي "بئرونيٽ" ۽ جي . سي . پيءَ جا

( ڏسو حاشيه صفحي ٩٩ تي )

اسان کي مخفي طور ڪلڪتي مان هڪڙي دوست کان خبر پئي ته اسان جي منيم، نيڀومل جو ڀائٽيو، چيتانند پرمانند، اسان جي پئسي سان خوب عيش ۽ شرابخوري ڪري رهيو آهي ۽ هن جو چاچو ان باري ۾ هن کي ڪابه ملامت نٿو ڪري. چون ٿا ته هڪ ڏينهن نشي جي حالت ۾ هن هڪ طائفه کي هزار روپيي جي "رت" (موڙ) ڏني هئي. انهيءَ تي اسان نيڀومل کي لکيو ته ڪلڪتي جي ڪوٺيءَ جو ڪاروبار هڪدم بند ڪري، ڪتاب کڻي، ڪراچيءَ هليو اچي. نارومل به اسان جي لکڻ تي حساب-ڪتاب ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ کان موٽي آيو. هن ڏانهن اسان جا گهڻا پئسا نڪتا. منهنجي ڪنهن به ڀاءُ کي حساب-ڪتاب نه ايندو هو ۽ مان ان وقت انگريز عملدارن سان رابطو رکي چڪو هوس ۽ پنهنجو سمورو وقت هنن جي فرمائشن ۽ حڪمن جي تعميل ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هوس. تنهنڪري مون کي نارومل جي حساب-ڪتاب ڏسڻ جو وقت ڪونه هو(١). هن جو چوڻ هو ته مان غريب آهيان ۽ پورو ڪپڙو به انگ تي نه اٿم.

سنبت ١٨٩٢ [١٨٣٥-٣٦ع] ۾، مسٽر (پوءِ سر) اليگزينڊر برنس، جو ڏيڄ ۾ ميجر پاٽنجر جو نائب هو، مسٽر ليڪيءَ سان گڏجي سنڌ ۾ آيو، جتان هن کي بمبئي سرڪار جي حڪم مطابق لاهور ۽ ڪابل وڃڻو هو. ڪابل کان موٽڻ بعد، مسٽر اي. برنس کي لاهور ۾ رکيو ويو، جتان هن سنبت ١٨٩٤ [١٨٣٧ع] ۾ هڪ خط لکيو ته جيڪڏهن تون سرڪار

---

(١) ممڪن آهي ته انهن نگين جي ڪري، ڪارخانو ڏٽڙجي ويو هجي. سيٺ نائونمل لاشڪ پنهنجو وقت، پنهنجي ڌنڌي کان وڌيڪ، انگريز سرڪار جي حڪمن جي تعميل ڪرڻ تي صرف ڪندو هو. ممڪن آهي ته انهيءَ سببان سنڌس ڪارخاني کي ڪافي نقصان رسيو هجي -مؤلف

جون خدمتون منهنجي معرفت ڪرين ها ته مان توکي اڄ ڪنهن وڏي عهدي تي رسايان ها. هوڏانهن مسٽر ليڪيءَ جو پنيان قلات ۾ رهي پيو هو، تنهن مون کي لکيو ته اڍائي سؤ رڍ ون(١) ولي بمبئيءَ موڪل، جو انهن جي انگلنڊ ۾ ضرورت آهي. اهي رڍون، دڄا سوڍو، سون ميانڻي ڪاهي آيو ۽ مون پنهنجي گماشتي کي لکيو ته بمبئيءَ ڏياري موڪلي.

سنبت ١٨٩٣ [١٨٣٦-٣٧ع] ۾، ڪرنل پاٽنجر مون کي لکيو ته مسٽر برنس جي ننڍي ڀاءُ، ڊاڪٽر برنس کي سنڌ جي رستي لاهور وڃڻو آهي. هو ڪراچيءَ ۾ لهندو، جتان حيدرآباد ڏسندو، اڳتي ويندو. تون وڃي هن سان مل ۽ سندس واهر ڪر. حيدرآباد جي ميرن کي به اطلاع ڪيو ويو ته ڊاڪٽر برنس ڪراچي ڏسڻ گهري ٿو. هنن پنهنجي نواب ڏي لکيو ته ڊاڪٽر برنس کي ڪراچيءَ ۾ لهڻ جي اجازت نه ڏني وڃي، بلڪ هن کي گزري(٢) تي لاهي وري ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي، ڪيٽي بندر رستي حيدرآباد نيو وڃي. مير جا ماڻهو ڊاڪٽر برنس جي تاڙ ۾ ويٺا هئا. هو جيئن پهتو ته هن کي گزري نيئي، اتان ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي حيدرآباد روانو ڪري ڇڏيائونس. منهنجا ماڻهو به هوشيار هئا: جيئن ئي موقعو ملين تيئن وڃي ڊاڪٽر برنس سان مليا ۽ کيس منهنجا سلام ڏنائونس ۽ منهنجي طرفان مکڻ ۽ سڪو ميوو نذر رکيائونس. هن کي ڪرنل پاٽنجر جي

---

(١) بلوچستان جي رڍن جي ننڍن وارن واري پشم نهايت مقبول آهي. اهي رڍون شايد انهيءَ مقصد سان انگلنڊ موڪليون ويون هيون ته جيئن اتي اهڙو نسل پيدا ڪجي.

(٢) گزري بندر، گزريءَ يا گهاري جي ڪاريءَ تي هڪ گهاٽ آهي، جو هاڻي گهڻو ڪم نه ايندو آهي. گهارو سنڌو نديءَ جو اولاهون ڦاٽ آهي، جو ڪراچيءَ جي هاڻوڪي بندر کان ٻه يا ٽي ميل پري ڇوڙ ڪري ٿو.

ڪيپٽن ڪارليس ۽ آن پيا صاحب لوڪ احمد سان گڏجي ٻهاڙي طرف روانا ٿي ويا. مان گهر اچي سنان ڪري ناشتي تي ويٺس ته ايتري ۾ هڪڙي نفر اچي ٻڌايو ته ڪراچي جو نواب حسن خان ان ڳالهه تي ڪاوڙيو آهي ته صاحب لوڪن کي اهڙي همت تي آهي جو هو بنان اجازت جي احمد سان گڏجي اسان جي ملڪ اندر هليا ويا آهن. وڌيڪ چيائين ته هو سؤ ماڻهو وٺي هنن جي تعاقب ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو آهي ۽ چئي پيو ته مان هنن کي قتل ڪندس. مون کي جڏهين اها خبر پئي، تڏهين چار-پنج ماڻهو وٺي گهوڙن تي ٽڪڙو ٽڪڙو صاحب لوڪن جي پٺيان ويس ۽ جارا ٻنيءَ جي ٽڪرين وٽ وڃي انهن کي پهتس ۽ چيومان ته حسن خان، نواب، سخت ڏمريو آهي، چڱو ائين ٿيندو ته توهان موٽي اچو ته متان هو توهان جو پيڇو نه ڪري. احمد خان کي جڏهين خبر پئي ته حسن خان هنن کي مارائيندو ته هو هوا وانگي فرار ٿي ويو ۽ مان صاحبلوڪن کي واپس وٺي آيس. موٽ تي حسن خان کي ايندو ڏٺم. هو گهوڙي تي هو ۽ پٺيان ڪيترا هٿيار بند ماڻهو پيدل ٿي آيس. گهوڙو ڊوڙائي وڃي ڪيس پهتس ۽ صاحبلوڪن کي چيم ته توهان اتي ترسو. مون حسن خان کان پڇو ته ڇا ماجرا آهي؟ چيائين ته مان صاحبلوڪن کي اصل نه ڇڏيندس. هنن جو حوصلو اهڙو وڏي ويو آهي، جو هو اجازت کان سواءِ منهنجي علائقي ۾ شڪار لاءِ گهڙي آيا آهن. مون چيومانس ته ان ۾ صاحبلوڪن جو ڪهڙو قصور؟ مقاطعيدار جو پاڻئيو، جيڪو خود دربار جو عملدار آهي، سو کين دعوت ڏئي شڪار لاءِ وٺي آيو آهي. غصي ۾ جواب ڏنائين ته مان احمد کي به جهلي سبق سيکاريندس. تنهن تي سون ٻڌايومانس ته احمد ته ڀڄي ويو آهي، پر صاحب منهنجن ماڻهن سان بيٺا آهن. چيومانس ته تون خوفناڪ هٿيارن سان ٿو ڪيڏين، ميرن کي اها روش نه وڻندي ۽ هو توکي ملامت ڪندا. ان تي هو ڪجهه ٿڌو

مون کي شام جو ملڻو ۽ مان اهو ڪپتان ڪارليس ڏي موڪليو ۽ اهو به چوائي موڪليومانس ته حسن خان هاڻي پشيمان ٿيو آهي. ٻئي ڏينهن جڏهين مان ڪپتان ڪارليس ڏانهن ويس ته حسن خان ٻيءَ ڀيري ۾ منهنجي ڪڍ آيو. هن بار بار معافي گهري ۽ پڇتاءُ ظاهر ڪيو. پوءِ ڪپتان ڪارليس، منشي چيتانند جي نالي هڪ خط لکايو ته حسن خان وڏي خطا ڪئي آهي، پر جنهن صورت ۾ هن پڇتايو آهي ۽ معافي ورتي اٿس، تنهن صورت صورت ۾ هن جو ڏوهه نظرانداز ڪجي ٿو.

ڪپتان ڪارليس ٽي مهينا ڪراچيءَ ۾ هو. هن جا يوربي عملدار سڄو ڏينهن جهاز تي ماپڻ وڻڻ ۾ مشغول هوندا هئا ۽ رات جو هو موٽي منهنجي گهر ايندا هئا. ٽن مهينن جي گذرڻ کان پوءِ، ڪپتان ڪارليس، سون مياڻيءَ روانو ٿي ويو. جتان پوءِ هو بصري ويو. مون هن کي ٻنهي شهرن ۾ پنهنجن گماشتن لاءِ تعارفي چٺيون ڏنيون. مون کي خوشي آهي ته منهنجن گماشتن هن جي خاطر خواهه خدمت ڪئي- هن اتان موڪلائڻ وقت اسان جي سيني گماشتن کي سفارشي چٺيون ڏنيون. ڪراچيءَ ۾ ڪئپٽن ڪارليس جي مون سان دوستي هئي ۽ هو مون وٽ رهندو هو. ان ڪري سنڌ توڙي سنڌ جي پاڙيوارن ملڪن جي ماڻهن سمجهيو ته انگريز سرڪار سنڌ ۾ مون کي پنهنجو سفير مقرر ڪيو آهي.

سنبت ١٨٧٥ (١٨٣٨ع) جي بڍي مهيني ۾ ڪرنل پاٽنجر، ڀڄ کان حيدرآباد پهتو، جتان مون کي لکيائين ته انگريزن جي هڪ وڏي فوج سرجان ڪين جي قيادت هيٺ، بمبئيءَ کان گهوڙا باريءَ (١) رستي بامنيڪوٽ لاءِ رواني ٿي چڪي آهي،

---

(١) گهوڙا باري، سنڌ ۾ ڪراچيءَ کان پوءِ، ٻين سيني کان اهم بندرگاهه هو ۽ اڃا آهي، پر درياءَ جي ڦير ڦارين (ڏسو حاشيه صفحي ١٠٦ تي)

جتان اها، سنڌونديءَ رستي شڪارپور ويندي. سموري سفر ۾ ان جي آسائش ۽ رسد جو انتظام ڪرڻو آهي. آءٌ توکان سواءِ، ڪنهن ٻئي کي اهڙو ذڪيو ۽ اهم ڪم حوالي نٿو ڪري سگهان؛ چاڪاڻ ته منهنجو تو ۾ پورو پورو اعتماد آهي. اميد ته تون هي ڪم عقل، قابليت ۽ پوريءَ جانفشانيءَ سان نباهيندين. هن انهيءَ خط سان گڏ هڪ ٻن لکن ڪوڙين (پنج جو سڪو) جي ٻچ جي واپارين تي هنڊي (١) ۽ ٻيون بمبئيءَ ۽ ڪلڪتي جون هنڊيون به موڪلي ڏنيون. انهن کي ضرورت مطابق مٽائي، رسد جي محڪمي لاءِ چانور، ڪڻڪ، جوَ ۽ باجهري خريد ڪرڻي هئي. اهو سامان وري آهستي آهستي، مختلف ٻيڙين جي رستي ٻچ واري ماڌي ڏانهن، گهوڙا باريءَ موڪلڻو هو.

---

(آندل حاشيه، صفحي ١٠٥ تان)

ڪري، اهو شهر بار بار نئين سر تعمير ڪيو پئي ويو آهي ۽ هر نئون اڏايل شهر گهوڙا باري سڏبو رهيو آهي. جنهن زماني جو قصو آهي ان وقت گهوڙا باريءَ جو بندر، وڪر نالي ڇوٽ وٽ هو، جو هاڻي سمنڊ کان ڪافي پري آهي ۽ درياءُ به ڇڏي ويو اٿس. هاڻي تيرهن ميلن جي فاصلي تي ڪيٽيءَ جي نئين بندر، جيڪو ٺٽي کان ست ميل ڏکڻ - اولهه طرف آهي، ان جي جاءِ ورتي آهي. ڪيٽي بندر، جنهن کي ڪيٽي گهوڙا باڙي چوندا آهن، تنهن کي به درياءَ تي دفعا لوڙهي ويو آهي ۽ ان کي وري وري درياءَ جي ڪپ تي نئين سر تعمير ڪيو ويو آهي. ڪيٽيءَ ۾ ٢٥٢٧ ماڻهو رهن ٿا. بندر، عمارتي ڪاٺ ۽ ٻين ڳرين شين جي واپار ۾ ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي بندرن سان ساحلي تجارت لاءِ استعمال ٿيندو آهي.

(١) هنڊي يعني ناڻي جي چٺي.

علائقي مان لنگهي وڃڻ کا اڪ جي ماڪي لاهڻي نہ آهي.
فرنگين جي فوج جو ضرور مقابلو ڪيو ويندو ۽ شايد لڙائي
لڳي، جنهن ۾ اوهان غريب انن وارن کي اجايو نقصان رسندو
۽ مفت مارجي ويندؤ. اوهان جي ڀلائي انهيءَ ۾ آهي تہ ڀاڙي
تي اُنن ڏيڻ کان انڪار ڪريو. اهي ڳالهيون تفصيلوار منهنجي
ڏيان تي آيون. مون برهمائي بلوچن کي، جي اسان جي وڏن
کان ملازم هوندا هئا ۽ پنهنجي اخلاقي اثر هيٺ هئا، گهرائي
ڪائڻن پنج سؤ اُٺ خريد ڪيا، جي هنن جي قبيلي جي ملڪيت
هئا. اهڙيءَ طرح مون ڪن ٻين ماڻهن کان، جن تي منهنجو
اعتبار هو، اُٺ ڀاڙي ڪيا. پوءِ مون خيال ڪيو تہ ڪراچيءَ
کان ٿي ڪوهہ پري، گهاري(١) ۾، جتي اسان جي سؤ سالن
کان ڪوٺي هرندي هئي، اتي وڃي ڪجهہ وقت رهجي تہ جيئن
زياده آسانيءَ سان اُٺ هٿ ڪري سگهجن. ڇاڪاڻ تہ ڪراچيءَ
۾ امڪان هو تہ انن جو گهربل تعداد نہ بہ ملي سگهي. اهو
فيصلو ڪري، ڀاڙي تي هٿ ڪيل انن جي مالڪن کي صلاح
ڏنم تہ اُٺ ڪاهي گهاري هلو، جو اتي چارو جام آٿوَ. پوءِ
آءٌ بہ ماٺ ميٺ ۾ گهاري هليو ويس. گهاري ۾ پنهنجي سرگماشتي

(١) گهارو، دابيچي اسٽيشن کان اُٺ ميل پري، ميرپور ساڪري
تعلقي ۾ آهي. ان جي آبادي هاڻي اڳي کان اڌ جيتري
آهي، يعني ٨٠٠ يا ١٠٠٠ ماڻهو ٿيندي. گهاري جو اڃا بہ گزري
ڦاٽ جي معرفت ڪراچيءَ سان رابطو آهي. پر ڪراچي-
ڪوٽڙي ريلوي جي ڪري ان جي تجارتي اهميت گهٽ
ٿي وئي آهي گهارو، ڀنڀور جي قديم ڦٽل شهر کان گهڻو
پري نہ آهي. گهڻن ماڻهن جو خيال آهي تہ ڀنڀور، ديبل
جو پراڻو شهر آهي، جنهن تي ستينءَ صديءَ ۾ پهرئين عرب
فاتح حملو ڪيو هو. ٻين محققن جو خيال آهي تہ ديبل
۽ ٺٽو هڪ ئي شهر آهي.

هن جي حليمت، اخلاق ۽ دورانديشيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿيس.
مون کي يورپي ماڻهن جي صحبت جو شرف اڳي ڪڏهن به
حاصل ڪونه ٿيو هو ۽ مان هنن جي رسمن، رواجن ۽ عادتن
کان پڻ غيرواقف هوس. مان ڪرنل پاٽنجر جي ٻهرين نائب،
ليفٽيننٽ ايسٽوڪ جو شڪرگذار آهيان، جنهن مون کي پنهنجن
رسمن رواجن کان چڱيءَ طرح واقف ڪيو ۽ چيائين ته اسان
سان لاڳاپي رکڻ مان توهان کي وڏا فائدا ٿيندا. ان کان پوءِ
مان وڏيڪ سرجوشيءَ سان ڪم ڪرڻ لڳس. ليفٽيننٽ ايسٽوڪ،
هڪ نهايت خوش مزاج، بي تڪلف، خوش گفتار، حليم طبع ۽
صاف گو ماڻهو هو. هن پنهنجي نيڪ عادتن سان هرڪنهن جون
دليون موهي ڇڏيون هيون. هو سنڌ ۾ پنهنجي خوش مزاجيءَ
سببان مشهور هو.

آءٌ جڏهن ڪرنل پاٽنجر سان مليس، تڏهن هن مون کان
ٻهتن ۽ فوج جي رسد بابت پڇيو. مون هن کي مڪمل تفصيلوار
احوال ڏنو. احوال ٻڌي نهايت خوش ٿيو ۽ چيائين ته جيڪي
شيون ۽ سامان تو رسد جي محڪمي جي اعليٰ عملدار، ميجر
ڊيوڊسن کي وٺي ڏنو آهي، تنهن جي مون کي تفصيلوار فهرست
ناهي ڏي ۽ جيڪي اٺ ۽ ڏڳا پاڙي تي ڪيا اٿئي، سي پڻ
هن جي حوالي ڪر. پوءِ هن مون کي فوج جي سالار سر جان ڪين،
لاءِ هڪ تعارفي خط ڏنو ۽ چيائين ته وڃي ساڻس مل. چنانچ
مان سر جان ڪين جي خيمي ڏانهن ويس ۽ ڪرنل پاٽنجر جو
رقعو اندر موڪليم. سپهه سالار مون کي نهايت شفقت سان پيش
آيو. سر جان ڪين پاڻ هندستاني نه ڳالهائي سگهندو هو. هن
جي هيٺان ٽي نائب هئا: ڪئپٽن آئوٽرام، ڪئپٽن پاويل ۽ ميجر
ڪين. هن مون کان سيڌي سامان جي باري ۾ سوال ڪيا.
مون ٻڌايومانس ته سڀڪجهه نيڪ آهي. تنهن تي حڪم ڪيائين
ته سمورو سامان رسد جي ڪميسري جنرل (اعليٰ افسر)، ميجر
ڊيوڊسن جي حوالي ڪر. مون حڪم جي تعميل ڪئي ۽

جيڪو سامان سرڪار جي گماشتي، ماڙ وجيءَ ڏانهن گهوڙاپاريءَ موڪليو هوم، تنهن جو پڻ تفصيلوار احوال جنرل کي ڏنم. ان ڪان پوءِ جيڪي ڪجهه موڪليو هوم، سوبه پڌايومانس. هن اٺ ۽ ڏيکيا ڏسي، گڏي، پنهنجي حوالي ڪيا. ڪرنل پاٽنجر مون کي هدايت ڪئي تہ ڪميسري جنرل جي حڪمن جي پوري پوري تعميل ڪجانءِ ۽ رسد ۽ وهٽن وغيره لاءِ هو جيڪي فرمائشون ڪري تن جو ڌيان رکجانءِ. وڌيڪ چيائين تہ پنهنجي ڀاءُ سکرامداس کي چؤ تہ اٺن ۽ ڏيڻن جي سنڀال ڪري ۽ جتن کي خوش رکي. مون اهو سمورو ڪاروبار، بنا ڪنهن اجوري جي ڪرڻ جو وعدو ڪيو. درحقيقت، شروع ۾ مون انگريزن جي جيڪا بہ خدمت ڪئي هئي، سا سموري بنا ڪنهن اجوري جي هئي. مان سيڌي سامان جو مقاطيدار ڪونہ هوس. مون سياسي خدمت مالي نفعي جي ارادي سان ڪانہ ڪئي هئي. منهنجي جان ۽ مال هر وقت جوکي ۾ هوندو هو. هر ڪنهن کي معلوم هو تہ ٽالپرن جي حڪومت، جنهن جو مان زيردست هوس، سنڌ مان انگريزن جي فوج کي رستي ڏيڻ جي خلاف هئي ۽ هنن جي نظر ۾ انگريزن جي مدد ڪرڻ سندن مفاد جي خلاف، بلڪ حڪومت جي توهين هئي. پر منهنجي خاندان سان، پوين ميرن جي مذهبي تعصب جي اثر هيٺ، جيڪي ظلم ڪيا ويا هئا، تن جي ڪري اسان کي سخت رنج هو. انگريز سرڪار لاءِ قربانيون، مون فقط پنهنجي خاندان جي مفاد ۽ ڀلائيءَ خاطر ڪيون. تنهنڪري جيڪي مون کي ڪرنل پاٽنجر چيو، تنهن جي مون خوشيءَ سان تعميل ڪئي ۽ خدا جو شڪر آهي تہ مان پنهنجن خانگي نوڪرن، منشين ۽ سپاهين جي مدد سان، سڀ ڪم خاطرخواهہ نموني ۾ پورا ڪيا.

انگريزن جي چانوڻيءَ ۾ اچي پنهنجون خدمتون پيش ڪيون، پنجن - ڇهن ڏينهن کان پوءِ فوج چانوڻي پٽي، ٺٽي طرف ڪوچ ڪيو، جتي هو ٽن ڏينهن کان پوءِ پهتا ۽ شهر ۽ مڪليءَ [۱] جي وچ تي منزل انداز ٿيا، جتي هنن لاءِ ڏاڍو سهڻو انتظام ڪيو ويو هو.

ٺٽي ۾ مون کي ڪرنل پاٽنجر چيو ته مسٽر وائيٽ لاڪ، هن شهر ۾ 'انگريزن جي ماڙيءَ' نالي هڪ گهر ۾ رهندو آهي، ان وٽ وچي ريال [۲] ۽ چاندي وٺي، پگهاري، ڪنهن ديانتدار ملازم جي نظرداريءَ هيٺ، ان مان "ڪوڙيون" ٺهراءِ. مون خيال ڪيو ته هي ڏنڌو نيڪناميءَ لاءِ خطرناڪ آهي، جيڪڏهن سيڪي جي تور يا ڪنهن ٻئي نموني ذرو جيترو به تفاوت ٿيو ته ناحق ملامت پائي پوندي. تنهنڪري، مون پنهنجن خيالن ۽ اعتراض جو ليفٽيننٽ ايسٽوڪ سان خانگي طرح اظهار ڪيو، ۽ چيومانس ته اهڙي ڪم ۾ بدناميءَ جو انديشو آهي. ليفٽيننٽ ايسٽوڪ، اهو شخص هو جنهن جي دوستيءَ جو مون

---

[۱] مڪليءَ جون ٽڪريون، ٺٽي کان ٻه - ٽي ميل پري هڪ ڊگهي، چوني جي پٿرن جي پهاڙين جي قطار آهي، جتي گهڻي وقت کان مسلمان بزرگ، پير، ولي دفن ڪيا ويندا آهن. انهيءَ ڪري اها هڪ مقدس جڳهه سمجهي ويندي آهي. هن وقت چڙ ته هڪ وڏو مقام آهه جتي اڳوڻن باد شاهن، دهليءَ جي صوبيدارن وغيره جا ڪيترا عاليشان مقبرا آهن.

[۲] ريال، اٽڪل ٻن رپين جي قيمت جو ميريا ٿيريسيا ڊالر، مڪران جي ساحل تي مروج هو ۽ گهڻي انداز ۾ زنجبار کان چانديءَ لاءِ برآمد ڪيو ويندو هو. ٦٨-١٩٦٧ع واري حبش جي لڙائيءَ ۾ انگريزي فوج سيڪي طور ڪم آڻيندي هئي.

جهرڪن موڪليا هئا. ٿي سگهي ٿو ته هنن ڪين انگريزن جي اعليٰ فوجي انتظام ۽ طاقت جون اهڙيون ڳالهيون ٻڌايون هجن، جو هنن جا ڏير ڏيرا ۽ سموريون رٿون درهم برهم ٿي ويون هجن. منهنجو ذاتي رايو آهي ته انهن خبرن ٽالپرن جهڙن غيرمستقل مزاج ماڻهن جي دلين ۾ اهڙو هراس پيدا ڪيو هوندو جهڙو چانوٽيءَ جي نظاري ڏسڻ سان اسان جو حوصلو وڌي ٿي ويو.

جهرڪن ۾ فوج جي يورپي عملدارن جا خيما سڀ هڪ قطار ۾ لڳل هئا. منهنجو تنبو انهن جي سامهون وچ تي هو. هڪڙي ڏينهن صبح جو ڏهين بجي، مان پنهنجي وڏي تنبوءَ ۾ اٽڪل سؤ ماڻهن سان ويٺو هوس، ته ٻه ماڻهو فقيرائي ويس ۾ آيا ۽ سامهون بيهي صدا هنيائون ته اسان حج(١) تي ٿا وڃون خيرات ڪيو. مان هنن کي غور سان پئي نهاريو ته هنن اشارو ڪيو، جنهن تي مان اٿي پنهنجي خانگي تنبوءَ ڏانهن وڃي، کين پاڻ وٽ گهرايو. هنن مون وٽ اچي هڪڙيءَ لٺ جو هٿيو کوليو، ان مان هڪ خط ڪڍي منهنجي حوالي ڪيو. اهو خط خود مير نورمحمد(٢) جو لکيل هو ۽ منهنجي نالي هو. ان ۾ لکيل هو ته: "سيٺ نائونمل، هن وقت اسان جو دوست ۽ مربي تون ئي آهين. ڪرنل پاٽنجر کي ٻڌاءِ ته گدوبندر ۽ مير خان جي ٽنڊي(٣) ۾ انگريزن جا گدام ۽ سنڌو نديءَ ۾ مال

---

(١) حج - مڪي جي زيارت.

(٢) مير نورمحمد، ان وقت حيدرآباد جو مکيه مير هو. هو مير مراد عليءَ جو پٽ ۽ پڳدار مير هو.

(٣) مير خان جو ٽنڊو، گدوبندر جي پرسان، سنڌو نديءَ جي ڏائي ڪپ تي هڪ گهاٽ آهي، جتي حيدرآباد جا مسافر لهندا آهن.

جون ڀيڙيون ميرپور جي مير شير محمد، مير محمد ۽ صوبدار (۱) جي مدد سان ڦريون ۽ ساڙيون آهن. منهنجو ان ۾ ڪوبه هٿ نه آهي ۽ نڪي مون ان ۾ ڪو بهرو ورتو آهي. جوابدار هو آهن. مان بيڏوهي آهيان، منهنجو ڪوبه قصور نه آهي."

مون قاصدن کي ماني کائڻ جي صلاح ڪئي، پر هنن معافي گهري ۽ مون کي ٻه ٻيا خط بہ ڏيکاريائون. جي ڪين هڪدم پهچائڻ لاءِ ڏنا ويا هئا. انهن سان هڪ ٺٽي جي ميان عابد ڏانهن هو ۽ ٻيو گهوڙاٻاريءَ جي نواب غلام شاهه ڏانهن، وڏيڪ چيائون ته انهن ٻنهي عملدارن کي هدايتون ڪيل آهن ته انگريزن جي مال جي خاص سنڀال ڪن ۽ فوج جي هرطرح مدد ڪن. آءٌ قاصدن کي زوريءَ ترسائي، سڌو ڪرنل پاٽنجر جي خيمي ۾ ويس ۽ کيس خط ڏنم. اهو خط فارسيءَ ۾ لکيل هو ۽ ليفٽيننٽ ايسٽوڪ پڙهيو. مون هن کي خط جي باري ۾ سمورو احوال ٻڌايو ۽ پوءِ جيئن هن لکايو تيئن قاصدن هٿان خط جو جواب موڪليم.

ٻئي ڏينهن، حيدرآباد جي ٽالپرن جي پاران، آغا اسماعيل شاهه جهرڪن ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ حاضر ٿيو. هو اها ڳالهه سمجهائڻ لاءِ آيو هو ته ڪدوءَ ۾ ڪهڙين حالتن هيٺ انگريزن جا مال بگدام ڦريا ۽ جلايا ويا هئا. ان ڳالهه تي وڏو بحث هليو. ڪرنل پاٽنجر هن تي خوب ڇوهه ڇنڊيا ۽ آغا اسماعيل شاهه کي، سندس مالڪن جي پاران، مناسب لفظن ۾، ملامت ۽ تنبيهه ڪئي. ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته ان ڳالهه جو فيصلو دوستاڻي نموني ۾ ٿيڻ جو امڪان ڪونه آهي. ائين ڪندي، آغا اسماعيل شاهه هٿ ٻڌي معافي گهري. آخر انگريزن نقصان

---

(۱) هي حيدرآباد جا ننڍا حڪمران مير هئا. صوبدار، رئيس مير فتح علي خان جو پٽ هو ۽ ٻين سڀني ميرن کان وڏيڪ انگريزن جو دوست سمجهيو ويندو هو.

قيمت هئي. ان کان پوءِ جلدئي فوج، سيوهڻ جي رستي شڪارپور لاءِ ڪوچ ڪيو. ڪرنل پاٽنجر پٺيان مير خان جي ٽنڊي ۾ رهيو ۽ مان به هن سان گڏ رهيس. هن جو ٻهريون نائب، ليفٽيننٽ ايسٽوڪ، فوج سان گڏ روانو ٿي ويو.

گدو بندر ۾ ڪوبه سامان ڪونه ڇڏيو ويو. فوج لاءِ رستي ۾ ڪيترن هنڌ سيڌو سامان گڏ ڪري رکڻ ضروري هو. تنهنڪري اهو فيصلو ڪيو ويو ته سيوهڻ ۽ لاڙڪاڻي ۾ رسد جا گدام کوليا وڃن. ان باري ۾ ڪرنل پاٽنجر مون کان مدد گهري ۽ چيائين ته پنهنجن ڀائرن، سکرامداس ۽ گوپالداس کي اجازت ڏي ته فوج سان شڪارپور تائين گڏجي هلن ۽ سيڌي سامان وٺي ڏين ۽ ان جي حفاظت سان رکڻ جو انتظام ڪن. مون اها تجويز خوشيءَ سان قبول ڪئي ۽ سيوهڻ، لاڙڪاڻي ۽ ٻين هنڌ گماشتن کي هدايتون موڪليم ته سکرامداس جي حڪمن جي تعميل ڪن ۽ هن کي گدامن وغيره قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪن.

هڪڙي ڏينهن صبح جو مان نور خان جي ٽنڊي ۾ پنهنجي تنبوءَ ۾ ويٺو هوس ته مون کي ڪرنل پاٽنجر گهرائي، ڪرم فرمائي ٻڌايو ته عربي سمنڊ ۾ انگريزن جي فوج جو اعليٰ بحري سالار، ريئر ائڊمرل سر فريڊرڪ ميٽلنڊ، بحري آرماڙ سان ڪراچيءَ جي شهر تي قبضو ڪرڻ وارو آهي. هن مون کي تنهنجي گهر وارن جي پارت ڪئي آهي ۽ مون ڏي لکيو اٿس ته ”توهان کي، مهرباني ڪري، هڪڙي ڳالهه ڏانهن خاص ڌيان ۽ توجهه ڏيڻو آهي. سا هيءَ آهي ته ڪراچيءَ جي سيٺ نائونمل جي گهر ـ ٻار ۽ ملڪيت جي هرحالت ۾ حفاظت ڪرڻي آهي. هو هن وقت فوج سان گڏ آهي ۽ اسان جي نهايت سرجوشيءَ ۽ جانفشانيءَ سان مدد ڪئي اٿس. مون کي هن جي جان ۽ عزيزن جو بيحد فڪر آهي. انهن جي اهڙيءَ ريت حفاظت ڪئي وڃي، جهڙي هندستان جي گورنرجنرل جي جان ۽ عزيزن جي.“

مون کي هن تسلي ڏني ته تون ڪراچيءَ ۾ پنهنجن عزيزن جو ڪوبه فڪر نه ڪر، جو ڪراچي جلدئي انگريزن جي قبضي ۾ اچڻ واري آهي. آءٌ اها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيس ۽ ڌڻيءَ جا شڪرانا بجا آندم، جو سڀني جو ڏاتار آهي. مون اها خبر هڪدم ڪراچيءَ ۾ پنهنجن عزيزن ڏي موڪلي ۽ چيومان ته جيڪو به انگريز اچي ته ان جي مدد ڪن. ٻئي ڏينهن مون کي ڪراچيءَ مان چٺي آئي ته انگريزن جا ڪيترا جنگي جهاز بندر تي آيا هئا ۽ منهوڙي جي قلعي تي اهڙي ته گوليباري ڪئي هئائون جو ٽن ڪلاڪن جي اندر قلعي جي اولاهين پٽ ڪيرائي ڇڏيائون ۽ توبن جي دونهين، ڪاري ڪڪر وانگي، شهر جي مٿان وري، ڏينهن کي رات ڪري ڇڏيو هو. اهڙين حالتن ۾، ڪراچيءَ ۾ ميرن جا عملدار، جهڙوڪ ٻروچن جي نظاماڻي قبيلي جو نواب خيرمحمد، حاجي الهه رکيو ۽ ٻيا زبردست سي سڀ منهنجي وڏي ڀاءُ، پريتمداس وٽ آيا ۽ چيائونس ته "دونهين مائهن جو ساهه گهٽي ڇڏيو آهي، اسان کي انگريزن سان مقابلي ڪرڻ جي طاقت ڪانه آهي، توبزني بند ڪرائڻ لاءِ ڪي اپاءَ ورتا وڃن." انهيءَ وچ ۾ ٻه-ٽي انگريز عملدار ڪناري تي آيا، منهنجي ڀاءُ کي خبر پئي ته هو سائن بندر تي ملڻ ويو، جتي ميرن جا ماڻهو به جلدئي اچي حاضر ٿيا. انگريز عملدار، منهنجي ڀاءُ سان گڏجي هن جي جاءِ تي آيا ۽ اتان هن سان گهوڙيسوارن جي فوج جي ڇانوڻيءَ لاءِ ڪا جڳهه ڳولهڻ ويا. هنن شهر ۽ رام باغ(١) جي وچ تي

(١) رام باغ يعني رامچندر جو باغ، جيڪو هن وقت ڪراچي شهر جو هڪ محلو آهي. چون ٿا ته انهيءَ جاءِ تي، هندن جو مشهور سورمو رام، حضرت عيسيٰ جي زماني کان ڪيترڻيون صديون اڳ، سنڌ مان هنگلاج ويندي، هڪڙي رات پنهنجي

( ڏسو حاشيه صفحي ١٢٥ تي )

جيڪو ميدان هو، سو هنن پسند ڪيو ۽ پئي ڏينهن فوج کي لاهي اتي منزل انداز ڪيو ويو. منهنجن ماڻهن تي، سامان لاهي، حفاظت سان رکڻ جو ڪم سونپيو ويو. هو اهو سامان چنين تي، وقتاً فوقتاً ڏيندا هئا ۽ اهو ڪم ڪافي ذميداريءَ وارو هو. پر منهنجا عزيز، اها خدمت بنا ڪنهن اجوري جي خوشيءَ سان سرانجام ڪندا هئا، جو آءٌ ڪين وقت بوقت لکندو هوس ته انگريزن جي فوج جي هرحالت ۾ وڏيءَ جانفشانيءَ سان مدد ڪن، ۽ هنن جي هرڪا تقاضا پوري ڪن. ڏٺيءَ جا لک شڪر آهن جو هرڪا ڳالهه اهڙيءَ خوش‌اسلوبيءَ سان نباهي ويئي جو ريئر ائڊمرل، باربار ڪرنل پاٽنجر کي خطن ۾ منهنجي خدمتن ۽ نوڪريءَ جو داد ڏيندو رهيو، جنهن تي ڪرنل پاٽنجر هن جي پاران منهنجو شڪريو ادا ڪيو. منهنجي خدمتن جي اعتراف ۾ ۽ مون کي عزت ڏيڻ لاءِ، سر فريڊرڪ مٽلنڊ، اسان جي خانداني جڳهه جي حفاظت لاءِ يورپي سپاهي مقرر ڪيا. فتح ڪان پوءِ به ڪيتري وقت تائين اهو ڪرم هلندو آيو ۽ البت يورپي چوڪي بدلائي ان جي جاءِ تي ديسي سپاهي رکيا ويا. فوج جي لهڻ کان پوءِ جلدئي مون ريئر ائڊمرل ۽ هن جي دوستن کي دعوت ڏيئي پاڻ وٽ گهرايو. هنن اها دعوت خوشيءَ سان قبول ڪئي. هو پاڻ سان سپاهين جو هڪ دستو، جهنڊن ۽ بئنڊ سميت وٺي آيا.

منهنجي نندي ڀاءُ، سڪرامداس به، فوج جي شڪارپور تائين خاصي خدمت ڪئي، جنهن لاءِ به مان ڏٺيءَ جو شڪرگذار آهيان. شڪارپور ۾ منهنجي ڀاءُ تي زور پريو ويو ته هو فوج سان گڏ ڪابل تائين هلي ۽ رستي تي رسد جو انتظام ڪري.

---

( آندل حاشيه صفحي ١٢٤ تان )

پٽنيءَ سان ترسيو هو، جنهنڪري انهيءَ جاءِ تي "رام باغ" نالو پيو آهي. (ڏسو هنگلاج تي حاشيه )

جي تابع آهي. تنهنجا ڪيترا عزيز هنن جي نوڪريءَ ۾ آهن، جي تون ميرن وٽ نه هلندين ته اسان هڪ رات به سک سان سمهي نه سگهنداسين." تنهن تي مون ڪرنل پاٽنجر سان مشورو ڪيو ۽ ڪانئس صلاح گهري. هن مون کي صلاح ڏني ته چڱو ائين آهي ته ميرن جي ڪم ۾ دلچسپي نه وٺ. مون هن کي سمجهايو ته ائن ڪري منهنجن عامل(١) ماڻهن کي نقصان پهچندو. هن ويچار ڪري نيٺ مون کي هنن سان ملڻ جي اجازت ڏني. هڪڙيءَ رات مان حيدرآباد وڃي پنهنجي ماڻٽ، ديوان هيرانند وٽ رهيس. ٻئي ڏينهن انگريزن جي ڇانوڻيءَ ڪان موٽندي، قلعي ۾ مير نورمحمد جي بنگلي ۾ لنگهي ويس. در تي جو پهريدار هو، تنهن وڃي اندر مير کي سڏ ڏني ۽ مون کي اندر گهرايو ويو. مان اندر داخل ٿيس ته مير نورمحمد مون سان ملڻ لاءِ اٿيو ۽ هٿ کان وٺي هڪ منجيءَ(٢) تي ويهاريائين. ان وقت مير نصير خان به حاضر هو، ۽ پنهنجي پاءُ سان ساڳيءَ کٽ تي ويٺو هو. دستوري خوش خيرعافيت ڪان پوءِ، نورمحمد مون ڏانهن مخاطب ٿي چيو ته "سيٺ نائونمل، پيءُ جو انتقام چڱيءَ طرح ورتئي! هاڻي ته خوش ٿئين؟" مون جواب ڏنس ته "سائين، ائين ڇو ٿا چئو؛ اهڙا لفظ ڇو ٿا ڳالهايو؟" ائين چئي

---

(١) عامل، جي لفظي معني آهي "علم وارو". سنڌ ۾ اهو لفظ هندو منشين لاءِ استعمال ٿيندو آهي. عامل هندن ۾ هڪ اونچو ۽ پڙهيل طبقو سمجهيو ويندو آهي.

(٢) منجي، ڪن ٿورن ماڻهن کي ڪنهن خاص امتياز طور ڏني ويندي هئي. عام ماڻهو ۽ عرضدار، دربار ۾ يا ٻين موقعن تي، ميرن جي اڳيان هيٺ غاليچن تي ويهندا هئا، ڪٽن تي فقط مير پاڻ ويهندا هئا. سيٺ نائونمل جڏهن مير محمد خان سان ملڻ ويو هو، تڏهن هن کي جنديءَ جي رنگين پلنگ تي ويهاريو ويو هو ۽ ان ۾ واقعاً هن جي عزت‌افزائي هئي.

آيا ۽ خبر ڪيائون ته اهو ڪانئرن وارو ڪم، شاهہ بلاول(١) جي خليفي(٢)، چاڪر چڱي ۽ بديجا قومن جي پنجاهہ ماڻهن جي مدد سان ڪيو آهي. انهيءَ خبر ملڻ تي، ڪرنل اسپلر سڏو ڪرنل پاٽنجر جي نائب ليفٽيننٽ ليڪيءَ، (هو ان وقت حيدرآباد جي سفارتخاني جو ناظم هو) کي لکيو ته ميرن کان خليفي چاڪر کي ڪراچيءَ ۾ حاصل ڪرائي ڏيڻ جي گهُر ڪري. مان شهر ۾ واپس اچي پڇا ڪرائي ته چڱي ۽ بديجا قومن جا ڪي ماڻهو آسپاس آهن يا نه ۽ آخر آٺ ماڻهو ڳولهي ڦولهي هٿ ڪري، مضبوط پهري هيٺ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ڏانهن موڪليا ويا. هنن ڪرنل اسپلر وٽ زباني باس باسي ته برابر اسان شاهہ بلاول واري خليفي چاڪر جا مريد آهيون ۽ هو اسان جو مرشد آهي ۽ اهو قتل هن ڪرايو آهي. اسان به ان وقت هن سان گڏ هئاسين. اسان اهو ڪم ڪئپٽن هئنڊ جي ڪوٽ تي جيڪي چمڪندڙ تمغا لڳل هئا، تن جي لالچ ۾ ڪيو هو. هنن جون شاهديون لکيون ويون ۽ کين حوالات ۾ رکيو ويو. حيدرآباد ۾، ليفٽيننٽ ليڪيءَ، مير نورمحمد تي زور پريو ته خليفي چاڪر کي گهرائي. مير نينديِ ڪجمتگار (خدمتگار) کي شاهہ بلاول موڪليو ته خليفي چاڪر کي هٿ ڪري ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ حاضر ڪري. ڇانوڻيءَ ۾ هن تي فوجي عدالت ۾ مقدمو هلايو ويو. تهمت ثابت ٿي ۽ فيصلو ٿيو ته هن کي انهيءَ جاءِ تي ڦاسي ڏني وڃي، جتي ڪئپٽن هئنڊ قتل ڪيو ويو هو. فوجي عدالت، ڪرنل

---

(١) شاهہ بلاول ڪراچيءَ کان ست ميل اتر طرف قلات جي سرحد وٽ هڪ زيارت آهي، جتي گرم پاڻيءَ جا چشما آهن. اها جڳهہ ڇتا قوم جي رهڻ جو هنڌ ۽ مرڪز آهي، ۽ اهي قلات جي خان جي رعيت آهن.

(٢) خليفو، وڏي ملان جو اعزازي لقب آهي.

راءُ(١) صاحب منهنجي ڏاڍي مانَ ۽ شانَ سان آجياني ڪئي. مون کي پنهنجي تخت جي پرسان ويهاريائين ۽ گهڻو وقت مون سان ڳالهيون ٻولهيون ڪندو رهيو. دربار برخاست ٿيڻ کان پوءِ، راءُ صاحب مون کي پنهنجن محلن ۾ وٺي ويو، جنهن کي شيش محل (شيشن وارو) ۽ هيرا محل (هيرن وارو) چوندا آهن. ڀڄ جي دربار مون کي ڏاڍو پسند آئي. مان ڀڄ جي شهر جا تلاءَ، حوض ۽ مکيه جايون پڻ ڏٺيون ۽ ماڻهن کان متاثر ٿيس. مان ڀڄ ۾ ڇهه مهينا رهيس ۽ ان وقت جو روزنامچو پڻ رکيم، جو سنڌ جي خاص لپيءَ، هندو-سنڌيءَ ۾ لکيل آهي. ان ۾ منهنجا ڪچ جي باري ۾ تاثرات تفصيلوار ڏنل آهن.

ڀڄ جي انگريزي رسالي ۾ فقط ٻه سؤ گهوڙيسوار(٢) هئا ۽ اهو ڪرنل پاٽنجر جي هڪ نائب، مسٽر واٽ جي ڪمان هيٺ هو. ليفٽيننٽ جان جيڪب هن جو زيردست هو. مان ڪئپٽن واٽ سان سندس فرمائش مطابق مليس ۽ هن مون کي ٻڌايو ته ”بمبئيءَ سرڪار ڀڄ جي رسالي(٣) ۾ ٽن سون سوارن جي اضافي ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي، پر هو هن وقت، انهيءَ خرچ برداشت ڪرڻ جي قابل نه آهي. مون کي اجازت ڏني

---

(١) هائي هن کي ”راءُ صاحب“ جي نالي سان سڏبو آهي ۽ نه ”راءِ صاحب“.

(٢) مشهور ”سنڌ اريگيولر هارس“ (غير مرتب سوار)، جنهن بعد ۾ برگيڊيئر جنرل جان جيڪب سي-بيءَ جي هٿ هيٺ سنڌ جي اتر-اولهه سرحد تي ۽ خان قلات جي علائقي ۾ ڌاڙيلن جو خاتمو ڪيو ۽ امن امان قائم ڪيو، سو پهريائين پونا هارس (پوني جي سوارن) جي هڪ دستي مان ناهيو ويو هو، جو ان وقت ڪچ ۾ ڪارروائي ڪري رهيو هو.

(٣) رسالو، گهوڙيسوار، مقامي سفير جو محافظي دستو.

ويٺي آهي تہ ڪنهن صراف سان بندوبست ڪري، ۳۰۰ گهوڙا خريد ڪريان. ڪڇ جي راءَ مون سان گهوڙن وٺي ڏيڻ جو وعدو ڪيو هو، پر پڇ يا مانڊويءَ ۾ ڪو اهڙو شاهوڪار ڪونہ هو جو مون کي پئسا اڌارا ڏي تہ سودو ڪريان."
وڏيڪ چيائين تہ "جي تون هن معاملي ۾ منهنجي مدد ڪندين تہ مان مشڪور ٿيندس ۽ تنهنجو سرڪار تي پڻ احسان ٿيندو."
مان چيومانس تہ "مون کي پئسي جي لالچ نہ آهي، پر جي ڪرنل پاٽنجر مون کي چوندو تہ مان خوشيءَ سان مدد ڪندس."
ڪئپٽن وات اها ڳالهہ ڪرنل پاٽنجر کي لکي موڪلي ۽ ڪرنل پاٽنجر مون کي صلاح ڏني تہ ڪئپٽن وات جي مدد ڪري اها سرڪار جي خدمت ٿيندي. ان تي مان هڪدم ڪڇ جي راءَ ڏي پنهنجي هٿ سان گجراتيءَ ۾ چٺي لکي تہ مون کي اڍائي لک ڪوڙيون (ڪڇ جو سڪو) اڌاريون ڏي، جي مان پندرهن ڏينهن جي اندر واپس ڪندس. راءَ هڪدم مهرباني ڪري گهربل رقم گاڏين تي رکائي موڪلي ڏني، جا مون بروقت ڪئپٽن وات ڏي رواني ڪئي. هن ناڻو وٺي رسيد لکي ڏني. ڪئپٽن وات گهوڙا خريد ڪرڻ شروع ڪري ڏنا. سوار بمبئي سرڪار جي معرفت پوني کان گهرايائين ۽ پنج سؤ سوارن جو پڇ جو رسالو [جو پوءِ اريگيولر هارس ٿيو]، وجود ۾ آيو. مون بمبئي، مسقط ۽ ڪراچيءَ جي پنهنجن ڪوٺين تي جي قرض جي رقم جون هنڊيون ڪيون، مانڊويءَ ۾ پنهنجن گماشتن جي معرفت، وصول ڪرايون. هڪ هفتي جي اندر، منهنجي گماشتي مانڊويءَ مان ساري رقم موڪلي ڏني جا مون انهن ڏينهن راءَ جي خزاني ۾ جمع ڪرائي.
شاهہ سجاول ۽ انگريز سرڪار جي گڏيل فوج قندار، غزني، ڪابل ۽ جلال آباد تي هڪبئي پٺيان آسانيءَ سان قبضو ڪندي وئي. شاهہ سجاول وري ڪابل جي تخت تي براجمان ٿيو. امير دوست محمد ۽ هن جي ڀائرن جبل ٽپي وڃي بخاري

نظر کان غائب ٿي ويئي. تنهن کان پوءِ هو ڪوئيءَ تي موٽي آيا. سون مياڻيءَ مان ڪرنل آئوٽرام جي رواني ٿي وڃڻ کان ٻه-ٽي ڪلاڪ پوءِ، رحيم خان مينگل(١)، شهر ۾ آيو ۽ پڇيائين ته ڪو يورپي ماڻهو اتي آيو هو؟ ڇپائونس ته ها، هڪڙو يورپي آيو هو، پر ان وقت هڪ ٻيڙي تيار بيٺي هئي، ان ۾ چڙهي سڌو ڪراچيءَ روانو ٿي ويو. ان تي هو نااميد ٿي موٽي ويو. منهنجن گماشتن اها خبر قاصد جي هٿان منهنجي پاءِ ڏانهن ڪراچيءَ موڪلي. اها چٺي ڪرنل آئوٽرام کي پڙهي ٻڌائي ويئي. جنهن انهيءَ غيبي نجات لاءِ شڪرانو ادا ڪيو. مان ان وقت پيچ ۾ هوس، ۽ مون ڏي اها خبر خطن جي ذريعي موڪلي ويئي هئي. مان ڪرنل پاٽنجر کي اطلاع ڏنو ۽ هن به مون کي ڪرنل آئوٽرام جو ساڳئي مفهوم وارو خط پڙهي ٻڌايو. ڪرنل آئوٽرام ٻه ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهي، بمبئي روانو ٿي ويو.

---

(١) خود جيمس آئوٽرام جو چوڻ آهي ته اهو سردار، جنهن کان هو جان بچائي ڀڳو هو، سو مينگلن جي صدر مقام 'وڍ' جي سردار، ولي محمد خان جو پٽ هو، جو قلات جي محاصري ۾ قتل ٿيو هو. هن پنهنجي پيءُ جو انتقام وٺڻ ٿي گهريو.

ٻاران چيو ته سرڪار هن کي اجازت ڏني آهي ته سنڌ جي باري ۾ تون جيڪي به رٿون پيش ڪندين، قبول ڪيون وينديون. جيڪڏهن تنهنجي مرضي هجي ته ڪرنل تنهنجن گوناگون ۽ اهم خدمتن لاءِ مستقل طور ڪنهن روڪ رقم انعام ڏيارڻ لاءِ سفارش ڪري، يا جيڪڏهن تون چاهين ته توکي خاص امتياز ڏيڻ لاءِ بمبئيءَ جي قانون ساز ڪائونسل ۾ نشست لاءِ سفارش ڪري. مون مسٽر پيتامبر کي جواب ڏنو ته مان سياڻي پاڻيهي ڪرنل سان ملي کيس پنهنجن خيالن کان واقف ڪندس.

ٻئي ڏينهن مان ڪرنل پاٽنجر سان مليس. هن مون سان ساڳئي موضوع تي ڳالهايو. مون چيومانس ته جيتريقدر روڪ امداد جو سوال آهي. مون کي پئسي جي پرواهه ڪانه آهي.(١) اسان جو وڏو گڏيل ڪٽنب آهي، انعام جي رقم ڪيڏي به وڏي هجي، اها ڪيترو وقت هلندي؟ دنيا ناپائدار ۽ بي‌بقا آهي. ٻيءَ رٿ جي باري ۾، چيومانس ته مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي ته بمبئيءَ ۾ گورنر جي ڪائونسل تي نامزدگيءَ مان مون کي ڪهڙو دنيوي فائدو ٿيندو؟ خاص ڪري جڏهن منهنجو اوڏانهن وڃڻ جو ڪوبه امڪان ڪونه آهي. اسان جي خاندان کي شيدي حڪمرانن جي زماني کان بمبئيءَ ۾ واپاري ڪوٺي هوندي هئي پر اسان مان ڪوبه بذات خود ڪوٺي ڏسڻ نه ويو هو. تنهن کان سواءِ سنڌ اڃا ٽالپرن جي ماتحت آهي ۽ انگريزن جو صوبو نه ٿي آهي. عرض ڪيومانس ته اسان کي پنهنجن خدمتن جي عيوض انگريز سرڪار جي دوستي ۽ ڪرم جي عنايت ڪافي آهي ۽ اميد آهي ته اسان جو سرڪار سان هميشه ساڳيوئي واسطو رهندو. ان تي منهنجي روبرو هڪ ڪاغذ ڪڍي ان جا چارئي پاسا پڙهيائين. تنهن کان سواءِ انهيءَ دستاويز جا ٻه نقل پنهنجي هٿ سان تيار ڪري، اذهن مان هڪ لفافي ۾ وجهي

(١) ظاهر آهي ته هيءَ غلطي آهي. ڏسو مقدمو.

مطابق نہ آهي. مون پنهنجا اعتراض ڪرنل آئوٽرام کي ٻڌايا ۽ چيومانس تہ مان نهايت مشڪور ٿيندس، جيڪڏهين مون کي اجازت ڏيندؤ تہ هي ڪم توهان جي ڪنهن ٻيءَ ماڻهوءَ جي حوالي ڪريان. تنهن ڪان سواءِ مون کي اها بہ اجازت ڏيو تہ رسالي جو پراڻو حساب-ڪتاب صاف ڪريان ۽ جيڪا رقم ڪئپٽن واٽ کي پيچ ۾ سپاهي ڀرتي ڪرڻ لاءِ ڏني هيم، سا بہ سرڪار ڪان وصول ڪريان. ان تي هن سرڪار کي لکي منهنجي قرض ادا ڪرڻ جي منظوري گهرائي. مون رسالي سان پنهنجو واسطو ٽوڙي، پنهنجن گماشتن کي واپس گهرائي ورتو. ڪئپٽن واٽ جي جاءِ تي ڪرٽس نالي هڪ عملدار مقرر ٿيو ۽ ان جي وڃڻ ڪان پوءِ وري ليفٽيننٽ جيڪب کي، جيڪو هڪ ننڍو عملدار هو تنهن کي رسالي جي ڪمان ڏني ويئي. هن خانپور شهر جو اڳوڻو نالو بدلائي، مٿس جيڪب آباد جو نالو رکيو.

هڪڙي ڏينهن سنبت ۱۸۹۷ (۱۸۴۰-۴۱ع) جي پوهہ مهيني ۾، اڍائي بجي شام جو ڪرنل آئوٽرام مون کي پاڻ وٽ گهرايو. مان اجا ويٺس ئي مس تہ پينسل ڪڍي، آيي ڪري، پڇيائين تہ "هن مهر کي ڪير منهن ڏيندو؟" مان اٿي بيهي رهيس ۽ پڇيومانس تہ "ڳالهہ ڪهڙي آهي؟" چيائين تہ "مون کي خاطري آهي تہ جيڪا ڳالهہ منهنجي دل ۾ آهي، تنهن ۾ تون ڪامياب ٿيندين. دراصل تون ان ڪم لاءِ نهايت موزون آهين، پر مان پنهنجي تجويز تيستائين توکي نہ ٻڌائيندس، جيستائين تون ان جي ذميواري قبول نہ ڪندين." اها ڳالهہ ٻڌي مون هن کي سلام ڪيو پينسل سندس هٿ مان ورتي. پوءِ هن مون کي ٻڌايو تہ "بمبئي سرڪار حڪم ڪيو آهي تہ پيچ جي فوج جو هڪ حصو خشڪيءَ(۱) رستي، بيلاريءَ

(۱) سرڪاري دفترن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هيءَ واقعو اڪٽوبر (ڏسو حاشيہ صفحي ۱۴۱ تي)

قليلي ٽپيس تہ سچ لهي ويو. جڏهين ڏ ٻپاريءَ پهتس، جيڪا
اٺن-نون ميلن جي مفاصلي تي آهي، تڏهن بلڪل اونده ٿي
ويئي. هڪ تہ رستا ڪونہ هئا، ٻيو ڪڏون ڪوڻا، واهن جي ڪاٺين
۽ ٻنين ٻارن ڀرهلڻ جي مشڪلاتن سبب، اڳتي وڌڻ محال ٿي
پيو. اسان جا ماڻهو رستو نہ لهي سگهيا، تنهنڪري ڳوٺ کان
ٿورو پريرو لهي پياسين. پر جڏهين ٻارهين بجي چنڊ نڪتو
نہ اسان وري اٺن تي چڙهي اڳتي وڌياسين. صبح جو پنجين
بجي، ٽنڊي الهيار جي ويجهو پهتاسين. منهنجو شهر ۾ وڃڻ
جو ارادو ڪونہ هو ۽ سوچيم تہ ڏينهن جو ميرپور جي شهر
۾ پهچڻ ناداني ٿيندي، تنهنڪري مان ٽنڊي کان ڏيڍ ميل
پري، هڪ واهہ جي ڪپ تي ڌرمسالا(۱) ۾ وڃي رهيس. اتان
وري شام جو پنجين بجي روانو ٿيس ۽ ٽنڊي الهيار جي مچي
مارڪيٽ وٽان لنگهي، اڳتي ويس. منهنجي اچڻ جي خبر
ڪيترن ماڻهن کي پئجي وئي. ٿوري وقت ۾ سوين ماڻهو اچي
گڏ ٿيا ۽ چوڻ لڳا تہ ڪجهہ وقت اسان وٽ بہ ترسو. مون
چيومانِ تہ مون کي لکپت ۾ ضروري ڪم آهي، تنهنڪري
ترسي نٿو سگهان. آخر هنن کان موڪلائي اڳتي هليس. اڌ
رات جو ميرپور پهتس. شهر جي اوڀر ۾ هڪ چڱو خاصو پٽ
هو، مون اتي ٽنبن کوڙائڻ جو ارادو ڪيو. پر خيال ڪيم تہ
ڪوشش ڪرڻ سان شايد ٻيو ڪو ان کان بہ چڱو هنڌ ملي،
تنهنڪري سڌو بزار مان لنگهي، شهر جي ٻئي طرف هليس.
اتي هڪ مٿاهون پٽ نظر آيو، پر ويجهو وڃي ڏٺوسين تہ
رڍن ۽ ٻڪرين جو وٿاڻ هو ۽ ڦوڪهڙين سان ڀريو پيو هو.
تنهنڪري مان واپس ساڳيءَ جاءِ تي موٽي آيس. تعجب
جهڙي ڳالهہ هئي تہ شهر ۾ بيگاهہ وقت اسان کي ايندي ويندي
ڪنهن ڪو ماڻهو تہ ڪونہ گڏيو، پر ڪتو بہ ڪونہ ڀونڪ

(۱) عام مسافرخانو يا قافلي سراءِ.

سانءِ به هندو، مستر چينمل ۽ پريمل، جيڪي اڳ مير غلام علي پيروز جا ملازم هوندا هئا ۽ پوءِ مير شيرمحمد جي نوڪريءَ ۾ هئا، تن انهيءَ خبر لهڻ جو ڪم پاڻ تي کنيو. چنانچ هو منهنجي تنبوءَ ڏي آيا ۽ چوڪيدارن کي چيائون ته سيٺ کي ٻڌائين ته اسان نياز ڪرڻ آيا آهيون. مون هنن کي اندر گهرايو. هيڏانهن هوڏانهن جون ڳالهيون ڪري، آخر پڇائون ته اسان جي هن غريب شهر تي ڪيئن عنايت ڪئي اٿوَ. مون جواب ڏنومان ته هوا بدلائڻ جي ارادي سان آيو آهيان. هنن اها خبر وڃي مير شيرمحمد سان ڪئي ۽ صلاح ڏنائونس ته تنهنجو مختيارڪار، ديوان چترسنگهه هن جو عزيز ٿئي، ان کي موڪليو ته وڌيڪ معلومات حاصل ڪري اچي. مير شير محمد، ديوان چترسنگهه کي حڪم ڪيو ته سيٺ سان ملي، ڪنهن طرح اسان وٽ وٺي اچينس. ديوان چترسنگهه واقعي منهنجو رشتيدار هو. حڪم جو ٻڌو شام جو مون وٽ آيو. هن به اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري پڇيو ته آخر تنهنجو ميرپور اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ پر آءٌ صحيح جواب ڏيڻ کان لهرائي ويس. هن پوءِ مون کي ٻڌايو ته مير شيرمحمد توکي سلام ڏنا آهن ۽ توکي ياد ڪيو اٿس. وڌيڪ چيائين ته مير کي تنهنجي اچڻ جي خبر صبح جو ملي هئي ۽ هو ميرپور سرڪار جي دستور جي خلاف، رمضان جي مهيني ۾، خلوت ترڪ ڪري، تنهنجي انتظار ۾ دربار واري ڪمري ۾ اچي ويٺو آهي. هينئر سانجهي اچي ٿي آهي ۽ مير شيرمحمد دربار مان ڪاڏي به نه چرئيو آهي. مون کي موڪليو اٿس ته وڃي سيٺ کي وٺي اچ. مون چيومانس ته مان ٺيڪ نه آهيان، هن وقت مير سان ملڻ مناسب نٿو سمجهان. مير جي وڏن ۽ منهنجي وڏن جا دوستانا تعلقات هوندا هئا، مان جنهن مهل بهتر ٿيس ته اچي مير جو نياز ڪندس. ديوان چيو ته مير کي ٻڌايو ويو آهي ته تنهنجي مون سان مائٽي آهي، جي تون مون سان نه هلندين ته مير مون تي

ناراض ٿيندو ۽ مون کي نقصان پهچائيندو. اتي مون خيال ڪيو ته مير سان ملي، هن جي دل جو احوال معلوم ڪرڻ لاءِ هيءُ چڱو موقعو مليو آهي. پوءِ اٺ تي چڙهي پاڻ سان چار سوار وٺي، مير جي بنگلي تي ويس. مير جو بنگلو مير ناري خان جي زماني جو ٺهيل هو ۽ نهايت زبون ۽ بوسيده حالت ۾ هو. مير دربار ۾ ويٺو هو. مون کي ويهڻ لاءِ منجي ڏنائين. دستوري خوش خيرعافيت کان پوءِ پڇيائين ته "منهنجي لاءِ ڪرنل آئوٽرام جو ڪو خط يا نياپو ڪونه آندو اٿئي ڇا؟ سلام به ڪونه موڪليا اٿس؟" مون چيومانس ته "مون کي ڪرنل آئوٽرام نڪي سلام ڏنا آهن نڪي نياپو، ۽ نڪي آءٌ انهيءَ طرفان هتي آيو آهيان. منهنجو اهو جواب ٻڌي، چيائين ته "ڪرنل اُوٽرام ۽ اوهان پاڻ ۾ دوست آهيو." مون جواب ڏنومانس ته ائين نه آهي، بلڪ پاڻ هڪ ملڪ جا آهيون ۽ اسان جي وڏن جا پاڻ ۾ دوستانا تعلقات هوندا هئا، تنهنڪري ان پنهنجي ليکي توهان جو سلام ڪري نياز حاصل ڪرڻ آيو آهيان."

امام‌بخش نالي، ناگور جو هڪ سيد، جو ان وقت دربار ۾ حاضر هو، تنهن پڇيو ته "هندستان ۾، جوڌپور جي پرسان، انگريزن ۽ ٻين جي وچ ۾ جا جنگ لڳي هئي، تنهن جي ڪا توکي خبر آهي؟" هن اهو سوال مون کان پڇيو، پر ان سوال جا ڪيترن ئي ماڻهن هڪ ئي وقت پنهنجا وات کولي جواب ڏنا. ڪن چيو ته انگريزن پادر ڪاڏا آهن ۽ ڪن چيو ته هنن کي شڪست فاش ملي آهي. مطلب ته سيني ساڳيو سر آلاپيو ۽ انگريزن جي فوج جي باري ۾ گهٽ وڌ ڳالهايو ۽ هنن جي شانَ ۾ گستاخي ڪئي. مون ماٺ ڪري ويٺي ٻڌو. ان وقت مير مون ڏي منهن ڪري پڇيو ته "جواب ڇو نٿو ڏين؟" مون ورندي ڏني ته "سيد امام‌بخش مون کان سوال پڇيو ۽ جيسنائين مان جواب ڏيان ئي ڏيان، تنهن کان اڳ هنن ماڻهن انگريز سرڪار جي باري ۾ ناشائسته گفتا، ناشائسته لفظن ۾ چوڻ شروع

ريواچند ميهرچند، کي چيو ته تون تيار ٿي، ٻيلاريءَ ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾، ڪرنل آئوٽرام جو ڏنل خزانو، فوج جي سالار کي ڏئي، ڪانئس رسيد وٺي اچ. وڌيڪ هدايت ڪئيمانس ته تون تيستائين فوج سان رهي ان جي مدد ڪر، جيستائين هو مير شيرمحمد جي علائقي مان لنگهي حيدرآباد جي ميرن جي حد ۾ وڃي پهچن. تنهن ڪان پوءِ تون ميرپور موٽي اچ، جتي مان تنهنجي لاءِ ترسندس. ان ڪان سواءِ انگريزي فوج جي سالار کان پنهنجن خدمتن جو چٺو ضرور وٺي اچجانءِ. مون هن کي سورهن سوار ساڻ ڏنا ۽ هو روانو ٿيو، پر دل ۾ ڏاڍو ڊر هوس. مير شيرمحمد وٽ جيڪي ڪجهه وهيو واپريو هو، تنهن جي باري ۾ مون هن کي ڪجهه به ڪونه چيو. جڏهن مير شيرمحمد کي پنهنجي صدر مقام ۾ منهنجي اچڻ جي مقصد جي ڪابه خبر نه پئجي سگهي، تڏهن حيدرآباد جي مير صوبدار کي لکيائين ته هن جي اچڻ جو مقصد ڇا آهي؟ مير شيرمحمد، مير صوبدار سان هصلاح هوندو هو ۽ هميشه هن سان صلاح مشورو ڪندو هو. هو ڏاڍو بيچين ٿيو ۽ جيئن حقيقت معلوم ڪرڻ ۾ دير پئي ٿي، تيئن هو وڌيڪ بيتاب پئي ٿيو. آخر خبرن وٺڻ لاءِ حيدرآباد سان باقاعدي ٽپال جو سلسلو شروع ڪيائين. مير صوبدار، مير شيرمحمد جا شڪ شبها دور ڪرڻ ۽ کيس اطمينان ڏيڻ لاءِ پنهنجا خاص عملدار، منشي آوتراءِ ۽ منشي سلامتراءِ ميرپور موڪليا. هو وڏي طمطراق سان اچي پهتا. هنن جي گهوڙن کي سون ۽ چانديءَ جا سنج پيل هئا. ديوان سلامتراءِ، منهنجو دوست ۽ عزيز هو. هو منشي آوتراءِ جي چوڻ تي سڌو مون وٽ آيو. هن منهنجي دل جي منجهه معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ بار بار پڇيائين ته ”ميرپور ڇاجي لاءِ آيو آهين؟“ مون هڪ ئي جواب ڏنو مانس ته ”ميرپور جو پاڻي ۽ هوا مشهور آهن، مون کي صلاح ملي آهي ته صحت لاءِ اتي وڃي رهه.“ هو ميرپور ۾ آٺ ڏينهن رهيا. انهيءَ وچ ۾ ديوان

سلامتراءِ روز مون وٽ ايندو هو. تنهن ڪان پوءِ هو حيدرآباد موٽي ويا. مون کي خبر پئي تہ منشي آوتراءِ، مير شيرمحمد سان وعدو ڪيو هو تہ مان ڪرنل آئوترام سان تنهنجي دوستي ڪرائيندس. مير ڪيس انهيءَ خرچ-پکي جي عيوض ويهہ هزار رپيا ڏيڻا ڪيا ۽ اهڙو خط پڻ مير صوبدار ڏي لکيائين، جنهن ۾ چاڻايائين تہ ڪرنل آئوترام سان منهنجي دوستي بہ ساڳين شرطن تي ڪرايو، جن تي حيدرآباد جي ميرن ڪئي آهي. چون ٿا تہ منشي آوتراءِ اهو خط وٺي، هڪدم حيدرآباد روانو ٿي ويو. مان ميرپور ۾ هوس جو پڌرم تہ مير نورمحمد گذاري ويو آهي. پنجاب جي راجا رنجيت سنگهہ جي وڏي پٽ، راجا کڙڪ سنگهہ بہ ساڳئي وقت پران تياڳيا ۽ هن جو پوٽو نهال سنگهہ پيءُ جي چکيا تان موٽندي، لاهور جي قلعي جي هڪ ونگ جي ڪرڻ ڪري مري ويو هو.

منهنجو گماشتو ريواچند، انگريزن جي فوج کي حيدرآباد جي ميرن جي علائقي ۾ سلامتيءَ سان پهچائي، منهنجا سڀ احڪام پورا ڪري، مهيني ڪان پوءِ موٽي آيو، جتي مان سمورو وقت رهيو پيو هوس. هو فوج جي سالار ڪان پئسن جي پهچ جي رسيد ۽ پنهنجن خدمتن جو چٺو بہ وٺي آيو هو.

انهيءَ وچ ۾ مان ڪڏهن بہ شيرمحمد سان ملڻ نہ ويس. ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڏينهن ترسيس. شهر جي سڀني معزز ماڻهن هندن خواهہ مسلمانن، مون کي پنهنجيءَ ملاقات جو شرف بخشيو. سنڌ جي رواج مطابق، هرهڪ پاڻ سان مصري يا مکڻ سوکڙيءَ طور کڻي آيو هو. ستين بجي شام جو، مير شيرمحمد جي ننڍي پاءُ، مير شاهہ محمد، جو ٽنڊي الهيار ۾ رهندو هو، تنهن جا ڪي خاص ملازم، مير جي پاران مون سان ملڻ آيا. مير جا سلام ڏئي چيائون تہ ”مير توسان ڪنهن ضروري ڪم لاءِ، خانگي طرح ملڻ ٿو گهري. هو هن وقت، پر واري باغ ۾، هڪ ننڍي بنگلي ۾ تنهنجو انتظار ڪري رهيو آهي.“

مير شير محمد جي علائقي ۾ انگريزن جي فوج جي ڪهڙي خدمت ڪئي هئي ۽ ڪيس سپهه سالار جو اهو خط پڻ ڏيکاريم، جنهن ۾ هن ريواچند جي خدمتن جي تعريف ڪئي هئي. جو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ منهنجو شڪريو ادا ڪيائين. ٨ - ڊسمبر ١٨٤١ع تي هن هند سرڪار ڏي هڪ خط لکيو، جنهن ۾ منهنجن خدمتن جو سرڪاري طور، هيٺين لفظن ۾ اعتراف ڪيل آهي.

”مان هن موقعي تي، توهان جو ڌيان پنهنجي چوٿينءَ جون مهيني جي خط ڏانهن ڇڪائڻ گهران ٿو، جنهن ۾ مون سيٺ نائونمل جي لاءِ، هن جي اڳين خدمتن جي عيوض، ٿورڙي پينشن ۽ خلعت جي سفارش ڪئي آهي. ان خط جو جواب اڃا ڪونه موصول ٿيو آهي. ان کان پوءِ به هن انگريز سرڪار جي شيدائي ڪان مون کي مزيد امداد ملندي پئي رهي آهي، فوج جي امداد متعلق مير شيرمحمد سان جيڪي ڳالهيون ٻولهيون هلايون ويون آهن، انهن ۾ هن نمايان ٻهرو ورتو آهي ۽ هن منشي چيتانند جي ٺڳين ظاهر ڪرڻ ۾ به اسان سان وڏو تعاون ڪيو آهي، جنهنڪري هن، منشي چيتانند ۽ شهر جي ٻين بااثر شاهوڪارن جن جو انهن ٺڳين ۾ هٿ هو، تن جي پڻ دشمني پرائي آهي.“

مون جڏهين ڪرنل آئوٽرام کي، مير شاهه محمد سان ملڻ ۽ وتانئس جعلي خط هٿ ڪرڻ جي خبر ٻڌائي، تڏهن هو ڏاڍو خوش ٿيو. مون کيس اهو جنسي خط، جو ان وقت مون وٽ موجود هو، ڪڍي ڏيکاريو. خط پڙهي چيائين ته ”هي خط منهنجي نالي آهي ۽ ان تي، فارسيءَ ۾ جعلي مهر لڳل آهي. خط ۾ ڪيمخاب جي ٻهچ ۽ پستولن موڪلڻ جو پڻ ذڪر ڪيل آهي.“ ان کان پوءِ مون ٻڌايومانس ته ”مير مون کي ٻڌايو آهي ته اسان جي اها دوستي آغا ابراهيم شاهه ڪرائي آهي، جنهن کي مون انهيءَ خدمت جي عيوض ڪافي

انعام پڻ ڏنا آهن." تنهن تي چيائين ته "هي انگريز سرڪار سان هڪ وڏو دوکو آهي. تو هڪ وڏو چرڪو ڦاسايو آهي." تنهن کان پوءِ هن هڪدم مير نصير خان ڏي هڪ سخت خط لکيو، جنهن ۾ اها گهر ڪئي ويئي ته آغا ابراهيم شاهه کي تفتيش لاءِ، سفارتخاني ۾ موڪليو وڃي. مير نصير خان، ابراهيم شاهه ۽ هن جي سپني وڏي پائرن کي پاڻ وٽ دربار ۾ گهرائي، جاچ ڪئي ۽ آخر ابراهيم شاهه پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو. تنهن کان پوءِ هڪڙي ڏينهن شام جو ستين بجي، مير نصير خان خود گهوڙي تي چڙهي، ڪرنل آئوٽرام وٽ آيو ۽ چيائينس ته "جاچ توهان پاڻ نه ڪريو، ڇاڪاڻ ته آغا ابراهيم شاهه، سنڌ دربار جي وڏي سردار، آغا اسماعيل شاهه جو پٽ آهي، جنهن کي خاص امتياز طور پالڪيءَ ۾ چڙهڻ جي اجازت مليل آهي.. جيڪڏهن مان آغا ابراهيم شاهه کي توهانجي حوالي ڪندس، ته ان ۾ سنڌ جي دربار جي توهين ٿيندي. مان پاڻ آغا کي مناسب سزا ڏيندس، جو هن پنهنجو ڏوهه قبول ڪيو آهي." چنانچ آغا ابراهيم شاهه کي مير ٻه سال قيد جي سزا ڏني ۽ هن کي انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ هڪ توبچيءَ جي نگرانيءَ ۾ رکيو ويو. تنهن کان پوءِ ڪرنل آئوٽرام مون کي چيو ته هاڻي مون کي اهو خط هٿ ڪري ڏي، جو مير شير محمد پنهنجي عملدار منشيءَ آوتراءِ جي معرفت، مير صوبدار ڏي، ويهه هزار رپين جي معاوضي تي مون سان دوستي ڪرائي ڏيڻ لاءِ لکيو هو. مون ڪرنل آئوٽرام کي چيو ته ان معاملي تي ڪافي خرچ ٿيندو." هن مون کي خاطري ڏني ته هند سرڪار مناسب خرچ پري ڏيندي. ان کان پوءِ مون مناسب ڪارروائي شروع ڪئي ۽ انهيءَ دستاويز هٿ ڪرڻ لاءِ سرتوڙ ڪوشش ۽ جفاڪشي ڪندو رهيس. آخر آيرئيمل نالي، هڪ حيدرآباد جي عامل، وعدو ڪيو ته مون کي ٩٠٠ رپيا (ڪوڙيون) اجورو ڏيو، ته مان جنهن خط پيش ڪندس.

آپيرڏومل مشهور و معروف ماڙهو هو. مير شيرمحمد هن جا ڪنهن نگيءَ جي ڏوهه ۾ پيٽي ڪن ڪپرايا هئا. مون ڏنو ته ڪرنل آئوٽرام خط هٿ ڪرڻ لاءِ هيترو منتظر آهي، تنهنڪري جڏهن اپرٽيمل هڪدم خط آڻي ڏيڻ جو وعدو ڪيو ۽ ساک ڏني، تڏهن مون خوشيءَ سان کيس ٩٠٠ رپيا اڳواٽ ڪيڊي ڏنا. ان کان پوءِ مون وري اپرٽيمل جي شڪل ڪانه ڏٺي ۽ هو حيدرآباد ڇڏي ڪيڏانهن گم ٿي ويو. مون اها حقيقت ڪرنل آئوٽرام سان ڪئي، جنهن چيو ته "اهي پئسا پاڻيءَ ۾ ويا. سرڪار توکي پائي به ڪانه ڏيندي، پئسن ڏيڻ کان اڳ توکي ان ماڙهوءَ متعلق خاطري ڪرڻ کپندي هئي."

تنهن کان پوءِ، جلدئي مير شيرمحمد ۽ مير نصير خان جي وچ ۾ حدبنديءَ تان تڪرار ٿيو ۽ ٻيئي ڌريون لڙائيءَ جي تياري ڪرڻ لڳيون. ڪرنل آئوٽرام وچ ۾ پئي، ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ باعزت صلح ڪرائڻ لاءِ ڪوشش ڪئي. آخر هن جي ڪوشش تي امين مقرر ٿيا ۽ ڌرين فيصلي قبول ڪرڻ جو وعدو ڪيو. ڪرنل آئوٽرام، انگريز سرڪار جي پاران پنهنجي نائب مسٽر وائيٽلاڪ ۽ مون کي امين مقرر ڪيو. مير نصير خان، نواب احمدخان لغاري، محمديوسف (وڏو) ۽ منشي وهيرام آڏواڻيءَ کي پنهنجا عيوضي ڪري موڪليو. اهڙيءَ ريت مير شيرمحمد جي پاران هن جو سهرو، علي خان ٽالپر ۽ جعفر خان نظاماڻي وڪيل مقرر ڪيا ويا. اسان الهيار جي ٽنڊي ۾ وڃي پندرهن ڏينهن رهي فيصلو ڪيو.

اسان حيدرآباد موٽي آياسين، تنهن کان پوءِ ڪرنل آئوٽرام هڪ مهيني لاءِ بمبئيءَ ويو. وڃڻ وقت چيائين ته "اميد آهي ته جڏهن مان موٽي ايندس ته مير شيرمحمد وارو خط مون کي ڏيندين. خط هٿ ڪري پاڻ وٽ حفاظت سان رکجانءِ. ڪرنل آئوٽرام جي مرضيءَ مطابق مان سرٽوڙ ڪوشش شروع ڪري ڏني. آخر گهڻيءَ محنت، جانفشانيءَ ۽ خرچ کان پوءِ

اهو جنسي خط هٿ ڪري، ڪرنل آئوٽرام جي نائب، ڪئپٽن ليڪيءَ کي سفارتخاني ۾ وڃي ڏيکاريم. هن، اهو خط پڙهائي مون کي چيو ته "اهو منهنجي حوالي ڪر." پر مون بيوقوفي ڪري، کيس جواب ڏنو ته 'ڪرنل آئوٽرام مون کي چٺي ڏيو آهي ته اهو خط پاڻ وٽ محفوظ ڪري رکجانءِ، مان واپس اچي توکان وٺندس؛ تنهنڪري ڪرنل آئوٽرام ڏي خط لکي ساڻس مشورو ڪر ته ڪنهن جي حوالي ڪجي." منهنجو جواب ٻڌي، هن اهو مون کي موٽائي ڏنو، پر سندس شڪل مان ظاهر هو ته هن کي اها ڳالهه نه وڻي هئي. ٿورن ڏينهن کان پوءِ ڪرنل آئوٽرام موٽي آيو ۽ ڪئپٽن ليڪيءَ منهنجي خلاف هن جا ڪن ڀرڻ شروع ڪيا. مان پنهنجي ڪاميابيءَ جي خوشيءَ ۾ ڪرنل آئوٽرام وٽ فخر سان ملڻ ويس. هن کي منهنجو اطلاع ڪيائون ته چوائي موڪليائين ته "مون کي ملڻ جو وقت ڪونه آهي، تون وڃي ڪئپٽن ليڪيءَ سان مل." مان حيران ٿي ويس. مون کي ڪرنل آئوٽرام جي شفقت تي ايترو ڀروسو هوندو هو، جو اهڙي رکي جواب ملڻ تي ڪڏهن سوچي ئي ڪين ٿي سگهيس. ڏک ٿيم ته جنهن دستاويز هٿ ڪرڻ لاءِ ڪرنل کي ايڏو انتظار هو ۽ جنهن لاءِ ايتري تڪليف، محنت ۽ خرچ ڪيم، سي سڀ رائگان ويا. مون هميشه بيلوث خدمت ڪئي هئي، پر ان جو ڪوبه قدر ڪونه ڪيو ويو! مان نااميد ٿي، گهر موٽي آيس ۽ ان کان پوءِ مون کي ڪرنل آئوٽرام يا ڪئپٽن ليڪيءَ وٽ وڃڻ لاءِ دل ئي ڪانه ٿي. هن واقعي کان ڏهن-ٻارهن ڏينهن پوءِ، هڪڙيءَ رات مان سمهيو پيو هوس ته منهنجي مخفي صندوق چوري ٿي وئي، جنهن ۾ مير شيرمحمد وارو خط، ڪرنل پاٽنجر جو سنڌ مان روانگيءَ وقت سرڪار ڏانهن موڪليل تحرير جو تصديق ٿيل نقل، ڇهه سؤ رپين جي قيمت جو موتين جو جوڙو ۽ ٻيون قيمتي شيون پيل هيون. مان انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾

رهندءِ هوس، جنهن ۾ خاطريءَ جهڙو انتظام ۽ پهرو هوندو هو. مون سمجهيو ته شايد ڪنهن چرچو ڪري پيتي لڪائي ڇڏي آهي. پر جڏهن گهڻيءَ ڳولها ۽ تفتيش کان پوءِ به صندوق نه ملي، تڏهن مون سخت ارمان محسوس ڪيو ۽ سوچيم ته انهيءَ ڪڏي ڪم لاءِ ڪينو ۽ حسد ذميوار آهن، نه ذاتي طمع. مون کي صندوق ۾ پيل زيورن ۽ جواهرن جي چوريءَ تي وڃڻ جي ڪابه پرواهه ڪانه هئي ۽ نڪي مون کي شير محمد جي خط ڪجي وڃڻ جي ڪا ڳڻتي هئي. مون کي جيڪڏهن ڪنهن ڳالهه جو فڪر هو، ته ڪرنل پاٽنجر واري خط جي نقل جي چوريءَ تي وڃڻ جو. ڪرنل پاٽنجر مون سان انهيءَ خط جي ڏاڍي ساراهه ڪئي هئي ۽ مون کي خاطري ڏني هئائين ته جيتوڻيڪ سنڌ اڃا ميرن جي تابع آهي، پر تو کي ڪنهن ڏينهن ضرور انهيءَ خط مان فائدو رسندو. مون خيال ڪيو ته اهو بيش بها خط، ميرپور واري دستاويز جي ڪري گم ٿيو آهي. ڏاڍو پڇتايم ته اهي ٻئي خط هڪ صندوق ۾ گڏ ڇو رکيا هئم. مون کي ياد هو ته هڪڙي ڏينهن ڪرنل پاٽنجر مون کي ٻڌايو هو ته ”مون تنهنجي انهيءَ خط جو نقل ڪرنل آئوٽرام ڏي، سنڌ جي سفارتخاني جي دفتر لاءِ موڪليو هو.“ مون پوءِ ڪرنل آئوٽرام جي وڏي منشيءَ کي چيو ته ”مون کي سفير جي دفتر مان انهيءَ خط جو ٻيو نقل آڻي ڏي.“ هن اها ڳالهه قبول ڪئي، پر پوءِ جواب ڏنائين ته مون ڳولها ڪئي آهي، پر اهو خط دفتر ۾ آهي ئي ڪونه(١)، حالانڪ مون پاڻ

(١) اهي واقعا ڏيکارين ٿا ته هندستان جي سفارتي حلقن ۾ ڪهڙا منصوبا هلندا هئا ۽ رازدار شخصن جي ستياناس ڪرڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا ويندا هئا. سيٺ نائونمل، مير جو خط پاڻ وٽ رکي دانائي ڪانه ڏيکاري هئي. جيڪڏهن هو

( ڏسو حاشيه صفحي ١٥٦ تي )

ڪنهن وقت ساڳيو خط دفتر ۾ ڏنو هو. انهيءَ خبر، منهنجي ڏک ۾ پاڻ اضافو ڪري ڇڏيو ۽ ساڳئي وقت حيدرآباد جي آرهڙ جي گرميءَ به مون تي پنهنجو چڱو اثر ڏيکاريو ۽ مون کي بخار ۽ الٽيون ٿي پيون. سفارتخاني جو ڊاڪٽر منهنجو علاج ڪندو هو ۽ دوا درمل ڏيندو هو. هڪڙي ڏينهن منهنجي تمام نازڪ حالت ٿي ويئي. ڪرنل آئوترام کي جڏهن خبر پئي ته هو هڪ ڊاڪٽر کي ساڻ وٺي مون کي پڇڻ آيو. ڊاڪٽر جي موچاري علاج، تيمارداريءَ ۽ خدا جي فضل سان منهنجي حالت سڌرندي وئي، پر پوريءَ طرح شفاياب ٿيڻ ۾ گهڻو وقت لڳو. چاق ٿيڻ کان پوءِ ڪرنل پاٽنجر جي سفارشي خط جي چوري تي وڃڻ جو ڏک منهنجي دل مان ڪين ويو.

---

( آندل حاشيه صفحي ١٥٥ تان )
اعليٰ ڪردار وارو نه هجي ها، ته هن جي به ستياناس ٿي وڃي ها. — مؤلف

# باب ستون

وهانءَ جا شاد مانا – معزز مهمان – ڪراچيءَ ۾ واپسي – ناءُونمل کي، ليفٽيننٽ ايسٽوڪ جي معرفت، گورنر جنرل جي طرفان خلعت جو مان – صدر بزار ۾ جڳهون ٺهرائڻ – ميرن جا ڏڙڪا – سر چارلس نيپيئر جي آمد – مير عليمراد جي نيپيئر کان پنهنجي ڀاءُ رستم جي خلاف، مدد جي گهر – رستم جي ڀاڄ – حيدرآباد جي سفارتخاني تي حملو – مياڻيءَ ۽ حيدرآباد جون لڙايون – نومڙين – ڪرستين ۽ جوکين جي سردارن جو ڪراچيءَ تي حملو ڪري فوج کي قتل ڪرڻ جو منصوبو – ناءُونمل جي گهر ۾ هراس – شهر ۾ ڦڙڦوٽ – ڪراچيءَ جي دفاع لاءِ عملدارن سان منصوبو – ٽالپرن جي جهنڊي جو سر ڪيرائڻ ۽ ناءُونمل جو سر چارلس نيپيئر کي لڪل خطن سان قاصد موڪلڻ – ناءُونمل جي صاحب خان چٽي کان مدد جي گهر – بلوچ لٽيرن جو پيڇو – هوتچند جي فاتحانه انداز ۾ واپسي – انگريزن جي هڪ فوجي دستي جو بلوچن جي هٿان قتل – ناءُونمل جو سؤ جوان وٺي، ڏاڪڙين ڏڪرين ۾ فوجي دستي پنيان وڃڻ – پستول جو ٺڪاءُ – ڏنگيءَ جو شڪ – بلوچن جي چانڊوٽيءَ تي قبضو – ٽن سردارن جو ڪئپٽن پريڊيءَ وٽ پيش پوڻ – ناءُونمل جو ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ٿيڻ.

سنبت ١٨٩٨ [١٨٤١ع] جي آڪاڙ مهيني ۾، اسان فيصلو ڪيو ته منهنجي ستين نمبر ۽ سڀني کان ننڍي پٽ ليکراج، پاڻ تي آتمارام ۽ منهنجي وڏي پٽ ٽيڪمداس جون شاديون

(ننڍو)(١)، جو شڪارپور سنڌ جو نائب سياسي سفير هو، حيدرآباد ڪان آيو. مان هن سان ملاقات ڪرڻ ويس. چياءين ته هندستان جي عزتماب گورنرجنرل، تنهنجي لاءِ سناويهن ڪپڙن جي خلعت موڪلي آهي. مون اهو عطيو قبول ڪري، هن جو احسان مڃيو. مهيني ڪان پوءِ، هڪڙو بنگال ڪاتي جو ملازم، مسٽر ڪننڊي(٢)، سنڌ جو مقامي سياسي سفير مقرر ٿيو. مان هن سان ملڻ ويس. ٻڌايائين ته اعليٰ حضرت، عزتماب، هندستان جي گورنرجنرل نوڪري سؤ رپيا مهينو پينشن(٣) عطا ڪرڻ فرمائي آهي، جنهن جي عيوض توکي، سرڪار کي ضرورت جي وقت صلاح مشورو ڏيڻو پوندو. مون ان لاءِ سرڪار ۾ سندس شڪريو ادا ڪيو. سنڌ جو سياسي ادارو ان ڪان پوءِ فقط ٽي مهينا هليو ۽ ان سان گڏ منهنجو معاوضو به ختم ٿي ويو.

مان انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ باقاعدي ويندو هوس. هڪڙي ڏينهن ڪئپٽن هينري پريڊي، جو ڪراچيءَ ۾ رسد جي محڪمي جو اعليٰ آفيسر هو ۽ بزار جي نگران (ڇانوڻيءَ جي مئجسٽريٽ) جا فرض پڻ ادا ڪندو هو، مون کي فوج جي سالار وٽ وٺي ويو ۽ هن جي روبرو مون کي چيائين: "اسان صدر بزار کي سڌارڻ لاءِ ڏاڍا جتن ڪيا آهن ۽ پاڻ پتوڙيو آهي. صدر بزار ۾ برآمدي مال تي مبرن ڪان محصول معاف ڪرايو آهي، پر تنهن هوندي به ڪو ڏيهي ماڻهو صدر بزار ۾

---

(١) ليفٽيننٽ اي. پي. ايسٽوڪ "Dry tieanes from young Egypt" جو مصنف، جو پوءِ هيليبري ۾ هڪ پروفيسر هو، طهران ۾ انگريزي سفارتخاني جو سيڪريٽري ۽ ١٨٦٨ ڪان ١٨٧٤ع تائين پينرهن ۽ فالمٿ جو ايم. پي ۽ (Murrags Hanolbook for India)

(٢) مؤلف هن نالي جو پتو لڳائي نه سگهيو آهي.

(٣) ڏسو ضميمه ١٠.

ابراهيم خان ڪرمتي(١) ڏي لکيو هو تہ توهان حيدرآباد اچي
ٻروچن جي لشڪر ۾ شامل ٿيڻ بدران، يڪمشت ٿي پنهنجي
متحده فوج سان، ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ تي اوچتو
يلغار ڪري، ڦري لٽي، ساڙي ڀسم ڪري ڇڏيو ۽ سڀني سپاهين
کي ماري ڇڏيو؛ پوءِ ڀل اهي انگريز هجن، يورپي يا ديسي
هجن. مطلب تہ انگريز ڪتو هڪ بہ نہ ڇڏيو ۽ جنهن جو بہ
انگريزن جي فوج سان، انهن جي ڏر سان ڪو تعلق هجي،
تنهن کي قتل ڪري ڇڏيو. ميرن ڪراچيءَ ۾ پنهنجن عملدارن
کي هن ڳالهہ کان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو ۽ کين هدايت ڪئي
هئائون تہ انهن سردارن کي پئسي پنجڙ ۽ اَنَ وغيره جي مدد
ڪن تہ جيئن هو سندن حڪمن جي آسانيءَ سان تعميل ڪري
سگهن.

انهن تنهي سردارن، ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي ڇانوڻيءَ
تي يلغار ڪرڻ لاءِ پنهنجا ماڻهو ڪٺا ڪيا. پر هنن جي اها
مرضي نہ هئي تہ انهيءَ انڌا ڌنڌ قتل ۽ غارتگريءَ ۾ ڪنهن
مسلمان کي ڪو نقصان پهچي، تنهڪري هنن ڪن مسلمانن
کي صلاح اها ڏني هئي تہ اسان جنهن وقت ڪراچيءَ جي
آسپاس وارن ڳوٺن ۾ لٽ مار شروع ڪريون، تہ توهان ڪراچيءَ
مان ٽڪڙا ٽڪڙا نڪري وڃجو. اها خبر مسلمانن مان واڌرجي
وڃي شهر جي هندن ۽ ٻين ماڻهن جي ڪن پيئي. خبر ٻڌڻ
سان سڀني ۾ هراس ڦهلجي ويو. ١٦- فبروري ١٨٤٣ع جي شام
جو، مان انگريزن جي ڇانوڻيءَ مان موتيس تہ شهر جو حليو

---

(١) سبٽ نائونمل شروع ۾ انهن تنهي سردارن کان، جيڪي
ڪراچيءَ جي آسپاس ڪوهستاني ۽ ريگستاني علائقن ۾
وڏين قومن جا چڱا مڙس هئا، باربرداريءَ لاءِ اُٺ ورتا هئا،
هو وڏي اثر ۽ طاقت جا مالڪ هئا ۽ نومڙين جو تہ ٽالپرن
سان سڳابنديءَ جو رشتو پڻ هو.

تي چاڙهي چڏيان ۽ مان پاڻ چانوڻيءَ ۾ انگريزي سپاهين سان رهندس ۽ انهن سان ڏک سک ۾ شريڪ ٿيندس. هي آزمائش جو وقت آهي، چستي ۽ همت درڪار آهن. چانوڻيءَ ۾ انگريزن جا زياده ۾ زياده فقط ٻه-ٽي سئو سپاهي موجود آهن. ڪئپٽن پريڊيءَ چيو ته ”ٽي ڏينهن گذري ويا آهن، ته اچاتائين سر چارلس نيپيئر جي چانوڻيءَ مان ڪابه ٽپال ڪانه آئي آهي. اسان کي خبر نه آهي هن جي خيرپور مان رواني ٿي وڃڻ ڪان پوءِ ڇا وهيو واپريو آهي؟ ۽ نڪي اها خبر آهي ته هو هن وقت ڪٿي آهي.“ تنهن ڪان پوءِ هن ڪرنل بائلوءَ ڏي هڪ خط لکيو. هو ڪراچيءَ ۾ انگريزن جي هڪ پلٽڻ جو سالار هو. ڪرنل، ڏهن پندرهن منٽن ۾ پهچي ويو. گهر ۾ ڪو مخفي ڪمرو ڪونه هو، تنهنڪري اسان سڀ غسلخاني ۾ هليا وياسين. ڪرنل بائلو ۽ ڪئپٽن پريڊي ٽن ڪلاڪن ڪان وڌيڪ ڳالهائيندا رهيا ۽ مون ويٺي ٻڌو. ڪئپٽن پريڊيءَ، ڪرنل کي سڀڪجهه ٻڌايو. مشوري ڪان پوءِ ڪرنل بائلوءَ مون کي چيو ته تون ڪئپٽن پريڊيءَ وٽ ترس ته مان پنهنجي عبادت ڪري، (اهو ڏينهن آچر جو هو) ۽ چاءِ ٽوسٽ کائي پيي وٺان. مون چيومانس ته ”ڏهه وڄي ويا آهن، ڏينهن گرم ٿي ويو آهي، مون رات جو به روٽي نه کاڌي آهي، نه ننڊ ڪئي آهي. هن وقت به مون کي اڃ لڳي آهي.“ چيائين ته ”ڪتمنڙا کاءُ.“ جواب ڏنومانس ته ”ڪتمنڙا پياس لاهڻ بدران پاڻ اُڃ وڌائيندا.“ ان ڪان پوءِ چيائين ته ”چڱو تون چانوڻيءَ ۾ پنهنجي گماشتي، نارائڻداس وٽ وڃي ٻه-ٽي منٽ ترس.“ مون ڪئپٽن پريڊيءَ سان شڪايت ڪئي ته ڪرنل بائلو شايد مون کي مشڪوڪ نگاهن سان ڏسي رهيو آهي. تنهن تي هن ڪرنل بائلوءَ کي چيو ته هي انگريزن جو شيدائي آهي. اسان جو هن تي اهڙو اعتبار آهي، جهڙو ڪنهن پنهنجي ماڻهوءَ تي هجي. ڪرنل بائلوءَ پوءِ مون کي گهر وڃڻ جي اجازت ڏني. مان گهوڙي تي چڙهي

تڪڙو تڪڙو گهر ويس. رام باغ تلاءَ جي پرسان هڪ فقير
گڏيو جو تقريباً ننگو هو. فقط هڪ چوتيو اڳيان ۽ چيلهه تي
ٻڌل هوس. هو سنڌي نه هو، ترڪ پئي لڳو. هن چرين وانگر
هندستانيءَ ۾ چيو ته انگريزن جي فتح ٿي آهي ۽ هنن سنڌ
ورتي آهي. ميرن هميشه لاءِ سنڌ وڃائي ڇڏي." اهو ماڻهو مون
ٻهريون دفعو ڏٺو هو.

مان شهر جي خوفائتين گهٽين مان لنگهي گهر پهتس.
اندر سراءِ ۾ اٽڪل پنجاهه-سٺ ماڻهو (منهنجي خاندان جا سڀ
مرد، پنهنجن گماشتن ۽ نفرن سان) منهنجي انتظار ۽ ملڻ لاءِ
ويٺا هئا. ڇيائون ته اسان سامان ٻڌي هلڻ لاءِ تيار ويٺا آهيون.
مون کي سخت پياس لڳي هئي، ڇيومان ته مون کي پهريائين
اُڃ لاهڻ ڏيو ته پوءِ مان توهان کي ٻڌائيندس ته ڇا ڪرڻ
کپي. مان سنان ڪري گهر ويس، جتي منهنجي ڏاڏيءَ وري
ڇيو ته "اسان جون جانيون بچاءِ ۽ وڃڻ ڏي." مان ڪپڙا
بدلائي ڪاڻڻ ويٺس. اڃا ٻـ-ٽي گرهه مس ڪاڌا هئم ته نوڪر اچي
ٻڌايو ته ڪئپٽن پريڊي ٻاهر ويٺو آهي ۽ توهان کي سڏي ٿو.
مان هڪدم هن سان ملڻ لاءِ ٻاهر ويس. ڇيائين ته منهنجي اڳيان
هل. مون ڪپڙا پائي هن جي اڳيان هلڻ شروع ڪيو. جڏهن
ٻئرڪن وٽ پهتاسين، تڏهن ٽالپرن جي حڪومت جا گهڻائي
عملدار مٽي هڪ ٿلهي تي ويٺا هئا. ڪئپٽن پريڊيءَ مون کي
ڇيو ته انهن کي سڏي چؤ ته هيٺ لهي اچن. اتي هيٺ ٻيا
ٽي ماڻهو ويٺا هئا: (١) محمد صديق، نصير خان ۽ حسن علي
ميرن جي پاران؛ (٢) ديوان ٽيڪچند، مير نورمحمد پاران؛
(٣) ديوان مولچند، مير صوبدار جي پاران. اهي ٽيئي مقاطعيدار
هڪدم لهي اچي ڪئپٽن پريڊيءَ جي اڳيان بيٺا، جنهن چيس
ته اسان جي اڳيان ٿيو. هنن حڪم جي تعميل ڪئي ۽ اڳيان هلندا
هليا، تان جو انهيءَ جاءِ تي پهتاسين، جنهن کي هاڻي "جوڙيا بزار"
چوندا آهن. اتي منهنجا نوڪر، هڪ سنجيل گهوڙو ۽ اُٺ تيار

۾ ڪونيون ڪوليون ويون ۽ وري ساڳي چهل پهل شروع ٿي وئي. حڪومت جي تبديلي نهايت ماٺ ميٺ ۾ ڪئي وئي، ڪنهن به قسم جو نقصان ڪونه ٿيو ۽ ڪنهن ڪي به ڏک ڦٽ ڪونه لڳو. شهر ۾ چوڪين جي نظرداريءَ لاءِ فوج جو هڪ يورپي سارجنٽ مقرر ڪيو ويو ۽ منهنجي گهر ۽ سراءِ تي سپاهين جو پهرو بيهاريو ويو. ٽالپرن جي حڪومت جي عملدارن کي چانوڻيءَ ۾، حوالات ۾ رکيو ويو.

مون جو ڪين، ڪرمتين ۽ نومڙين جي خبر رکڻ لاءِ ماڻهو موڪليا هئا. انهن موٽي اچي خبر ڪئي ته ڏاڙيل انگريزن جي چانوڻيءَ کان ٻن-ٽن ميلن جي مفاصلي تي پهچي ويا هئا ۽ پر وارن ڳوٺن ۾ ڦرلٽ ڪئي هئائون ۽ ٻاهيون ڏنيون هئائون. پر پوءِ جڏهن هنن کي معلوم ٿيو ته انگريزن کي سندن ارادن جو پتو پئجي ويو آهي ۽ ساڳئي وقت ٽالپرن جي عملدارن کي گرفتار ڪري ڪراچيءَ تي قبضو ڪيو آهي، تڏهن هنن جا ڇيهه ڇڄي پيا ۽ ڪراچيءَ تي حملي ڪرڻ جي همت ئي ڪانه ٿن. مون اها خبر ڪئپٽن پريڊيءَ کي ٻڌائي، جنهن بروقت وڏيڪ مناسب انتظام جو بندوبست ڪيو.

اسان جي خاندان ۾ ڪيترين پيڙهين کان برهمائي قوم جا بروچ نوڪر رکيا ويندا هئا. مون وٽ ان وقت به انهيءَ قوم جا ويهه سپاهي هئا. ڪراچيءَ تي جنهن ڏينهن قبضو ڪيو ويو هو، ان جي ٻئي ڏينهن مان چانوڻيءَ ۾ ويس ڪرنل ٻائلوءَ وقتائتي اطلاع لاءِ منهنجو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيائين ته "ڪراچيءَ کي بروچن جي اوچتي حملي کان بچائڻ لاءِ اسان هرقسم جا اپاءَ ورتا آهن. اسان کي هن وقت سر چارلس نيپئر جي باري ۾ معتبر معلومات کپي، جو هالا ۾ پهچڻ کان پوءِ اسان کي هن جو ڪوبه اطلاع ڪونه مليو آهي. بمبئيءَ جو به سر چارلس سان ٽپال جو سلسلو ڪٽجي ويو آهي ۽ پيا سڀ شهر به منقطع ٿي ويا آهن. سر چارلس نيپئر ۽ هن جي فوج هن وقت ڇا ٿا ڪن؟

اِن جي باري ۾ اسان کي معلومات ڪپي. انهيءَ معاملي ۾ اسان کي تنهنجي مدد جي ضرورت آهي.“ مون چيومانس ته ”توهان مون کي خط لکي ڏيو ته مان هڪدم روانا ڪندس.“ ان وقت مون سان پنج - ڇهه برهماڻي سپاهي ساڻ هئا. انهن مان هڪڙي جو نالو جادو هو، جو نهايت وفادار، سچار ۽ دلير هو. مون هن کي پنهنجي سواريءَ جو اُٺ ڏنو ۽ چيومانس ته ”سر چارلس جي ڇانوڻيءَ تائين وڃڻ جي تياري ڪر.“ جادي تياري ڪئي ۽ سفر لاءِ سيڌو سامان خريد ڪيائين. ان بعد انگريزن جي عملدارن خط لکيا، جي سورهن سنهن پنن تي مشتمل هئا. اهي ديسي خطن وانگر ويڙهي سيڙهي، جادي جي جتيءَ جي تري ۾ رکي، مٿان چمڙي جو نئون تهه ڏئي، بند ڪيا ويا. جادو، مگر پير رستي حيدرآباد ڏانهن روانو ٿي ويو. هو انهيءَ رستي کان پاسو ڪري ويو، جتي جوکيا ۽ پيا رهندا هئا. هو حيدرآباد ۾ پورن ڇتيهن ڪلاڪن کان پوءِ پهتو. ڇا ڏسي ته سر چارلس نيپئر اڳيئي ميرن جي صدر مقام ۾ ديرو ڄمايو ويٺو آهي. هو ڇانوڻيءَ مان پڇندو پئي ويو ته سرچارلس ڪٿي آهي؟ جنهن به ساٿيءَ سوال - جواب پئي ڪيس ته ان کي چيائين ٿي ته مان سيٺ جو نوڪر آهيان ۽ هن جي ڪم سان آيو آهيان. آخر هن کي سر چارلس جو خيمو هٿ آيو ۽ اطلاع ڪيائين ته سيٺ جي ڪم سان آيو آهيان. هن کي اندر گهرايو ويو. جادي اندر وڃي، جتيءَ جو ترو قاڙي، خط ڪڍي پيش ڪيو. سر چارلس، هڪ طرف جادي جي اها چالاڪي ۽ همت ڏسي، ۽ ٻئي طرف ڪراچيءَ تي قبضي ٿيڻ جي خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ هن کي انعام ڏيڻ جو اقرار ڪيائين. پوءِ پڇيائينس ته ”ڪراچيءَ ٽپال ڪٿي ويندين؟“ جادي اها ڳالهه هڪدم قبول ڪئي. پوءِ سر چارلس، جوابي خط هن جي حوالي ڪيا، جن ۾ مياڻيءَ جي جنگ جي نتيجي، حيدرآباد تي قبضي ڪرڻ ۽ ٽالپرن جي پيش پوڻ جو احوال ڏنل هو. اهي خط هن ساڳيءَ

ميٺ هجي ته ڏوئيءَ لاءِ نه ترس، پر هڪدم ڪراچيءَ پهچي وڃ. هن حب نديءَ تي پهچي، پنهنجي اچڻ جو اڳواٽ اطلاع موڪليو. تنهن کان پوءِ جلدئي اچي باغيچن جي پرسان ديرو ڄمائي وينو. آءٌ هن جي ماڻهن لاءِ کاڌي پيتي جو بندوبست ڪري، ساڻس ملڻ ويس. پوءِ هن کي سندس هٿياربند ماڻهن سميت، انگريزن جي ڇانوڻيءَ ۾ وٺي ويس ۽ سردار کي ڪرنل بائلوءَ ۽ ڪئپٽن سان تعارف ڪرايم. هو ڏاڍا خوش ٿيا. ڇانوڻيءَ جا ماڻهو مسلمان سپاهين کي ڏسي حيران ٿي ويا. ڪئپٽن پريڊيءَ پڇيو ته ”هنن جي کاڌي پيتي جو انتظام ڪيئن ڪيو اٿئي ۽ جي چئين ته هنن جو خرچ رسد جي محڪمي مان ڏيارانءِ؟ پر مون چيومانس ته ”هنن جي کاڌي جو خرچ مان پنهنجي هڙان ڪرڻ گهران ٿو.“ صاحب خان، تقريباً سارو چوپايومال ۽ ۽ بي ملڪيت جا ڏاڙيان جي ٿولن، ڪراچيءَ جي پسگردائيءَ مان لٽي هئي، هٿ ڪري، حقي. مالڪن کي موٽارائي ڏني. جڏهن ڪرمتين، جوکين ۽ نومڙين کي خبر پيئي ته صاحب خان مدد لاءِ آيو آهي، ته هنن جا چيهه ڇڄي پيا ۽ همت هارجي وين. انهيءَ وچ ۾ بمبئيءَ کان ڪمڪ به پهچي ويئي ۽ صاحب خان کي انن ڏينهن رهڻ کان پوءِ، موٽي وڃڻ جي اجازت ڏني ويئي. منهنجي چوڻ تي صاحب خان کي ۽ ڪن ٻين سردارن کي، جي هن سان گڏ آيا هئا، انگريز عملدارن سراپائون ڏنيون.

ان کان پوءِ جلدئي، منهنجو پيءُ، سيٺ هوتچند، جو ٻن هفتن کان منهوڙي جي پرسان اسان جي جهاز ”ڪوئيا مريپسا“ تي ترسيل هو، ڪناري تي آيو. سيڪنهن طبقي جا هزارين ماڻهو هندو خواهه مسلمان، هن جي آجيان ڪرڻ لاءِ اچي بندر تي ڪٺا ٿيا ۽ کيس نهايت شان ۽ سرگس سان گهر تائين وٺي آيا.

بعد ۾ ٽالپرن جا عملدار بند مان آزاد ڪيا ويا. منهنجو ڀاءُ سکرامداس، ڪسٽمس جو ڪلاڪٽر مقرر ڪيو ويو ۽ مون ڪئپٽن پريڊيءَ جي صلاح ۽ اجازت سان، ديوان مولچند کي

پوليس چوڪيءَ تي رکيو ويو. اهڙيءَ طرح انتظاميه جي پين ڳالهين جو به خاطرخواهه بندوبست ڪيو ويو. ان کان ٿورو پوءِ، سر چارلس نيپئر، سنڌ جو گورنر نامزد ڪيو ويو ۽ هن ڪئپٽن پريڊيءَ کي ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر جي عهدي لاءِ چونڊيو.

مان روز ڏهين بجي صبح جو ڇانوڻيءَ ۾ وڃي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين حصن جي ماڻهن جي جذبات جي متعلق خبرون پهچائيندو هوس، جي مون کي مختلف ذريعن سان ملنديون هيون. مان جيڪي ٻڌندو هوس، سو لکندو هوس ۽ پوءِ اهي ڪاغذ ڪئپٽن پريڊيءَ کي پڙهي ٻڌائيندو هوس. هو انهن مان اهم خبرن جي هڪ يادداشت ناهي، سر چارلس نيپئر کي پهچائيندو هو. اسان جو خانداني گماشتو، فيض محمد حسن، جو قنڌار ۾ اسان جو ڪاروبار سنڀاليندو هو، سو مون کي ان طرف جي ماڻهن جي ڪارروائين ۽ جذبات جي باري ۾ معتبر خبرون موڪليندو هو. منهنجا گماشتا مسقط، بصري ۽ ٻين هنڌان ايران ۽ عربستان جي متعلق اهڙيون خبرون موڪليندا هئا. آءٌ اها ساري معلومات، انگريز عملدارن ۽ ڪئپٽن پريڊيءَ جي معرفت، سر چارلس نيپئر جي خدمت ۾ پهچائيندو هوس.

مياڻيءَ جي جنگ کان ڏيڍ مهينو پوءِ، ٽڙيل پکڙيل بروچ، شيرمحمد جي جهنڊي هيٺان اچي ڪٺا ٿيا ۽ هن انهن جي مدد سان حيدرآباد کان آٺ ميل پري، ٽنڊي الهيار واري رستي تي "دٻاري" (دٻو) جي ڳوٺ وٽ سر چارلس نيپئر جو مقابلو ڪيو. بروچن وري به شڪست کاڌي ۽ شيرمحمد، دودي مري علائقي جي پهاڙي لڪن ڏانهن ڀڄي ويو. هن جي ڀاءُ مير شاهه محمد، سپاهي ڀرتي ڪرڻ جي ارادي سان، چانڊڪيءَ ۽ ڪاڇي جو طرف ورتو. سر چارلس کي هن جي ارادن کان واقف ڪيو ويو. جنهن سنڌس پٺيان هڪ فوجي دستو روانو ڪيو، جو کيس جهانگارن وٽ پهچي، قيد ڪري وٺي آيو. ان کان

پوءِ، سر چارلس نيپئر، حيدرآباد ۽ خيرپور جي سڀني ميرن کي، شاهه محمد سميت، سياسي قيدي ڪري، بمبئيءَ ڏانهن موڪليو.

ان کان پوءِ جلدئي، فوج جو هڪ ننڍو دستو، بمبئيءَ کان حيدرآباد ۾ سر چارلس نيپئر جي مدد لاءِ ڪراچيءَ پهتو. هنن جي سواريءَ لاءِ ملير جي ميمڻن جا اُٺ پاڙي ڪيا ويا ۽ هو ڪراچيءَ کان ٺٽي جي رستي روانا ٿيا. گُجي وٽ هنن تي ملير جي ڄام، مهرعليءَ جي پارٽيءَ، چاڪر خان جو کيبي ٻن-ٽن سوَن جوکين سان اوچتو حملو ڪيو. انگريزن جي ڏر وارا ماڻهو ٿورا هئا ۽ هنن جو مقابلو نه ڪري سگهيا. هنن جو سمورو مال لٽيو ويو، ۽ گهڻا مارجي ويا. فقط ڏهه-ٻارهن ماڻهو جان بچائي، ڪراچيءَ پهتا ۽ پنهنجي دک ڀري ڪهاڻي اچي ٻڌايائون. معلوم هجي ته ميمڻ، جوکين سان انهيءَ حملي ۾ ڀت هئا. انهيءَ غضبناڪ حادثي جي خبر سر چارلس نيپئر کي سندس مشوري لاءِ پهچائي ويئي. حڪم ڏنائين ته انگريزن جي فوجي طاقت جي توهينَ ٿي آهي، ان جي انتقام وٺڻ لاءِ ڪراچيءَ جي فوج کي هڪدم قدم کڻي جوکين کي سزا ڏيڻ کپي. پر ان ڪم ۾ وڏي احتياط ۽ عقل کان ڪم وٺڻو پوندو. ڪئپٽن پريڊيءَ جي چوڻ تي مون پنهنجا ٻه-ٽي برهماڻي ٻروچ سپاهي، جوکين ۽ ميمڻن جي رهڻ جي جاين ۽ سندن حرڪتن جي خبرچار لهڻ لاءِ جاسوس ڪري موڪليا. هنن جلدئي خبر آندي ته ڄام مهرعلي جوکيو ۽ ابراهيم خان ڪرمتي پنهنجا ٻار ٻچا وٺي ملير مان نڪري، حيدرآباد جي رستي مالامهاڙي [مالماڙيءَ] جي مڪان وٽ هڪ ڏکئي لڪ ۾ پناهه ورتي اٿن ۽ ميمڻ، سيوهڻ جي رستي تي، ڊمب ڪوٺ جي مٿان، درياءَ جي پيٽ ۾ هڪ ڏکئي لڪ ۾ وڃي لڪا آهن. مون اها خبر ڪئپٽن پريڊيءَ کي تفصيلوار ٻڌائي. ٻئي ڏينهن چئين ٻجي شام جو، ڪئپٽن پريڊيءَ مون کي عزتماب سنڌ جي ليفٽيننٽ گورنر جي احڪامن کان واقف ڪيو، ۽ پڇيائين ته ڪي اهڙا وفادار نوڪر ڏيئي

جنرل کي سخت ڪاوڙ لڳي آهي، ۽ تنهنجي خلاف سرڪار کي شڪايت ڪرڻ جو ارادو اٿس. اها خبر ٻڌي، منهنجا حوصلا خطا ٿي ويا. ڪئپٽن پريڊيءَ کان پڇيم ته منهنجي وفاداريءَ ۾ شڪ اٿن ڇا؟ تون ته مون کي چڱيءَ طرح سڃاڻين؟“ جواب ڏنائين ته مون کي تو ۾ مڪمل اعتقاد آهي. مون کي خبر آهي ته تون انگريز سرڪار جو وڏو خيرخواهه آهين. خاطري ڪر، مان جنرل کي صحيح حقيقت کان واقف ڪندس.“
اسان سلامتيءَ ۽ ڪاميابيءَ سان ڪراچيءَ واپس آياسين ۽ مهم جي ڪاميابيءَ تي ڏڻي تعاليٰ جا شڪرانا بجا آنداسين. مان پنهنجي خانگي نوڪرن جي روش کان بلڪل مطمئن هوس ۽ هنن کي مقرر پگهار ۽ ڪاڌي خوراڪ جي خرچ کان علاوه، هرڪنهن جي لياقت مطابق، پيا به انعام اڪرام ڏنم.

ملڪ احمد خان جي ڏر جا جوکيا، ڪرمتي ۽ نومڙيا ڏاڍو ذليل ٿيا. هنن کي خبر پئي ته مير، سر چارلس نيپئر جي آڏو پيش پيا هئا ۽ هن کين سياسي قيدي ڪري بمبئيءَ موڪليو آهي. هو اچي ششدر ٿيا ته هاڻي انهن حالتن ۾ ڇا ڪجي! انهيءَ شش و پنج ۾ مون ڏي قاصد موڪليائون، ته تون وچ ۾ پئي اسان جون جاگيرون، مرتبا ۽ اعزاز واپس ونرائي ڏي. مان ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر، ڪئپٽن پريڊيءَ سان مشورو ڪيو ۽ هن سر چارلس نيپئر کي لکي، ڪانئس هدايتون ۽ حڪم ورتا. ان کان پوءِ، مون کين چوائي موڪليو ته جيڪڏهن توهان خاموشيءَ ۽ صلح سانت ۾ اچي انگريز سرڪار جي پيش پوندؤ ته توهان کي جاگيرون ۽ عهدا واپس ڏنا ويندا. سندن قاصدن جي معرفت کين نياپو ڪيم ته هينئر اچي پيش پئو، دير نه ڪريو. جواب ڏنائون ته اسان کي ڪراچيءَ اچڻ ۾ ڊپ ٿو ٿئي ته متان انگريز سرڪار، ميرن وانگر اسان کي به قيد ڪري بمبئيءَ نه موڪلي ڏئي. تنهن هوندي به اسان ڪراچيءَ جي ويجهو مگر پير کان ڪوهه پنڌ تي اچڻ لاءِ تيار آهيون؛ بشرطيڪ

آخر طويل بحث مباحثي کان پوءِ مون کين چيو تہ "هاڻي ڏينهن چڙهندو ٿو وڃي، جي توهان کي هلڻو آهي تہ دير نہ ڪيو." تنهن تي منهنجو هٿ وٺي چيائون تہ "تون اسان کي خاطري ڏي تہ اسان جي بيعزتي نہ ڪئي ويندي ۽ اسان جي جاگيرن ۾ ڪابہ دست اندازي نہ ڪئي ويندي." پوءِ هو الله توهار چئي اٿي بيٺا ۽ اسان سڀني چانوڻيءَ جو رخ ڪيو. چانوڻيءَ ۾ اسان هزار هٿيار بند ماڻهن سان پنجين بجي شام جو پهتاسين. آءٌ هنن کي شاهي بزار مان سڌو ڪئپٽن پريڊيءَ جي قيامگاهہ تي وٺي ويس. مون پهريائين ڪئپٽن وٽ اندر وڃي، جيڪي وهيو واپريو هو سو ٻڌايو مانس ۽ سمجهايو مانس تہ مصلحت انهيءَ ۾ آهي تہ هنن جي جاگيرن کي هٿ نہ لائجي. ڪئپٽن پريڊيءَ، منهنجي تجويز منظور ڪئي، پوءِ مون ساڻس تنهي سردارن جو تعارف ڪرايو. ملاقات پوري ٿيڻ کان پوءِ، هنن کي هدايت ڪئي وئي تہ ليايءَ واري رستي تي وڃي رهو. هڪڙي ڏينهن مون هنن جي پنهنجي خرچ تي دعوت ڪئي ۽ کين رواج مطابق ڪٽڪ جو اٽو، چانور، کنڊ، گيهہ ۽ گوشت لاءِ پئسا موڪليم. اهي هڪ-ٻہ ڏينهن ڪراچيءَ ۾ رهيا ۽ پوءِ هليا ويا. ڪئپٽن پريڊيءَ هنن کي خاطري ڏياري ۽ صلاح ڏنائين تہ هاڻي پنهنجي گهرن ڏانهن موٽي وڃي صلح سانت سان انگريزن جي رعيت ٿي، هنن جي پناهہ ۾ رهو. سيٺ جيڪي توهان سان امن امان سان رهڻ لاءِ وعدا ڪيا آهن، انهن تي جوڳو ويچار ڪيو ويندو. ڪئپٽن پريڊيءَ سموريءَ ڪارروائيءَ جو تفصيلوار احوال، سر چارلس نيپئر سان ڪيو، جنهن پنهنجي منظوري ڏني ۽ ڪئپٽن کي گهوڙا باريءَ کان سيوهڻ تائين ساري علائقي جو مستقل طور ڪليڪٽر مقرر ڪيو. ڪئپٽن پريڊي مون کي گهڻي وقت کان سڃاڻندو هو ۽ مون تي ذاتي مهربان هوندو هو. هڪڙي ڏينهن چيائين تہ "مون توکي ڊپٽي ڪليڪٽر مقرر ڪرڻ لاءِ سر چارلس نيپئر کان اجازت ورتي آهي، اميد تہ تون اهو عهدو قبول ڪندين."

# باب اٺون

١٨٤٣ع ۾، ملڪہ معظم جي سالگرهہ جي موقعي تي، سر چارلس نيپئر جي دربار- پوليس جو انتظام- سردارن ۽ وڏن زميندارن کي ڪوٽ- نيپئر جو نائونمل سان اٽسهائيندڙ برتاءُ- ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان استعيفا- لٽ مار- هڪ پارسيءَ جو قتل- سکرامداس جو قاتلن کي گرفتار ڪرڻ- نائونمل جي سفارشين تي ديواني عملدارن جو تقرر- ديوان چنديرام تي فوجداري مقدمو- نائونمل ۽ هن جي عزيزن کي ڌڙڪا- صدر بزار وارين جڳهين جو ڪيرائڻ- عالومل جي پيدائش (١٨٤٦ع)- نائونمل ۾ شڪ- خزاني موڪلڻ ۾ گهوٻين جو الزام- باعزت رهائي- خانگي بڻيءَ جو بند ڪرائڻ- بيماري- سر چارلس نيپئر جي روانگي ٿيڻ.

ٿورن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ، سر چارلس نيپئر مون ڏي لکيو تہ مان ٢٤- مئي ١٨٤٣ع جي، حيدرآباد ۾ دربار ڪندس ۽ فقط انهن جاگيردارن کي زمينن جي قبضي رکڻ جي اجازت ڏني ويندي جيڪي دربار ۾ شامل ٿيندا، باقي ٻين(١) جون جاگيرون ضبط ڪيون وينديون. دربار ۾ شامل ٿيڻ هرمعزز ۽ باوقار شهريءَ جو فرض آهي. ڪئپٽن پريڊيءَ مون تي بار رکيو تہ سمنڊ کان وٺي ڪاڇي ۽ لاڙڪاڻي تائين، سنڌو نديءَ جي

(١) زمين جي ڏيل بستگيءَ وقت فياضي ڏيکارڻ جي ڪري، خصوصاً فوجي جاگيرن جي باري ۾، سنڌ ۾ ١٨٥٧ع ۾ ڪا گڙٻڙ ڪانہ ٿي هئي. (سر - بي - فريئر)

ساڃي ڪپ واري علائقي جي سڀني سردارن، جاگيردارن ۽ معزز ماڻهن کي دربار جو اطلاع ڏني. چنانچ دربار لاءِ دعوتناما موڪلڻ ۽ ٻيو ضروري انتظام منهنجي حوالي ڪيو ويو. انهيءَ وچ ۾ ليفٽيننٽ گورنر، سر چارلس نيپئر، سنڌ جي پوليس جي محڪمي(١) کي ترتيب ڏيئي، سارو علائو، ٽن حصن ۾ تقسيم ڪيو. اهڙيءَ طرح سڄو صوبو ماليه جي لحاظ کان به ٽن حصن ۾ ورهايو هئائين. پنجويهين پلٽڻ جي ليفٽيننٽ، مارسٽن(٢) کي ڪراچي پوليس جو سربراهه مقرر ڪيو ويو. ياد رهي ته ليفٽيننٽ مارسٽن، سر چارلس نيپئر کي مياڻيءَ جي لڙائيءَ ۾ هڪ سير ڦريل بروچ جي حملي کان بچائي، پنهنجي بهادريءَ جو ثبوت ڏنو هو. مارسٽن ٿوري وقت کان پوءِ، ڪراچيءَ پهچي ويو. هو ڪئپٽن پريڊيءَ وٽ رهندو هو، جنهن جو به ساڳيءَ پلٽڻ سان

(١) انهيءَ باري ۾ فريئر لکي ٿو ته ”هن جو پوليس جو انتظام هندستان جي ٻين سڀني صوبن کان وڌيڪ سٺو هو. بعد ۾ هندستان جي پوليس جي سڌريل انتظام ۾ جي خوبيون هيون، سي اڪثر ڪري سنڌ جي انتظام تان نقل ڪيون ويون هيون. اڃا تائين انهيءَ کان وڌيڪ بهتر پوليس جو انتظام اسان ڪونه ڏٺو آهي. اهو انتظام هندستان جي آزمودگار مدبرن جي راءِ مطابق هو، پر انهيءَ انتظام کي سر چارلس نيپئر گهڻو اڳ، جڏهن هو يونان ۾ هو، دل ۾ سوچي سمجهي پايهء تڪميل تي پهچايو هو. مون کي هڪڙي دفعي سر چارلس نيپئر پاڻ ٻڌايو هو ته يونان جي ساحل جو معائنو ڪندي، مون کي دل ۾ خيال آيو هو ته جيڪڏهن اهڙو ڏوهي ملڪ مون کي حڪومت ڪرڻ لاءِ ملي، ته مان ان ۾ ڪهڙو انتظام ڪريان.“

(٢) لاشڪ نائونمل جو دشمن هو، پر مؤلف جي خيال ۾ هو هڪ ڪارآمد ۽ وفادار سرڪاري ملازم هو.

واسطو هو. ليفٽيننٽ مارسٽن، جڏهن پوليس جي محڪمي جي سربراهيءَ لاءِ آيو تڏهن ان وقت ارڙهن ورهين جو مس ٿي لڳو. ڪئپٽن پريڊيءَ ۽ ليفٽيننٽ مارسٽن، ٢٥ پلٽڻ جي چوڌري شيخ غلام حسين کي، ڪراچيءَ جي فوجدار جي عهدي تي مقرر ڪيو. سر چارلس نيپئر جي سيڪريٽريءَ، برائون جي ننڍي پاءُ کي ساريءَ سنڌ جي پوليس جي محڪمي جو سربراهه مقرر ڪيو ويو.

مون دربار جا اطلاع، پنهنجن ماڻهن هٿان موڪليا. جوکين جي سردار ڄام مهرعليءَ، ڪرمتين جي چڱي مڙس ملڪ ابراهيم خان ۽ نومڙين جي چڱي مڙس ملڪ احمد خان هڪدم دعوت قبول ڪئي. ڪيترا دعوتناما سيوهڻ ۽ ڪاڇي جي چڱن مڙسن ۽ سردارن جهڙوڪ: رندن جو سردار، بهاول خان؛ گبولن جو سردار، بلندو خان؛ ڪاڇي جو سردار، حاجي خان لغاري؛ جمالين جو سردار، بخشيو خان ۽ جهانگارن واري سيد قائم شاهه ڏانهن خاص ڪري موڪليا ويا هئا. انهن لکيو ته ”اسان کي دربار ۾ اچي انگريز سرڪار جي اطاعت ڪرڻ جو تمام گهڻو فڪر آهي، پر وقت تمام ٿورو آهي. انتهائي ڪوشش جي باوجود جي اسان وقت تي دربار ۾ شريڪ نه ٿي سگهون، ته اسان جي استدعا آهي ته اسان کي انگريزن جي رعيت ۾ شمار ڪيو وڃي. چانڊڪيءَ جي سردارن لکيو ته ”اسان جا فصل لاباري لاءِ تيار بيٺا آهن، تنهنڪري اسان جو نڪرڻ محال آهي. پر اسان کي انگريز سرڪار جي حڪومت قبول آهي، ۽ لابارن کان پوءِ اسان پهرين موقعي تي حاضر ٿي اطاعت ڪنداسين.“ آءٌ ۽ ڪئپٽن پريڊي، جيڪي سردار ۽ سرخيل ڪراچيءَ آيا هئا، تن سان گڏجي حيدرآباد روانا ٿياسين. رستي تي اسان ٺٽي ۾ ”انگريزن جي ماڙي“ نالي هڪ جاءِ ۾ ترسياسين. مان جاءِ جي هڪڙي طرف رهيس ۽ ڪئپٽن پريڊي ٻئي پاسي. ٺٽو ان وقت مذهبي جنون جو گهر هو. اتي اڇا

کو مختيارڪار مقرر ڪونہ ٿيو هو. ڪئپٽن پريڊيءَ منهنجي مشوري تي، ٽني جي ٻن وڏن واپارين ۽ بااثر شخصن، هڪ هندو آسومل ۽ ٻيو مسلمان محمد صالح کي اتان جو گڏيل مختيارڪار نامزد ڪيو. ٽني ڪان اسان جهرڪن وياسين، جتي مسٽر مٿنيو ڊپٽي ڪليڪٽر هو، پوءِ اتان حيدرآباد روانا ٿياسين. ڪئپٽن پريڊي، قلعي ۾ مسٽر براڈون سان رهيو ۽ مون کي بہ قلعي ۾ رهايو ويو. مون کي وڏي اميد هئي تہ سر چارلس نيپئر مون کي منهنجن اهم ۽ مسلسل خدمتن جي ڪري، خاص طرح امتياز سان نوازيندو.

اسان مئي مهيني جي ٢٣- تاريخ حيدرآباد پهتاسين. دربار بئي ڏينهن ٿي. ان ۾ خيرپور جو مير عليمراد بہ شريڪ ٿيو. هو پاڻ سان لاڙڪاڻي مان چانڊين جي سرخيل، ولي‌محمد کي قيد ڪري وٺي آيو هو. پر پوءِ هن انگريز سرڪار جي اطاعت قبول ڪئي ۽ سر چارلس نيپئر کيس آزاد ڪري ڇڏيو. جڏهن ڪئپٽن پريڊيءَ جو تعارف ڪرايو وڃو تہ ان وقت مان بہ نياز ڪرڻ لاءِ اٿي بيٺس. پر چارلس نيپئر مون کي غضبناڪ نظرن سان نهاري، ڪئپٽن پريڊيءَ ڏي منهن ڪري هن کي ڪجهہ انگريزيءَ ۾ چيائين، جنهن جو مقصد هو تہ ڪراچي پوليس جي سربراهہ ليفٽيننٽ مارسٽن(١)، هن جي خلاف شڪايت ڪئي آهي تہ هي ڪراچيءَ ۾ جيڪي ڪانيون اچن ٿيون، سي سڀ

---

(١) بهادر ليفٽيننٽ مارسٽن، جنهن کي مؤلف چڱيءَ طرح سڃاڻندو هو، اهڙو ماڻهو نہ هو، جو سواءِ ڪنهن معقول سبب جي سيٺ نائونمل جي خلاف قدم کڻي، پر هن جا نائب، جن مان هڪ مسلمان هو ۽ ممڪن آهي تہ هن هڪ سربرآورده هندوءَ جي اثر زائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. اهڙيءَ حالت ۾ هڪ ڪميشن فوجي عملدار کي گمراهہ ڪرڻ ڏکيو نہ آهي.

خريد ڪري، ماڻهن کي ڏک ۽ تڪليف ڏئي ٿو پهچائي. سر چارلس نيپئر خود هڪ نيڪ، عالي منش هو، پر ساڳئي وقت هو ساده لوح به هو، ۽ هندستاني ڪانه ڄاڻندو هو. مون جواب ۾ ڪئپٽن پريڊيءَ کي عرض ڪيو ته صاحب کي بڌاءِ ته اسان بندر تي بيٺل انگريزن جي جهازن، آگبوٽن ۽ فوج جي رسد واري محڪمي لاءِ ڪاٺيون خريد ڪندا آهيون. مون سمجهيو ته ڪنهن فتنه انگيز ماڻهوءَ، ليفٽيننٽ مارسٽن جي ناتجربيڪاريءَ ۽ اڻواقفيت جو فائدو وٺي، هن کي برغلائي ڪانئس منهنجي خلاف شڪايت ڪرائي آهي. اها ڳالهه مون ڪئپٽن پريڊيءَ سان پڻ ڪئي. هن کي انهيءَ معاملي جي ذاتي خبر هئي، تنهنڪري هو سر چارلس نيپئر کي چڱيءَ طرح سمجهائي سگهيو. پر ان ڳالهه تي مون کي ضرور ڏک ٿيو، ته ڪئپٽن پريڊيءَ ڪيترا دفعا سر چارلس نيپئر کي منهنجي گوناگون خدمتن متعلق لکيل رپورٽون موڪليون هيون، پر تنهن هوندي به هن ڪليءَ دربار ۾ مون تي هڪ خسيس ۽ معمولي ڳالهه جي باري ۾ الزام لڳائيندي ويرم ڪانه ڪئي. مون دل ۾ چيو ته هي منهنجي محنت ۽ ڪشالي جو صلو آهي. مون کي سر چارلس نيپئر جي نيڪ دليءَ ۽ ساده لوحيءَ تي سخت تعجب ٿيو. مون کي معلوم ٿيو ته براڻون (وڏو) ۽ منشي علي اڪبر جو سر چارلس نيپئر تي وڏو اثر هو. دربار کان پوءِ سڀني کي عام رخصت ڏني وئي ۽ ٻئي ڏينهن ٢٥- تاريخ مئي جي، اسان گدوبندر وياسين. گدوبندر مان اسان هڪ سرڪاري آگبوٽ ۾ چڙهي ٺٽي وياسين. جتان خشڪيءَ رستي ڪراچيءَ موٽي آياسين. ڪراچيءَ ۾ پهچڻ شرط ڪئپٽن پريڊيءَ، ليفٽيننٽ مارسٽن کان پڇيو ته "هيءَ شڪايت ڇا جي بناءَ تي ڪئي اٿئي؟" جواب ڏنائين ته "مان نئون هوس ۽ حقيقتن جي ذاتي خبر ڪانه هيم. مون سان شيخ غلام حسين فوجدار ۽ خوشحالراءِ پنجابيءَ اهي خبرون ڪيون هيون. توهان به هتي ڪونه هئؤ، تنهنڪري مون سر چارلس نيپئر

اچا امن امان قائم ڪونه ٿيو هو ۽ آواره گرد ماڻهن جي ڌاڙن ۽ ظلم زبردستيءَ جي ڪا حد ئي ڪانه هئي.

جڏهن ڪئپٽن پريڊيءَ کي پارسيءَ جي قتل جي خبر پئي، تڏهن هن ٿٽي جي مختيارڪار کي اطلاع ڪيو ۽ مون کي چيائين ته سکرامداس جي ٻانهن ڏي ته هو اسان کي قاتل ڳولهي ڏئي. چنانچ سکرامداس ويهه سپاهي ڪئپٽن پريڊيءَ جا ۽ ويهه پنهنجا سوار ساڻ وٺي انهن سياهڪارن جي پٺيان پيو. هن گهاري وڃي، ڏوهين جي پتي لڳائڻ لاءِ آسپاس جاسوس موڪليا. جاسوسن ٿوري وقت ۾ خبر آندي ته هي بزدلانا ڪم ڪن چانڊين ڪڙمين ڪيو هو، جي ڪرمپور جي ڳوٺ ۾، بگهاڙ(١) جي هن پر غلام الله طرف رهندا آهن. سکرامداس، ان ڳوٺ ۾ اوچتو لنگهي وڃي چانڊين جي گهرن جو جهاڙو ورتو. انهن جي قبضي مان پارسيءَ جون ڪيتريون شيون مليون. ست ماڻهو پڪڙي ڪراچيءَ عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ آندائون. انهن مان ٻن ڄڻن کي، جن پارسيءَ جو قتل ڪيو هو، ڦاسيءَ جي سزا ڏني وئي ۽ باقي ٻين کي جيل ڏانهن اماڻيو ويو. مير شيرمحمد جو ڪجمتگار صادق، جنهن گهوڙا ٻاريءَ تي قبضو ڪيو هو، ڦرمار جي دولت ڪٺي ماڻ ميٺ ۾ ملڪ مان فرار ٿي ويو.

ڪئپٽن پريڊيءَ جي زوردار سفارش تي منهنجو پياءُ سکرامداس، گهوڙا ٻاريءَ جو مختيارڪار مقرر ڪيو ويو. ان کان پوءِ منهنجيءَ سفارش تي، هيٺ ڏيکاريل عهديدار مقرر ڪيا ويا:

١- ديوان چندرام(١)، ٺٽيءَ وارو، سيوهڻ جو

---

(١) بگهاڙ، سنڌو نديءَ جو ڦاٽ، جو هاڻي هڪ شاندار واهه آهي ۽ آبپاشيءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي.

(٢) ڏسو مقدمي ۾، ديوان چندرام جو احوال.

مختيارڪار(١). هن جو خاندان ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي صاحبيءَ ۾ وڏن عهدن تي هوندو هو. پهريان هن کان پڇيو ويو هو، ته هو نوڪري ڪرڻ تي راضي نه هئو. مون محسوس ڪيو ته سرڪاري نوڪريءَ لاءِ هن کان ڪوبه وڌيڪ معزز، آزمودگار ۽ وفادار ماڻهو ٿي نٿو سگهي، تنهنڪري مون وري به هن ڏي پاڻ خط لکيو ۽ هن اهو عهدو قبول ڪيو.

٢ـ ديوان پوهومل ٺٽي، لڪيءَ جو مختيارڪار نامزد ڪيو ويو.

٣ـ حيدرآباد جو ديوان چيتمل، مانجهند ۾ مقرر ڪيو ويو.

٤ـ ٺٽي جو منشي لعلچند، جهرڪن ۾ رکيو ويو.

٥ـ مسٽر آسومل ۽ ملان محمد، ٺٽي ۾ مقرر ڪيا ويا.

٦ـ مسٽر پاريمل، ٺٽي ۾ رکيو ويو.

مختيارڪارن جي مقرر ٿيڻ کان پوءِ، روينيو جو ڪم وڌيڪ سهولت سان هلڻ لڳو. ١٨٤٣ع ۾، سر چارلس نيپئر ڪراچيءَ آيو، جتي ڪئپٽن پريڊيءَ جي نئين بنگلي ۾ اچي رهيو. مون ڏٺو ته هو اڪثر برائون (وڏو) ۽ منشي علي اڪبر، جو چار سؤ رپيا ماهوار پگهار کڻندو هو، تن جي چوڻ تي هلندو هو.

ان کان پوءِ جلدئي ڪراچيءَ ۾، پگهارن جون يادداشتون پهچي ويون. جن ۾ هرهڪ عملدار، مختيارڪار، منشيءَ ۽ پٽيوالي جو نالو ۽ مهيني جي تنخواهه ڏيکاريل هئي. انهن ۾ ڪئپٽن پريڊيءَ جي تنخواهه ڪليڪٽر جي حيثيت ۾، ١٢٠٠ رپيا مهينو ڏيکاريل هئي ۽ منهنجي فقط ٢٠٠ رپيا مهينو هئي. مون ڪئپٽن پريڊيءَ کي چيو ته آءٌ سرڪار جي خدمت اڳي وانگر مفت ڪندس ۽ مان ڪوبه معاوضو نه وٺندس. مون محسوس

---

(١) تعلقي مختيارڪار، يعني ضلعي جي هڪ حصي جو مکيه روينيو عملدار يا مقامي ماجسٽريٽ هوندو آهي.

ڪيو ته ان ۾ سرچارلس نيپئر جو قصور نه هو، پر ڪنهن جي دشمنيءَ ۽ ڪيني سبب منهنجي مقرر ٿيل تنخواه ۾ ڪٽر ڪئي وئي هئي. ڪئپٽن پريڊيءَ جواب ڏنو ته جيڪي وهي واپري ٿو، تنهن کان مان غافل نه آهيان، بلڪ مون کي ساري حقيقت معلوم آهي. صلاح ڏنائين ته تون پنهنجي گذريل ستن- اٺن مهينن جو منظور ٿيل پگهار وٺ، مان جلد ڪوشش ڪري تنهنجو پگهار وڌارائيندس. آءٌ ڪئپٽن پريڊيءَ سان انڪار ڪري نه سگهيس ۽ گذريل اٺن مهينن جي پگهار جي بقايا، ٻه سؤ رپيا مهيني جي حساب سان وٺڻ قبول ڪيم. پوءِ سرڪار جي تجويز هئي ته مون کي ٻين ڊپٽي ڪليڪٽرن وانگر ست سؤ رپين مهيني جي حساب سان معاوضو ڏنو وڃي، پر مون ڏٺو ته عهدن ۽ پگهارن جي فهرست ۾ اهڙي ڪا ڦيرڦار ڪانه ڪئي وئي هئي، جنهن مان مون کي ڪو فائدو پهچي.

ساڳئي سال جي آڪٽوبر مهيني ۾، يورپي عملدار پنهنجن پنهنجن ضلعن ڏانهن موڪليا ويا. براڊون (ننڍو) ۽ ليفٽيننٽ مارسٽن سيوهڻ ويا، جتي هنن سڀني معزز ماڻهن سان ملاقات ڪئي. انهن مان ڪن ملاقاتين هنن تي اهو اثر ويهاريو ته ديوان چنديرام، انگريز سرڪار جو خيرخواه نه آهي. هن جا وڏا سابق حڪومت ۾ اهم عهدي تي فائز هئا، ان ڪري هن کي مختيارڪار جهڙي اهم عهدي تي رکڻ مان حڪومت کي ڪوبه فائدو ڪونه پهچندو. ديوان چنديرام جي مخالفن هن جي خلاف باقاعدي الزام ٺاهيا ۽ ليفٽيننٽ براڊون ۽ مارسٽن هن جي خلاف سر چارلس نيپئر وٽ ڪليل شڪايتون موڪليون. براڊون خانگي طرح پنهنجي پاءُ (سيڪريٽري) جي ڏيان تي، چنديرام جي خلاف سندس مخالفن جون تيار ڪيل شڪايتون آنديون ۽ چيائين ته جي چنديرام ملازمت ۾ رهيو ته ان جا نتيجا ڏاڍا اگرا نڪرندا. براڊون جي وڏي پاءُ، سر چارلس نيپئر کان چنديرام جي فوراً گرفتاريءَ جي منظوري ورتي، سيوهڻ ۾ براڊون ڏانهن

ڏياري موڪلي. چنانچ ديوان چنديرام کي حوالات ۾، حيدرآباد آندو ويو، جتي هڪ مختصر ڪارروائيءَ کان پوءِ هن کي پنج هزار رپيا ڏنڊ ۽ ٻه سال قيد جي سزا ڏني وئي.

ديوان چنديرام مختيارڪار جي عهدي تي رهيو هو ۽ پگهار ٻه فقط انهيءَ عرصي جي کنئي هئائين. جڏهن هن کي هٿ ڪو ڪيا الزام مڙهيا ويا، تڏهن اها خبر ملڪ ۾ جلد پکڙجي ويئي. سڀڪنهن جو اهو خيال هو ته ديوان چنديرام دشمنيءَ جو شڪار ٿيو آهي. ليفٽيننٽ مارسٽن کي ڪا خبر پيئي ته لڪيءَ جي مختيارڪار ڀوڄومل، مانجهندن جي مختيارڪار چيتمل ۽ بدين ۽ پيتاري جي ڪاردار هاسيمل جو مون سان ڏورو گهڻو رشتو آهي. هنن تي الزام لڳايو ويو ته هو پن چوريءَ جا پئسا وصول ڪري کائي ويا آهن ۽ رڪارڊ ۾ داخلا ڪانه ڪئي اٿن. انهيءَ الزام هيٺ کين گرفتار ڪيو ويو. تهمت ثابت ڪرڻ لاءِ شاهد هٿ ڪرڻ ڪا مشڪل ڳالهه ڪانه هئي. ڀوڄومل کي ٻه ورهيه جيل ۽ هزار رپيا ڏنڊ؛ چيتمل کي ٻه سال جيل ۽ ٻه هزار رپيا ڏنڊ ۽ هاسيمل کي ٻه سال جيل ۽ هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني وئي.

انهيءَ ڊپٽروڊنس جي ڪري ساريءَ سنڌ ۾ ڏهڪاءُ پئجي ويو. منهنجو ذاتي ٻه خراب ٿيو، ڇاڪاڻ ته انهن جو انتخاب مون ڪيو هو. مون کي مايوسي ۽ ڏک ٿيو، پر وس نه پئي هليو. ڪئپٽن پريڊيءَ کي ٻه ارمان ٿيو، پر چيائين ته مان ڇا ٿو ڪري سگهان، سر چارلس جا حڪم مڃڻا آهن. دل کي آٿت ڏنم ته هي سڀڪجهه، خدا جي پاران آهي ۽ شايد ان ۾ به ڪا ڀلائي هجي. سر چارلس نيپئر گشت تان موٽي آيو. موٽڻ کان پوءِ جلد، هو هڪڙي ڏينهن پنهنجي مقرب منشيءَ علي اڪبر سان بنگلي مان نڪري، مون سان ملڻ آيو. مون کي ڪڙي نگاهه سان ڏسي، علي اڪبر کي ڪجهه انگريزيءَ ۾ چيائين، جنهن جو هن مون کي هندستانيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌايو. چيائين

تہ جتي جتي سر چارلس نيپئر پير پاتي ٿو، اتي ’نائونمل، نائونمل‘
جو آواز ڪن تي پئيس ٿو. سر چارلس تہ تلوار جي زور تي
ملڪ فتح ڪيو آهي، پر تو ڪهڙو تير هنيو آهي، جو ماڻهو
انگريزن جي فتح لاءِ بہ توکي ئا ذميوار ٺهرائين. ائين چئي
هو بنگلي ۾ موٽي ويو.

انهيءَ کان پوءِ ٿوري وقت ۾، براڈون (وڏو)، علي اڪبر
۽ مارسٽن منهنجي خلاف سر چارلس نيپئر جا ڪن ڀريا. هڪڙي
ڏينهن ڪاوڙ ۾ قلم کڻي، پنهنجي هٿ سان منهنجي خلاف
ڪرنل پريڊيءَ کي لکيائين تہ ”جي مان گورنر آهيان تہ اينڊرڙ
ٻن مهينن جي اندر هن (نائونمل) کي جيل ۾ اماڻيندس.“
ڪئپٽن پريڊيءَ خط پڙهيو تہ ڏڪڻ وٺي ويس. ان جو لفظ لفظ
مون کي پڙهي ٻڌايائين. چيائين تہ ”مون کي خبر آهي تہ هي
محض دشمنيءَ ۽ ڪيني جو نتيجو آهي، پر مان لاچار آهيان،
جو مان بہ سر چارلس نيپئر جو زيردست آهيان. مون کي خاطري
هئي تہ مون ڪو اهڙو گناهہ ڪم نہ ڪيو آهي، تنهنڪري همٿ
ڪانہ هاريم ۽ چيومانس تہ ”جيتريقدر روينيو کاتي جو سوال
آهي تہ منهنجو ان سان ڪو واسطو ڪونهي ۽ نڪي مون کي
ان لاءِ جوابدار ٺهرائي سگهجي ٿو؛ ڇاڪاڻ تہ هڪ جدا صراف
ماليہ وصول ڪندو ۽ خرچ هلائيندو آهي ۽ تون پاڻ حساب
جا ڪتاب صحيح ڪندو آهين. پر تنهن هوندي بہ جيڪڏهن
سر چارلس جي مون تي مقدمي هلائڻ جي مرضي آهي، تہ مان
ڪنهن بہ آزمائش لاءِ تيار آهيان. مان گونگو تہ نہ آهيان، زبان
اٿم. مان نردوش آهيان ۽ ڪنهن کان ڊڄان ڪونہ ٿو.“

منهنجن ذاتي دشمنن، جن ۾ شيخ غلام حسين ۽ خوشحال راءِ
پنجابي سڀ کان اڳرا هئا، تن مون کي ڦاسائڻ لاءِ شاهدين ۽
ثابتين گڏ ڪرڻ جي بيحد ڪوشش ڪئي. شڪاري ڪتن وانگي،
ڪنڊ ڪنڊ پئي نوسيائون تہ من ڪٿي ڪو پتو لڳي. پر فارسيءَ
واري جي چوڻي آهي تہ ”جڏهن ڪو مرض ئي ڪونهي، تڏهن

حڪيم چا ڪندو." اسان جي سماجهي سنڌيءَ ۾ به هڪڙو پهاڪو آهي ته "جي خدا جي پاران چڱائي لکيل هجي، ته دشمن جي منهن ۾ ڌوڙ ئي ڌوڙ هوندي." منهنجي خلاف تمام باريڪ ۽ اونهي تفتيش ڪئي وئي، پر مون کي عزت سان بَري ڪيو ويو. منهنجا دشمن شرم ۾ ٻڏي ويا. شال خدا انهن کي به پناهه ڏئي.

شيخ غلام حسين فوجدار ۽ ليفٽيننٽ مارسٽن، منهنجي پاڻ سڪرامداس کي نقصان رسائي، مون کي صدمي پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ ارادي سان هو گهوڙاباريءَ ويا، جتي منهنجو پاڻ مختيارڪار هو. خوشحالراءِ پنجابيءَ هنن کي جاسوسيءَ لاءِ ساڻهو ڏنا. هو گهوڙاباريءَ ۾ مهيني ڪان به گهڻو وقت رهيا. بيحد ڪوشش ڪيائون ته هن جي خلاف ڪا شڪايت ملي. آخر هو نااميد ٿي ڪراچيءَ موٽي آيا.

ٿوري وقت ڪان پوءِ، ڄام محمد نالي گهوڙاباريءَ جو هڪ زميندار، پنهنجي زمين جي ڪاروبار جي سلسلي ۾ ڪراچيءَ آيو. هو مارسٽن ۽ غلام حسين جو واقف هو. غلام حسين هن کي هڪڙي ڏينهن چيو ته "ليفٽيننٽ مارسٽن جي مرضي آهي ته سڪرامداس کي ڪيئن به ڪري ڦاسائجي، تون قرآن تي شاهدي ڏي ته مون هن کي رشوت ڏني آهي. ڄام محمد چيس ته "تو کي غلط اثر ويٺل آهي، ۽ اهو خام خيال آهي. سڪرامداس فطرتاً لالچ ڪان پري آهي ۽ رشوتخوري جي خلاف آهي." غلام حسين چيس ته "هڪ سچو مسلمان، ٻئي سچي مسلمان جي اڳيان سر تسليم خم ڪبدو، پر هندوءَ کي جڏهن به ڪو موقعو ملي ته پيٽ ۾ ڇرو هڻڻ کپيس." ڄام محمد قرآن تي قسم کڻي چيو ته "مان سڪرامداس جي خلاف رشوت جي شڪايت ڪڏهن ڪانه ٻڌي آهي. مان ڪڏهن به ڪوڙو قسم کڻي پنهنجو محشر خراب نه ڪندس." پوءِ ڄام محمد مون وٽ آيو ۽ غلام حسين سان ملاقات جو احوال ٻڌايائين. اها ڳالهه مون وچي ڪئپٽن پريڊيءَ

کي ٻڌائي. اسان ٻنهي کي عجب به لڳو ۽ ڏک به ٿيو. هو حيران هو ته ماڻهو ايترا بيحيا ۽ ذليل ٿي سگهن ٿا، پر وري چيائين ته منهنجو وس نٿو هلي. مون ڏٺو ته اهڙي حسد ۽ ساز ۾ نوڪري ڪرڻ ۾ عافيت نه آهي، تنهنڪري سڪرامداس ڏي لکي موڪليم ته استعيفا ڏئي. هو استعيفا ڏئي، پندرهن مهينن جي نوڪريءَ کان پوءِ واپس موٽي آيو.

شرير ۽ بدڪار ماڻهو مون کي نقصان پهچائڻ ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيا. مون کي صدر ۾ ڪيتريون جڳهيون(١) هيون، جي مون سنڌ جي فتح کان اڳ، ڪئپٽن پريڊي ۽ جنرل بائلوءَ جي چوڻ تي ٽالپرن جو ناراضپو کڻي نهرايون هيون. مير نصير خان کن سوارن کي حڪم ڪيو هو ته ڪراچيءَ وڃي نائونمل کي گرفتار ڪيو، جو هن اهي جڳهيون نهرائي، ڇانوڻيءَ ۾ واپار کي همٿايو آهي ۽ ڪراچيءَ جي واپار کي ڪاپاري ڌڪ رسايو آهي. انهن جاين مان مون کي به سؤ رپيا مهينو مسواڙ ملندي هئي ۽ انهن جي ڪل قيمت هڪ لک رپيا هئي. ميجر بائلو اُن وقت ڇانوڻيءَ ۾ بزار جو نگران هو. هن کي چيو ويو ته نائونمل کي ڇانوڻيءَ ۾ ملڪيت رکڻ ۽ به سؤ رپيا مهينو مسواڙ اڳاڙڻ جي اجازت ڏيڻ ناروا آهي، تنهنڪري هن کي حڪم ڏنو وڃي ته هو جايون ڍهرائي، پنهنجو سامان کڻي وڃي. آخر ڪئپٽن پريڊيءَ کي لکيو ويو ته اهو حڪم هن جي ڌيان تي آڻي. پر هن انهن جاين جي نهرائڻ جو قصو شروع کان سمجهائيس، لکيو ته هيءَ نا انصافي ٿيندي. هن هڪ خط سڌو سر چارلس نيپئر ڏي به لکيو، پر هو مڃڻ جو نه هو. مون پاڻ جايون ڪيرائي، سامان کڻي وڃڻ کان انڪار ڪيو، تنهن تي ملڪيت جي قيمت ڪٿڻ لاءِ هڪ ڪميٽي مقرر ڪئي وئي، جنهن ان جي قيمت ١٢٤٠ رپيا نهرائي. جايون ڊاهي، اهو پٽ

---

(١) ڏسو مقدمو.

چانوڏيءَ ۾ دوستن کي تقسيم ڪري ڏناٺون. ١٢٤٠ رپين جي رقم ڪئپٽن پريڊيءَ کي ڏني وئي، پر مون ونڻ کان انڪار ڪيو ۽ پئسا خزاني ۾ پهاريا ويا. ڏيڍ سال کان پوءِ ڪئپٽن پريڊيءَ مون ڏي پئسا هڪ خط سان گڏ ڏياري موڪليا، جنهن ۾ لکيل هو ته هيءَ رقم ڪيتري وقت کان حساب ۾ بقايا ڪري ڏيکاري ويندي آهي، جي تون هاڻي اها قبول نه ڪندين ته ضبط ٿي ويندي. مان لاچار هوس ۽ ڪجهه به نٿي ڪري سگهيس، پر دل ۾ ضرور دک هئم. منجهن دوستن آنجهاني مئڪليد ۽ اسٽوئرٽ مون سان وڏيءَ همدرديءَ جو اظهار ڪيو ۽ مون سان ٿيل بي‌انصافي لاءِ نفرت ڏيکاريائون. انهن ٻن صاحبن چيو ته اميد نه لاهجي، نيٺ چڱا ڏينهن ايندا. مان انهيءَ نيڪ صلاح لاءِ هنن جو بيحد شڪرگذار آهيان.

سنبت ١٩٠٢ جي چيٽ مهيني، مطابق جون ١٨٤٦ع ۾، ٽيڪمداس کي پٽ (منهنجو پوٽو) ڄائو، جنهن جو نالو عالمچند(١) رکيو ويو. سنبت ١٩٠٣ [١٨٤٧ع] جي آکاڙ مهيني ۾، سنڌ ۾ ڪالرا جي مرض منهن ڪڍيو، جنهن ۾ ڏاڍا ماڻهو مئا. منهنجو پاءُ سکرامداس به ان موذي مرض جو ٻڪ ٿيو. ساڳئي سال ۾ منهنجي پيءُ، هوتچند پنهنجي موروثي ملڪيت، جايون، جهاز ۽ واپاري ڪوٺيون وغيره پنهنجن پٽن کي هڪجيترن حصن ۾ تقسيم ڪري ڏنيون ۽ پنهنجي لاءِ به اوتروئي حصو رکيائين. ان کان پوءِ، هو سيني ڳالهين ۾ هڪٻئي کان آزاد هئا، پر هنن کي گڏجي اگهين وانگر ڪارخانا کولي، واپار ڪرڻ جي منع ڪانه هئي.

١٨٤٧ع ۾، ڪن يورپي ماڻهن، جن کي مون عمر ۾ ڪڏهن به ڪونه ڏٺو هو، منهنجن بيشمار ۽ اهم خدمتن

---

(١) هاڻي راءُ بهادر سيٺ عالومل ٽيڪمداس پوچواڻي، بي-اي. (ڏسو مقدمو)

شهر ۾ ڍنڍورو ڦيرايو، پر اهڙو ڪوبه ماڻهو ڪونه نڪتو، جو سرڪاري هنڊيون خريد ڪري، روڪ پئسا ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر کي ڏئي؛ تنهنڪري مون ڪئپٽن پريڊيءَ ۽ وڏي براڻون جي صلاح سان ۽ ڪئپٽن پريڊيءَ جي پُرزور استدعا تي پنهنجي پيءُ جي ڪوٺيءَ جي معرفت انهيءَ خدمت جي ذميداري پاڻ تي هموار ڪئي. پهريائين ڪارخاني جي ڪارڪن ڀائيوار، چيلارام، منهنجي تجويز قبول ئي نه پئي ڪئي، پر مون هن جي حوصله افزائي ڪئي ۽ چيومانس ته اها به سرڪار جي هڪ خدمت ٿيندي ۽ سرڪار جي نظر ۾ خاندان جي عزت وڌندي. آخر مس مس هن اها ڳالهه قبول ڪئي. انهيءَ وچ ۾ مون سيوهڻ جي صرافن ڏانهن لکي پڇيو ته توهان چيلارام جون هنڊيون سيوهڻ ۾ مٽائي، هن جي پاران پئسا وٺي، اهي چيلارام ڏانهن سنڌ جي مختلف علائقن تي نڪتل ننڍين ننڍين هنڊين جي رستي موڪلي سگهندا؟ هنن چيو ته ”اسان اهو ڪم چيلارام جي جوکي تي ڪنداسين، بشرطيڪ اسان کي چڱي ڪميشن يا لاٽ ڏني وڃي.“ مون اها ڳالهه قبول ڪئي ته جوکو چيلارام جو رهندو، پر ڪميشن اڌو اڌ ڪندا. آخر مون چيلارام کي انهيءَ ڳالهه تي بيهاريو. پوءِ جيئن هن کي پئسا ملندا ويندا هئا، تيئن هو ڪوٺيءَ جي نالي ۾، سيوهڻ جي مختيارڪار تي، ڪئپٽن پريڊيءَ جون نڪتل هنڊيون خريد ڪندو ويندو هو. اهي هنڊيون سيوهڻ ۾ لاٽ لاهي وصول ڪيون وينديون هيون ۽ انهن جي عيوض چيلارام کي حيدرآباد ۽ ٻين شهرن جون ننڍيون ننڍيون هنڊيون ملنديون هيون. انهيءَ ڪاروبار ۾ پنج سؤ رپيا صافي نفعو ٿيو، جنهن مان چيلارام کي فقط ٢٥٠ رپيا پلئي پيا ۽ باقي ٢٥٠ رپيا سيوهڻ جي صرافن کي مليا. اهو سڀ وهين [بندين] ۾ ڏيکاريل هو ۽ ڪميشن جي ميمبرن ڏٺو ۽ پڙهيو هو. مون عرض ڪيو ته ”ڪئپٽن پريڊي، جنهن کي سڀڪجهه معلوم آهي، تنهن جي به شاهدي ورتي وڃي. مون کي افسوس ۽ تعجب آهي ته

بنا معاوضي ۽ پنهنجي جان جوکي ۾ وجهي ڪيو اٿم. مان فقط چار سال اڳ اجورو وٺڻ قبول ڪيو هو ۽ توهان خانداني دفتر مان ڏٺو هوندو ته انهن چئن سالن ۾ مون کي جيڪا تنخواهه ملي آهي، سا مون پنهنجن پراڻن نوڪرن ۽ ملازمن جي کاڌي خوراڪ تي خرچ ڪئي آهي ۽ ان جو ڪوبه حصو پنهنجي لاءِ نه رکيو هوم. مان توهان جو شڪرگذار آهيان جو سرڪار جي ٻئي ڪنهن علائقي ۾ ملازمت جي آڇ ڪئي اٿوَ. توهان هيءُ مشهور قصو ٻڌو هوندو ته پنجاب ۾ فريد نالي هڪ فقير رهندو هو. هو نهايت متقي ۽ خداپرست هو. هڪڙي ڏينهن هو گدرن جي واڙيءَ وٽان لنگهيو. ڏٺائين ته ڪنهن شخص گدرا کاڌي، کلون چٽي صاف ڪري، اڇلي ڇڏيون هيون. هو ٻه-ٽي کلون کڻي چٽڻ لڳو. انهيءَ وچ ۾ پوک جو مالڪ اچي نڪتو، ۽ هن کي جهلي چوڻ لڳو ته "آخر اسان کي چور مليو، جنهن اسان جي واڙي پيلي چٽ ڪري ڇڏي هئي." اصل چور ته ڪک-پن تي ويا هئا، پر ڪڙميءَ، ويچاري فريد جي خوب مرمت ڪئي ويچاري فريد صبر سان حيرت ۾ محو ٿي، سڀڪجهه ويندي سٺو. جڏهن ڪڙميءَ جي دل ٺري ۽ بس ڪيائين، تڏهن فريد هنيان بيت، پنجابي زبان ۾ چيا:

"او فريد، ڪيئن مزو چکيئي؟
توکي ڪيڏو نه دک ۽ درد سهڻو پيو؛
جڏهن خالي ڇلڪي کائڻ تي موچڙا ٿا پون،
تڏهن خود گدري کائڻ واري کي ڇا نصيب ٿيندو!"

انهين چئي مان عدالت مان ٻاهر نڪري هليو ويس. مون کي اها اميد هئي ته هو هاڻي سمجهندا ته مون انگريز سرڪار جي خدمت هڪ ڏکئي ۽ آزمائش جي وقت ايمانداريءَ ۽ وفاداريءَ سان ڪئي هئي، جنهن جي عيوض مون کي ڏکن ۽ سورن جو صلو مليو هو- فقط ان ڪري جو مون ٻه سؤ رپيا ماهوار ڪجهه

وقت لاءِ قبول ڪيا هئا. هاڻي توهان پڙهندڙ ته مون کي شڪايت جي لاءِ معقول سبب آهي يا نه؟

ڪلهوڙن جي زماني کان وٺي اسان جي گهر کي ذاتي ڪتب لاءِ، شراب ٺاهڻ ۽ ٺٺيءَ رکڻ جي رعايت مليل هئي. اها رعايت قلات جي حڪومت به بند نه ڪئي هئي ۽ جڏهن ڪراچيءَ تي مير نصير خان قبضو ڪيو هو، تڏهن ٽالپر گهراڻي جي پهرئين مير به انهيءَ رعايت جي تصديق ڪئي هئي ۽ چئن يارن(١) جي جاءِ نشينن به رعايت قائم رکي هئي. اسان وٽ سابق حڪومتن جون سنَدون هيون، جن ۾ اڳ مليل رعايتن جي تصديق ٿيل هئي. صوبي جي فتح کان پوءِ، مون سڀ سنَدون، ڪئپٽن پريڊيءَ کي ڏيکاريون، جنهن ٽالپرن جي سنَد جا، پنهنجي دفتر لاءِ نقل ڪرائي، اصل تي صحيح ڪري، مهرون هڻي، منهنجي حوالي ڪئي. فتح کان پوءِ، سڄن سارن پنجن سالن تائين انهيءَ رعايت جو فائدو وٺي، پنهنجي ٺٺيءَ ۾، پنهنجي ذاتي استعمال لاءِ شراب ٺاهيندا رهياسين. مٿين واقعي کان جلد پوءِ، جڏهن وڏي براڻون کي انهيءَ ڳالهه جي خبر پئي، تڏهن ليفٽيننٽ مارسٽن کي لکيائين ته ”اها ٺٺي هڪدم بند ڪراءِ.“ ليفٽيننٽ مارسٽن حڪم جي تعميل ڪئي. ٺٺي ۽ سڀ برتن وغيره ڪٽائي ويو. مان اها ڳالهه ڪئپٽن پريڊيءَ جي ڌيان تي آندي ۽ هن براڻون ڏي لکيو ته ”اها رعايت اڳين حڪومتن جي تحريرن جي بنياد تي ۽ سر چارلس نيپئر جي حڪمن جي صحيح معنيٰ مطابق، تصديق ڪئي وئي هئي.“ جواب ڏنائونس ته ”ساري برٽش انڊيا(٢) ۾ اهڙيون رعايتون

---

(١) چئن يارن، ميرن جي چوياري، وڌيڪ ڏسو مقدمو.

(٢) هندستان جي انتظاميه ڪان جي واقف آهن، اهي ڏسندا ته هن قسم جي رعايت هميشه لاءِ ڪنهن کي به نٿي ڏئي

( ڏسو حاشيه صفحي ٢٠٣ تي)

ڪٿي ٻه ۽ ڪنهن کي ٻه نه ڏنيون ويون آهن. اها توهان جي غلطي هئي، جو ايترو وقت هن خاندان کي انهيءَ رعايت جو فائدو وٺڻ ڏنو اٿوَ."

منهنجيءَ نظر ۾ اها سهولت، جا ايتري جلدبازيءَ سان بند ڪئي ويئي هئي، سا اسان جي خاندان کي هڪ نهايت قيمتي ۽ پوتر رعايت هئي. هڪ ته اها اسان کي قديم زماني کان مليل هئي، ٻيو ته اسان جي لاءِ شراب هڪ زندگيءَ جي اهم ضرورت هئي. پنهنجي ڀٺيءَ ۾ شراب تيار ڪرڻ آسان به هو ۽ ڪم خرچ به. مون کي ڏاڍو ڏک ٿيو، پر ڇا ڪريان بيوس هوس.

انهن واقعن منهنجي دماغ ۾ فڪر پيدا ڪيا، جن جو اثر منهنجي صحت تي پيو. نتيجو اهو نڪتو جو سنبت ١٨٠٥ [١٨٤٩ع] ۾، مون کي هڪ اهڙي پُردرد ۽ خطرناڪ بيماري ٿي، جو اڳي ڪڏهن ڪانه هئي. روز ڪيترو خون ويندو هو ۽ مان بلڪل ڪمزور ٿي ويس. منهنجي بچڻ جي ڪنهن کي به اميد ڪانه ٿي هئي، پر خدا جل شانه جا لک شڪرانا جو هڪ انگريز ڊاڪٽر، مسٽر رامسيءَ جي علاج مان فائدو ٿيو. مان اهڙو ضعيف ٿي ويو هوس، جو منهنجا دوست ۽ عزيز اميد لاهي ويٺا هئا. هڪڙي ڏينهن ته ليٽائي هٿ پير سڌا ڪرڻ ويٺا، پر منهنجو اندر آگاهه هو ۽ مون کي شاسترن جا گيان ياد اچڻ لڳا. "ڀڳوت گيتا" جا ٻول پيو ٻوليان. مطلب ته دل کي اهڙو ته آنند ۽ سُرور اچي ويو جو مون کان ڪڏهن به ڪونه وسرندو. جڏهن ڪجهه طاقت آئي، تڏهن ڪئپٽن اسٽوئرٽ(١) جنهن جي

( آندل حاشيه صفحي ٢٠٢ تان )
سگهجي. ڪنهن وقت ان کي ضرور بند ڪرڻو پوي ها، البت مالڪ جي رضامندي سان، معاوضي ڏيڻ بعد. ـ مؤلف

(١) ڪئپٽن اسٽوئرٽ، جيڪو پوءِ شڪارپور جو ڊپٽي ڪليڪٽر ٿيو هو.

مون سان هميشه همدردي هوندي هئي ۽ جنهن جو مان هميشه شڪرگذار رهندس، مون کي پاڻ سان هوا بدلائڻ لاءِ ضلعي ۾ گشت تي وٺي ويو. مان هن سان گهوڙاباري ڊويزن ۾ ويس، جتي هو ڊپٽي ڪمشنر هو. ڏيڍ مهيني ڪان پوءِ آءٌ ڪراچي موٽي آيس. منهنجي صحت هاڻي گهڻو سڌري وئي هئي.

سر چارلس نيپئر، سنڌ مان روانو ٿي ويو. هن جي دؤر ۾ جي ظلم ۽ زبردستيون ٿيون، تن جو مان ذڪر ڪونه ڪندس ۽ نه وري اهي عقوبتون، جيڪي مون سان ۽ منهنجن عزيزن سان ڪيون ويون، تن کي ورجائيندس. سر چارلس نيپئر خود هڪ سادو، نيڪدل ۽ ڏرمآتما شخص هو. هن جو قصور فقط هيءُ هو ته هن کي پنهنجن قريبي ملازمن ۾ بيجا اعتقاد هوندو هو ۽ انتظاميه جي معاملن ۾ فقط انهن جي ئي مشوري تي هاندو هو.

---

بمبئيءَ جو گورنر هو. مون هن کي پنهنجي باري ۾ هڪ عريضي موڪلي، جنهن ۾ شروع کان وٺي پنهنجن خدمتن ۽ انهن جي اجوري (جو مون کي مليو هو) جو تفصيلوار احوال ڏنو هوم. انهيءَ وچ ۾، مسٽر پرنگل دؤري تي ويو، جتي هن اهڙي فضيلت ۽ اخلاق ڏيکاريو، جو ماڻهو هن جي تعريف مان ڍاپن ئي نه پيا. جڏهن دؤري تان موٽيو ته بمبئيءَ جو گورنر، جناب سر جارج ڪلارڪ، سنڌ ۾ تشريف فرما ٿيو. حضور اعليٰ کي مون سان ملڻ جو خيال هو، تنهنڪري هن ڪمشنر ڏي لکيو، جنهن وري ڪسٽمس جي ڪليڪٽر، مسٽر جان مڪليڊ(١) کي چيو ته مون کي اطلاع ڪري. مسٽر مڪليڊ، منهنجيءَ جاءِ تي آيو ۽ آءٌ هن سان گڏجي مسٽر پرنگل وٽ ويس. ڪمشنر کان تعارفي چٺي وٺي، گورنر جي سيڪريٽريءَ، مسٽر فرينچ سان مليس. هن حضور اعليٰ کي اطلاع ڪيو ۽ مون کي ارشاد ٿيو ته منهنجي حضور سان خلاصي ملاقات ٿيندي. صاحب موصوف مون سان نهايت شفقت سان پيش آيو ۽ منهنجي عزت افزائي ڪيائين، جنهن لاءِ سندن مان شڪرگذار آهيان. اسان فارسيءَ ۾ گفتگو ڪئي، هو نهايت روانيءَ سان ۽ صحيح لهجي ۾ ڳالهائي سگهيو ٿي. مون ٻيو ڪوبه اهڙو يورپي ماڻهو نه ڏٺو آهي، جنهن کي فارسي زبان تي اهڙي دسترس هجي. مون کي هن جي ملاقات ۾ ڏاڍو مزو آيو. اسان جي ملاقات اڌ ڪلاڪ

---

( آندل حاشيه صفحي ٢٠٥ تان )

هندستاني منتظمن ۾ سڀني کان زياده همٿ وارو ۽ قابل شخص هو. اپريل ١٨٦٠ کان اپريل ١٨٦٢ تائين، ٻيو دفعو، بمبئيءَ جو گورنر ٿيو هو.

(١) مسٽر جان مڪليڊ، ڪسٽمس جو ڪليڪٽر هو. ڪراچيءَ جو مکيه رستو، شهر کان صدر تائين، هن صاحب جي نالي سان سڏبو آهي.

ملي ۽ مان خوش ٿي گهر موٽيس. موڪلائڻ وقت مون حضور اعليٰ کان پڇيو ته "منهنجي عريضي توهان کي پهتي آهي؟" جواب ڏنائون ته "هائو". گورنر صاحب جن ڪراچيءَ ۾ ڏهن پندرهن ڏينهن جي قيام کان پوءِ، واپس بمبئيءَ موٽي ويا.

مسٽر پرنگل ڪل ڏيڍ سال سنڌ ۾ رهيو. انهيءَ عرصي ۾ هن پنهنجي رحمدل ۽ نيڪ طبع جي ڪري چڱو نالو ڪڍيو. هو بمبئيءَ جي رستي انگلنڊ ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ هن جي جاءِ تي مسٽر فريئر (بعد ۾ سر بارٽل)، سنڌ جو چيف ڪمشنر نامزد ٿيو. منهنجي نظر ۾ اهو خدا جو هڪ خاص ڪرم هو، جو هن پنهنجي پيل صوبي جي قسمت جي واڳن سنڀالڻ لاءِ، فريئر جهڙي باڪمال ماڻهوءَ کي منتخب ڪيو ويو. هن جي خوش اخلاقيءَ ۽ مروت سڀني کي موهي ڇڏيو. هو عرضدارن جي هميشه حوصله افزائي ڪندو هو. هن جو آواز مٺو ۽ راحت بخش هو. جيڪو به هن سان ملندو هو، تنهن کان هو نهايت نرميءَ ۽ همدرديءَ سان حال احوال وٺندو هو. هندو مسلمان، غريب شاهوڪار، اعليٰ ادنيٰ، سڀ هن تي فدا هوندا هئا. هو گهوڙي تي چڙهي شهر مان لنگهندو هو ته ماڻهو خوشيءَ ۾ گدگد پيا ٿيندا هئا. هن جي نيڪ ڪارگذارين جي سرهاڻ ٿوري وقت ۾ ساري ملڪ ۾ پکڙجي ويئي؛ جنهن وچ اتي سڀڪنهن جي وات ۾ اها ڳالهه هوندي هئي ته اهڙو فرشته سيرت صاحبلوڪ، ڪنهن ڪونه ڏٺو ۽ ٻڌو آهي. اها سنڌ جي لاءِ هڪ خدائي رحمت آهي جو سر چارلس جي دکايل ظلم جي باهه کي وسائڻ لاءِ فريئر کي سنڌ جي حڪومت ڏني وئي آهي. سنڌ جي سرزمين، هن صاحب جي نظر هيٺ قلي قولي سرسبز ۽ شاداب ٿيندي(١)

---

(١) سر بارٽل ۽ هن جي ڪارگذارين جي مدح سرائي، فقط ( ڏسو حاشيه صفحي ٢٠٨ تي )

سر جارج ڪلارڪ، منهنجي عريضي ڪلڪتي، سرڪار اعليٰ ڏانهن موڪلي هئي. هو سنڌ مان موٽڻ بعد، ٻه مهينا بمبئيءَ ۾ رهي، ولايت روانو ٿي ويو. حڪومت عاليءَ جو جواب سر جارج جي اسهڻ کان پوءِ پهتو. اهو جواب بمبئيءَ سرڪار، ڪمشنر ڏي موڪليو. ڪمشنر وري ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر ڪئپٽن پريڊيءَ(١) ڏي لکيو ته مون کي ان جو اطلاع ڪري. خط ۾ لکيل هو ته "هند- سرڪار ڪرم فرمائي، منهنجين خدمت جي عيوض مون کي هزار ٻگا عمر لاءِ جاگير عطا ڪرڻ فرمائي آهي." مون انهن شرطن تي جاگير قبول ڪرڻ کان نهايت مؤدبانه نموني ۾ انڪار ڪيو. ڪئپٽن پريڊي کي، جو سنڌ جي زمينن جي لياقت کان واقف هو، چيم ته جي مان فقط عمر لاءِ جاگير قبول ڪندس ته ماڻهو مون کي حقارت سان ڏسندا، منهنجو جواب ڪمشنر تائين پهچايو ويو، جنهن چيو ته جي

( آندل حاشيه صفحي ٢٠٧ تان )

هڪ مشرقي مبالغو نه آهي. تحقيق، سر بارٽل فريئر سيٺ نائونمل کي خوب نوازيو. ٽن پيڙهين لاءِ جاگير، پينشن ۽ سي. ايس. آءِ جو امتياز ونيءَ ڏنائينس . سيٺ کي سر بارٽل فريئر جي دوستيءَ جو شرف به حاصل هو، پر سر بارٽل فريئر يقيناً هندستان جي قابل ترين ۽ مخير ناظمن مان هڪ هو. ان ڳالهه ۾ ذري ماتر به وڌاءُ ڪونهي، ته سنڌ ۾ هو هردلعزيز هو. هو سنڌ ۾ ١٨٥١ع کان ١٨٥٩ع تائين، ڪمشنر ٿي رهيو. هو سيٺ نائونمل تي مهربان هو ۽ سرچارلس نيپئر هن سان تحڪمانه انداز ۾ پيش ايندو هو، جنهنڪري هن کي شڪرگذار ٿيڻ لاءِ خاص سبب هو. مؤلف

(١) ڪئپٽن ايڇ. ڊبليو. پريڊي، ڪراچيءَ جو پهريون ڪليڪٽر ۽ ڊسٽرڪٽ ماجسٽريٽ هو. (ڏسو ضميمه ١ جنهن ۾ هن نائونمل جي خدمتن جو اعتراف ڪيو آهي.)

تنهنجي مرضي هجي ته مان جاگير جي بدران عمر پر پينشن لاءِ سفارش ڪريان. ان باري ۾ ڪئپٽن پريڊيءَ سان منهنجو وڏو بحث هليو ۽ آخر هو ان ڳالهه تي تيار ٿيو ته ٻه سؤ رپيا ماهوار پينشن جي سفارش ڪندس. پر ٻن مهينن کان پوءِ، مون کي ڪئپٽن پريڊيءَ جي معرفت اطلاع مليو ته سرڪار مون کي سؤ رپيا ماهوار پينشن ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي. مون انهيءَ پينشن وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ چيم ته مون کي پهرين تجويز ٿيل پينشن ڏني وڃي. آخر ڏکيءَ لکپڙهه ۽ گهڻي بحث مباحثي کان پوءِ، سرڪار مون کي سر چارلس نيپئر جي زماني کان، جڏهن مون کي ناحق معطل ڪيو هو، پينشن ڏيڻ جي منظوري ڏني، جا مون قبول ڪئي.

آءُ دستور موافق، ڪابل، قنڌار، بخارا، هرات ۽ هندستان جي مختلف علائقن مان خبرون گهرائيندو هوس. پوءِ هڪ هڪ خبر جدا ڪري، ترتيب ڏئي، جدا جدا پنن تي سنڌيءَ ۾ لکي، وقت بوقت ڪئپٽن پريڊيءَ وٽ کڻي ويندو هوس. اتي مان خبرون پڙهندو ويندو هوس ۽ ڪئپٽن پريڊي انهن جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪندو ويندو هو ۽ پوءِ اهي ڪمشنر وٽ پهچائيندو هو. مان به ڪڏهن ڪڏهن ڪمشنر (سر بارٽل فريئر) سان ملندو هوس. هو هميشه مون کي خوش ڪري روانو ڪندو هو. هن جي ملاقات هميشه منهنجيءَ دل کي آنند ڏيندي هئي ۽ منهنجو حوصلو وڌائيندي ۽ همت‌افزائي ڪندي هئي. سنبت ١٩٠٥ [١٨٤٨-٤٩ع] ۾ منهنجو پيءُ، سيٺ هوتچند هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن جي ڪرياڪرم تي خانداني رواج مطابق گهڻو خرچ ڪيو ويو.

سنبت ١٩٠٧ [١٨٥٠-٥١ع] ۾، منهنجي پوٽي عالمچند جي ماءُ ۽ منهنجي وڏي نُنهن هن جهان کان موڪلائي وئي. اسان جو پراڻو موروثي گهر، جتي منهنجي پيءُ جا ست ئي پٽ گڏ رهندا هئا، سو اسان جي وڌندڙ ڪٽنب جي ضرورتن لاءِ ڪافي

ايف . جي . گولڊسمڊ(١)، نهايت قابليت ۽ عقلمنديءَ سان هن جي مدد ڪئي. هي قابليت ۽ اخلاق جو اتفاق سنڌ جي اتهاس ۾ هڪ خوش نصيب واقعو هو، جهڙو نه اڳي ڪڏهن ٿيو هو ۽ نه ان کان پوءِ ٿيو. سڀني جو واحد مقصد صوبي جي فلاح ۽ بهبودي هو. ڪمشنر جو روينيو نائب مسٽر ايلس، هڪڙو دورانديش ۽ هوشيار ماڻهو هو ۽ لاجواب حافظي جو مالڪ هو. هن ٻهرين لکيل لپي، يعني عربي - سنڌي الف - بي تيار ڪري سنڌ تي دائمي احسان ڪيو. ان کان اڳ سنڌ جي واپاري طبقي جي هندن ڪي هڪ آئيوٽا هوندي هئي، جا تمام ناقص غير مستقل ۽ مخصوص هئي. انهيءَ ڪري سڀني محسوس پئي ڪيو ته اهڙي ڪا لپي تيار ڪجي، جو عام ڪاروبار لاءِ

---

( اڳئين حاشيه صفحي ٢١٠ تان )

ٿيو. هو سرڪار جو چيف سيڪريٽري به هو، پر جلد نوڪريءَ کان سبڪدوش ٿي ويو.

(١) ميجر جنرل سر فريڊرڪ جان گولڊسمڊ، ڪي . سي . ايس . آءِ . سي . بي. (١٨١٨ع کان ١٩٠٨ع)، سر بارٽل فريئر جو قابل نائب، ڪيترا سال سنڌ جي سردارن ۽ جاگيردارن جي حقن جي جاچ پڙتال ۽ داخلائن ڪرڻ تي صرف ڪيائين. سنڌ ۾ تعليم جي پايي وجهڻ ۾ پڻ مدد ڪيائين. مڪران مان يورپين ٽيليگراف جي تار ڪڍي وڃڻ لاءِ ڳالهيون ٻولهيون هلايائين ۽ ١٨٦٥ع ۾ انڊو - يورپين ٽيليگراف جو ڊائريڪٽر ٿيو. بعد ۾ ساري ايران ۾ تار لڳائڻ جي ڪم جي نظرداري ڪيائين. افغانستان ۽ ايران جي وچ ۾ جي سرحدي جهڳڙا هئا، تن جي نبيري لاءِ چيف ڪمشنر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ هن مصر ۽ ڪانگو ريلسن ۾ نمايان خدمت ادا ڪئي. هو مختلف زبانن جو وڏو ڄاڻو هو ۽ نهايت هردلعزيز هو. هن سر جيمس آئوٽرام جي سوانحعمري لکي هئي.

جو هڪ خاموش، نيڪ ۽ خوش اخلاق شخص هو، سو مسٽر ايلس سان گڏ روينيو نائب جي عهدي جا فرائض ادا ڪندو هو.

ميجر گولڊسمڊ، عالم فاضل، خوش خلق، قياس وارو ۽ بين جهڙو اعليٰ حوصلو رکندڙ هو. هو ڪمشنر جي سياسي، تعليمي ۽ جاگير جي محڪمن ۾ وڏي مدد ڪندو هو. هن جاگيرن(١) جي ڪاتي ۾ ڪمشنر جي صلاح سان ڪيترا سڌارا ڪيا. جاگيرن جي ڪاتي جي تنظيم هن جي قابليت ۽ تحمل جي گواهه آهي. هن انهيءَ ڪاتي مان چڱ ته جهنگ صفا ڪري انتظاميه ۽ عام ماڻهن کي وڏو فائدو رسايو؛ پر هن جيڪا تعليم جي پرورش ڪئي، تنهن جي ڪري هن جي شخصيت جو نپو سنڌ تي هميشه رهندو. تعليم جو ٻوٽو پهريائين سر بارٽل فريئر لڳايو. سر بارٽل (مسٽر ايلس جي وڃڻ کان پوءِ) ۽ ميجر گولڊسمڊ ان کي پاڻي ڏنو، ان جي پرورش ڪئي. تعليم جو سرشتو ڪمشنر متعين ڪيو، تنهن کان پوءِ، صوبي جي مختلف شهرن ۾، هندستان جي جدا جدا شهرن مان تعليم‌يافته ماڻهن کي گهرائي انهن جي نگرانيءَ ۾ تعليم لاءِ اسڪول کوليا ويا. ڪيترا غريبن جا ٻار انهن اسڪولن ۾ تعليم وٺي وڃي وڏن سرڪاري عهدن تي چڙهيا ۽ پنهنجي حياتي سڦلي ڪيائون. ١٨٥٣ع جي شروع ۾، ڪراچيءَ ۾ هڪ انگريزي اسڪول کوليو ويو. مون کي چيو ويو ته تون به پنهنجا ٻار اسڪول ۾ موڪل ته جيئن شهر جا ٻيا ماڻهو به تو کي ڏسي، پنهنجا ٻار پڙهائين. مون پنهنجي پوٽي عالمچند (عالومل) کي خاندان جي ڏهن ٻين ٻارن سان گڏ اسڪول ۾ ويهاريو، جنهن کان پوءِ جلدئي اسڪول جي حاضريءَ ۾

---

(١) جاگيرن جي حقن جي جاچ، وڏن جاگيردارن جي حقن ۽ هنن جي جاگيرن جون حدون مقرر ڪرڻ ۽ موروثي جاگيرن جا شرط مقرر ڪرڻ، هڪ تمام پيچيدو معاملو هو. ان جي بستگي، سر بارٽل فريئر جو سڀ کان وڏو ڪارنامو هو.

وڏو واڌارو ٿيو.

ڪمشنر هر سال آڪٽوبر ۾، دؤري تي ويندو هو ۽ جاچ پڙتال ڪري اپريل جي آخر ۾ موٽي ايندو هو. هن جون همدردانه نگاهون هر سال نيون نيون گهرجون محسوس ڪنديون هيون. هن جي فراخدلي، انهن جي پوري ڪرڻ ۽ عام ماڻهن جي حالت سڌارڻ لاءِ نوان ذريعا سوچيندي هئي.

سر بارٽل فريئر جي ڏينهن ۾ جي مفيد ڪم سنڌس حڪم يا مشوري سان شروع ڪيا ويا، سي ڳاڻاٽي کان ٻاهر آهن. هن مسافرن جي آسائش ۽ واپارين ۽ تاجرن جي سهولت لاءِ جبلن ۽ جهنگلن مان ڪشادا رستا ٺهرايا. شاهي رستن جي منزل منزل تي، ڌرمشالائن ٺهرائڻ جو حڪم ڏنائين ته جيئن مسافرن کي اونهاري جي گرميءَ ۽ سياري جي سرديءَ ۾ آرام ڪرڻ لاءِ اجهو ملي، ۽ اجنبي مسافر ائين سمجهي ته ڄڻ آءٌ پنهنجي گهر آيو آهيان. رستن جي ٻنهي پاسن کان وڻ رکايائين ته جيئن هڪ ويران ملڪ مان سفر خوشگوار رهي ۽ رستن تي فرحت بخش ڇانو هجي. ملڪ کي خوبصورت بڻائڻ لاءِ باغ رٿيا ويا. ٿوري ئي عرصي ۾ ڪيترا باغ لڳي ويا. ماڻهن ۾ علم جي روشنيءَ ڦهلائڻ ۽ کين دنيا ۾ جيڪي وهي واپري پيو، تنهن کان واقف رکڻ لاءِ، سر بارٽل فريئر جي مشوري سان ۽ هن جي سرپرستيءَ ۾ ڪراچيءَ ۾ هڪ ڇاپخانو لڳايو ويو. ملڪ ۾ ڪپهه ٻجڻ ۽ ڳنڍڙين ٺاهڻ جا ڪارخانا شروع ڪيا ويا ۽ ڪمشنر جي دلچسپي ڪري واپار وڌڻ لڳو. انهيءَ ڪري بمبئي، ڪلڪتي ۽ آگري مان ڪيترن همت وارن ماڻهن ڪراچيءَ ۾ اچي، صرافڪيون ۽ واپار جون ڪوٺيون ۽ سرايون کوليون. تجارت جي سهولتن، اندروني واپار، درآمد ۽ برآمد ۾ اضافو ڪيو. دنيا جي مختلف ملڪن جا جهاز ڪراچيءَ جي بندرگاهه تي نظر اچڻ لڳا. زرمبادله ۾ تيزي آئي ۽ ماڻهو پنهنجي موڙي آزادي سان ۽ وري وري سيڙائي تي سگهيا. ٿوري وقت ۾ اهي ماڻهو، جن وٽ

جيڪڏهن انهيءَ پيشنگوئيءَ مطابق سنڌ کو خوشحاليءَ جو دؤر ڏنو ۽ ان باري ۾ خواهه ڀين اشارن جي باري ۾، پيشنگوئي صحيح نڪتي، ته اها خوشحالي، سنڌ جي ماڻهن کي سر بارٽل فريئر جي ڏينهن ۾ ئي نصيب ٿي.

مان هفتي ۾ ٻه-ٽي دفعا ڪمشنر ۽ هن جي نائبن سان ملڻ ويندو هوس ۽ سڄي هفتي جون خبرون سر بارٽل فريئر کي ٻڌائيندو هوس. آءٌ اهي خبرون دستور مطابق اڳواٽ جدا ڀڃي تي تفصيلوار لکي ڇڏيندو هوس. هڪڙي دفعي، اسان ٻاڻ ۾ ويٺي ڳالهايو ته چيائين ته شهر ڏاڍو غليظ ٿي پيو آهي، هرهنڌ بدبوءِ پيئي اچي. منهنجو ارادو آهي ته شهر ۾ صفائيءَ جي انتظام لاءِ ميونسپلٽي کولجي. گجرات ۾ احمدآباد جو شهر ٻه ڪنهن زماني ۾ اهڙو ئي غليظ هوندو هو، پر پوءِ سرڪار ماڻهن جي مشوري سان ميونسپالٽي قائم ڪئي ۽ گيهه جي هڪ هنڊريٽ ويٽ جي برآمد تي هڪ آنو ۽ ڇهه پايون محصول وڌو ويو. ان کان پوءِ، ڪمشنرن جي ڪوشش سان شهر کي وڏو فائدو پهتو آهي ۽ شهر جي اڳوڻي صورت ئي بدلجي وئي آهي. جيڪڏهن ڪراچيءَ ۾ به ڪو اهڙو انتظام ڪجي ۽ هڪ هنڊريٽ ويٽ گيهه تي ڇهن پئسن جو محصول وجهجي ته شهر کي گهڻو سڌاري سگهجي ٿو. مون وعدو ڪيو ته شهر جي ماڻهن سان ملي انهن کان اها رٿ قبول ڪرائيندس. مون گهر اچي ماڻهو گهرائي، هنن کان ڪمشنر جي تجويز منظور ڪرائي. ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي ابتدا انهيءَ ريت ٿي. پهرين ڪاروباري ڪمپنيءَ جا رڪن ڪئپٽن پريڊي روينيو ڪليڪٽر،

---

( آندل حاشيه صفحي ٢١٧ تان )

۽ انگريزن جي فتح ڏانهن اشارو آهي. ان قصي ۽ پيشنگوئيءَ جو تفصيلوار احوال آنجهاني، سر رچرڊ برٽن، جي ڪتاب ”سنڌ ري وزيٽڊ“ ۾ ڏنل آهي.

مسٽر جان ميڪليڊ ڪسٽمس جو سابق ڪليڪٽر ۽ مان هئاسون، اسان هر روز صبح جو شهر ۾ وڃي صفائيءَ جو انتظام ڪرائيندا هئاسين .

مهيني ٻن کان پوءِ مان ڪمشنر سان مليو ويس. مون کي ڏسي مرڪي چيائين ته ”توکي آفرين آهي، جو ماڻهن کي ميونسپالٽيءَ جي محصول لاءِ ڳيهه تي محصول وجهڻ تي راضي ڪيو اٿئي، پر کنڊ تي به محصول وجهڻ گهرجي. مون هندسريٽ ويٺ تي چئي آن جو محصول قبول ڪيو ۽ پوءِ شهر جي ماڻهن به ان جي منظوري ڏني. ٻه مهينا گذري ويا ۽ آءٌ وري هڪ ڏينهن سر بارٽل فريئر وٽ ويس. چيائين ”آن“ تي محصول وجهڻ کان سواءِ، ڳيهه ۽ کنڊ جي محصول مان مقصد حاصل ڪونه ٿيندو.“ آخر اها رٿ به منظور ڪئي وئي ته آن جي کنڊيءَ تي به هڪ پئسو محصول وجهجي. آهستي آهستي ميونسپل جي آمدني وڌندي ويئي. آخر ميونسپالٽي زور وٺندي وئي ۽ ڪاروباري ڪميٽيون مقرر ڪيون ويون، ۽ پوءِ ميونسپل جو دفتر به کوليو ويو. بعد ۾ جڏهن ولائتي سامان جهڙوڪ: شراب، عرق ۽ پين شين تي ميونسپل جو محصول منظور ڪيو ويو، ته ميونسپل جي آمدني به سال بسال وڌندي وئي. پهرئين سال ۾ آمدني ڇهه هزار رپيا، ٻئي ۾ اٺ هزار رپيا ۽ ٽئين سال وڌي وڃي ستاويهه هزار رپيا ٿي ان کان پوءِ، ڪراچيءَ ۾ جيڪا غيرآباد سرڪاري زمين پيل هئي، سر بارٽل فريئر اها ميونسپالٽيءَ جي حوالي ڪئي ۽ ان جي وڪري(١) مان ڪافي آمدني ٿي. جيئن جيئن ميونسپالٽيءَ جي آمدني وڌندي ويئي (هڪڙي سال ته وڃي چئن لکن تي پهتي هئي)، تيئن ميونسپالٽيءَ جو انتظام ۽ اثر به وڌندو ويو.

---

(١) درحقيقت اها زمين ١٨٧٤ع ۾، جڏهن سر فلپ ووڊ هائوس بمبئيءَ جو گورنر هو، تڏهن هند-سرڪار جي اجازت سان ڏني ويئي هئي. —مؤلف

اهڙيءَ طرح، ميونسپالٽيءَ جي فرائضن ۾ اضافو ٿيندو ويو. رٿائتي نمونى رستن جو انتظام، انهن کي پڪو ڪرڻ ۽ شهرين کي پاڻي ڏيڻ جو ڪم، شهر جي صفائي، ماڻهن جي جان ۽ مال جي حفاظت ۽ سلامتيءَ لاءِ پوليس جو بندوبست، مطلب ته انهن سڀني ڳالهين جو انتظام ڪيو ويو.

ساڳيءَ طرح، سنڌ جي ٻين شهرن ۾ به ميونسپالٽين جا ادارا قائم ڪيا ويا، جن مان ماڻهن کي وڏا فائدا پهتا. اهي شهر جي ريگستان جي ٻوٽن ۽ وڻن وانگر پاڻيءَ کان سواءِ، ڪومائجي ويا هئا، سي ميونسپالٽين جي پرورش سان وري تازا توانا ۽ سرسبز ٿي ويا(١).

سر بارٽل جو تقرر ۽ صوبي ۾ پير رکڻ، ملڪ لاءِ هڪ وڏي نعمت ثابت ٿي. هن جي دور ۾ واپار ۽ تجارت زور ورتو ۽ اهي ڪڏهن به گهاٽي ۾ نه ويا. ملڪ جي دولت ۾ اضافو ٿيو ۽ زراعت خواهه آباديءَ چڱي ترقي ڪئي. ڪراچيءَ ۾ هر قوم ۽ مذهب جا ماڻهو ڏسڻ ۾ آيا. سر بارٽل فريئر جي حڪومت ۾ زمين جي ماليه ۾ پڻ اضافو ٿيو.

سر بارٽل فريئر جي خوش اخلاق ۽ تحمل سبب، سڀ ماڻهو سندس تعظيم ۽ تڪريم ڪندا هئا. هو هر عرضدار کي، اعليٰ هجي خواهه ادنيٰ، پوري غور سان ٻڌندو هو. جن ماڻهن کي بيوقوفي سبب پنهنجا معاملا يا مسئلا سمجهه ۾ نه ايندا هئا، تن کي هو پاڻ سمجهائي، انهيءَ ڳالهه جو قائل ڪندو هو ته ڪيس اهڙدن بيجا شڪايتن ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪونه آهي. سر بارٽل فريئر سان ٿورو وقت ڳالهائڻ کان پوءِ، ماڻهن جون

---

(١) ڪراچيءَ جي ميونسپالٽي هاڻي هندستان جي وڏين ۽ مشهور ميونسپالٽين ۾ شمار ڪئي وڃي ٿي. ان جي پاڻيءَ جو انتظام ۽ ”شوڻ“ جي طريقي سان گندي پاڻيءَ جو ڊيڪيل نالين رستي نيڪال جو سرشتو، قابل ذڪر آهن.

فرضي شڪايتون دور ٿي وينديون هيون، مگر قانون يا حڪومت جي دشمنن کي شينهن وانگر بيدردي سان دٻائي هيسايو ويندو هو.

هن جي لسان دائودي هئي، هو وڏين ذهني قوتن جو مالڪ هو. هن جي اخلاق سان گڏ، هن جي درياهه دليءَ ۽ تحمل جڻ سوني تي سهاڳو هئا. مثال ته گهڻائي آهن، پر هت هڪ لطيفو قلمبند ڪجي ٿو، جنهن مان هن جي صبر تحمل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ٺٽي جي هڪڙي ماڻهوءَ، اسسٽنٽ ديواني ڪمشنر، مسٽر گبس وٽ هڪ دعوا داخل ڪئي هئي. انصاف جي تقاضا مطابق هن جي سموري طلب منظور ٿي نه سگهي. هن، جج کي اڻوڻندڙ عرض معروض ڪري اهڙو ته تنگ ڪيو، جو آخر هن پنهنجن پٽيوالن کي حڪم ڏنو ته هن کي ويجهو اچڻ نه ڏيو. پر ٺٽيءَ دل ڪانه هاري. هن خود سر بارٽل فريئر سان ملڻ جي جرئت ڪئي. هڪڙي ڏينهن صبح جو هو سڌو گورنمينٽ هائوس ۾ هليو ويو ته جيئن ڪمشنر گهوڙي تي سير ڪرڻ لاءِ ٻاهر نڪري، تيئن وڃي جهليانس. هو پٽيوالن جي دٻ کان صحن ۾ ته ٺٽي وڃي سگهيو، سو دروازي وٽ پڙن جي ٿنڀي جي پٺيان لڪي ويٺو، جتان ڪمشنر لنگهڻو هو. سر بارٽل روز مقرر وقت تي اڪيلو سير لاءِ نڪري ويندو هو. هو جڏهن دروازي جي ويجهو آيو ته ڏٺائين ته هڪڙو ماڻهو ڳاڙهيءَ پڳڙيءَ سان اڇي چادر اوڙهيو ٻاهر ويٺو آهي. جڏهن اڳتي وڌيو ته اهو ماڻهو هڪدم اٿي کڙو ٿيو. گهوڙو اڇي دٻ ۾ ٿڙو ۽ سوار ڪري پيو. گورنمينٽ هائوس جا ماڻهو مالڪ جي هيءَ حالت ڏسي ڀڄندا آيا. سر بارٽل فريئر جي هڪڙي ٽنگ کي چڱيون رهڙون آيون، پر هن واڳون هٿن مان نه ڇڏيون هيون ۽ همت ڪري وري زين تي چڙهي ويٺو. ويچاري ماڻهوءَ جو ان وقت ڇا حال ٿيو هوندو؟ سو پڙهندڙ خود سمجهي سگهن ٿا. هن جي منهن جو پنو لهي ويو ۽ دل ڌڙڪڻ لڳس. سر بارٽل ان وقت ڇا ڪيو، جو هن کي خوف ۾ ڏڪندو

ڏنو. لکنو کان دهليءَ تائين قتل ۽ غارتگيريءَ جو هڪ دل ڏهڪائيندڙ منظر هو. ڪانپور جي پرسان انگريزن جي ڇانوڻيءَ تي حملو ڪيو ويو ۽ ڪيترا انگريز، زالن ۽ ٻارن سميت، غدارن جي هٿ چڙهيا. اهڙيءَ طرح، دهليءَ ۾ به ڪيترا انگريز قيد ٿيا. وحشي غدارن، قيدين سان ڪلور ڪري ڇڏيا. غدر ۾ جا رتوڇاڻ ۽ ماڻهن سان عقوبتون ٿيون، تن جي بيان ڪرڻ کان قلم قاصر آهي. مان هن وقت به تصور ٿو ڪريان ته دل ڏهلجيو وڃي ٿي. هندستان ۾ جيڪي وهيو واپريو پئي، تنهن جون ڳالهيون ٻڌي عام ماڻهن خيال ڪيو ته انگريزن جي حڪومت جو اجهو ٿو خاتمو ٿئي.

انهيءَ ڏکئي ۽ آزمائش جي وقت ۾ سر بارٽل فريئر جيڪو صبر، فڪر، دقيقه سنجي ۽ حوصلو ڏيکاريو، تنهن جي جيتري واکاڻ ڪجي اوتري گهٽ آهي. هندستان ۾ انگريزن جي طاقت کي جيڪو خطرو هو، تنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ نه تڪليف جو خيال ڪيائين نه خرچ جو. دستور موافق آءٌ سر بارٽل کي خبرون پهچائيندو ايندو هوس. آءٌ پنهنجن پراڻن خانداني گماشتن جي معرفت جوڌپور، جيپور، جيسلمر، پالي، راجپوتانا ۽ پنجاب جي مختلف شهرن مان خبرون گهرائي، سڌو بنا ڪنهن شرط شروط جي، ڪمشنر جي حوالي ڪندو هوس. مون کي ڪنهن به وقت، رات هجي يا ڏينهن گورنمينٽ هائوس ۾ وڃي، ڪمشنر سان ملڻ جي اجازت هوندي هئي. آءٌ ڏسندو هوس ته هو هميشه لکڻ ۾ مشغول هوندو هو. انهيءَ خطري جي زماني ۾ هو روز دفتر ۾ ڪلاڪ کن وڃي ويهندو هو. ان وقت جهنڊو مٿان پيو لهرائيندو ۽ ڏيکاريندو هو ته صاحب گهر ۾ موجود آهي. پوءِ هو پنهنجي خانگي ڪمري ۾ وڃي ويهندو هو ۽ سڄو ڏينهن پنهنجا تاثرات قلمبند ڪرڻ، حڪمن هدايتن جاري ڪرڻ ۾ صرف ڪندو هو. انهن ڏينهن ۾ هو ورلي گهوڙي تي سير ڪرڻ ويندو هو. هو اڪثر بنگلي جي مٿان

چاڪانڻ ته هو تعصبي نه آهن ۽ ساڳئي وقت هو بهادر، ايماندار ۽ وفادار سپاهي آهن. آءٌ ٽن هزارن کان چار هزار ماڻهو، ٻن - ٽن مهينن ۾ آڻي سگهان ٿو، بشرطيڪ سرڪار هڪ آگبوٽ منهنجي حوالي ڪري، جو ته سڄهن وارا جهاز سفر ۾ گهڻو وقت وٺندا." سر بارٽل فريئر منهنجي سرجوشي ڏسي خوش ٿيو ۽ چيائين ته مان ان باري ۾ بمبئي سرڪار سان لکپڙهه ڪندس ۽ اتان جواب اچي ته پوءِ توکي وڌيڪ هدايتون ڏيندس.

انهيءَ وچ ۾ ڪراچيءَ جي ديسي پيادن جي پلٽڻ، جنهن ۾ گهڻا اوڌ، لکنو ۽ دهليءَ جا رهاڪو هئا، تن مان اڪثر جوان بغاوت جون رٿون رٿڻ لڳا، پر انگريز سرڪار جو ستارو زور هو. سر بارٽل فريئر جي احتياط ۽ تدبير کي آفرين آهي. هن کي غدارن جون رٿون ۽ منصوبا، جيڪي ڳجهه ڳوهه ۾ ٿي رهيا هئا، ۽ جن کي فقط عمل ۾ آڻڻ جي دير هئي، معلوم ٿي ويا. اوچتو غدارن تي چڙهائي ڪري هنن کي پڪڙيو ويو ۽ کين جوڳي سزا ڏني وئي - ڪن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو، ڪن کي توبن سان اڏايو ويو ۽ باقي ٻين کي قيد جي سزا ڏني وئي. الله تعاليٰ جو شڪر آهي، جو دهليءَ ۽ هندستان جي ٻين شهرن ۾ غدر جو(١) جلد خاتمو ڪيو ويو. سر بارٽل فريئر

---

(١) غدر کي مغلوب ڪرڻ کان پوءِ، سر جان لارينس هند - سرڪار ڏي لکيو ته جن عملدارن نمايان خدمتون ڪيون آهن، انهن مان سنڌ جي ڪمشنر، مسٽر ايچ. بي. اي. فريئر جا احسان ڪڏهن به نه وساري سگهجن. هي عملدار شروع کان آخر تائين - غدر جي ابتدا کان آخرين فتح تائين، پنجاب جي حڪومت جي، اهڙي مدد ڪندو رهيو جهڙي ته انهن جو ملازم هو. هن جي اڻٿڪ ڪوشش سان بمبئيءَ جي پهرين توبخاني جي پلٽڻ، پوري وقت تي ملتان پهچي ( ڏسو حاشيه صفحي ٢٢٦ تي)

جي دهليءَ ۾ موڪليل مدد، فساد جي باهه وسائڻ ۾ ڪافي مدد ڪئي. دهليءَ جي ٻوڙهي شهنشاهه کي قيد ڪيو ويو، ۽ هن جا پٽ پڇي ويا. شرارت جي مکيه بانين کي جوڳي سزا ڏني ويئي: ڪن کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو، ڪن کي توب جي منهن ۾ ڏنو ويو ۽ ڪن کي قيد جي سزا ڏني وئي. هرهنڌ غدر کي وڏيءَ طاقت سان ڪچليو ويو ۽ وري امن امان قائم ڪيو ويو. سنڌ ۾ مخفي طرح باريڪ جاچ ڪرائي ويئي ته ڪٿي فساد جو ٻج ته ڪونه پوکيو ويو آهي، پر ڏٺيءَ جي مهربانيءَ سان سڀ سک هو. سر بارٽل فريئر، صوبي جي دفاع لاءِ جيڪو انتظام ڪيو هو، سو سرڪار وٽ عزت لائق هو.

---

( آندل حاشيه صفحي ٢٢٥ تان )
وئي. هن پنجاب جي مدد لاءِ، ڦهريائين، ڦهرين بلوچ پلٽڻ ۽ پوءِ، ٻي بلوچ پلٽڻ سنڌ مان موڪلي. چيف ڪمشنر جو خيال آهي ته هندستان ۾ ٻيو ڪو اهڙو عملدار نه آهي، جنهن ايتري محنت ڪري سرڪار تي احسان ڪيو هجي.

سڏو سر بارٽل فريئر ڏانهن ويس. هو سمجهي ويو ته هن جي دل تي ڪو بار آهي. صحت جي باري ۾ سوال ڪيائين، چيومانس ته ”مون سرڪار لاءِ چا نه ڪيو آهي، پاڻنجر، آئوٽرام، ۽ نيپئر جي ڏينهن ۾ مون نهايت مشڪل ۽ صبرآزما خدمتون انجام ڏنيون آهن. مان سمجهان ٿو ته سرڪار مون کي بلڪل وساري ڇڏيو آهي. آئوٽرام ۽ نيپئر جي ڏينهن ۾ مون جيڪي خدمتون ڪيون هيون، تن جي عيوض مون کي ڏک ۽ رنج کان سواءِ ٻيو ڪجهه به هٿ حاصل ڪونه ٿيو آهي. شايد منهنجون خدمتون سرڪار جي ڌيان تي ڪونه آنديون ويون آهن، نه ته جيڪر مون تي مهربانيءَ جي نظر ضرور ڪئي وڃي ها. ائين چوندي، مون ان وقت ٿڌو ساهه ڀريو. سر بارٽل محسوس ڪيو ته مون سان ڪافي زيادتي ڪئي وئي آهي. چيومانس ته هاڻي پيرسن ٿيو آهيان، ڪجهه ڪري به نٿو سگهان. منهنجي جوانيءَ واري چمار سرڪار جي ئي خدمت ۾ گذري آهي. منهنجون اڳوڻيون واپاري ڪوٺيون ۽ وهنوار ٻين جي هٿن ۾ اچي ويا آهن. هاڻي مون کي دنيا ۾ وري نئين سر حياتي شروع ڪرڻي پوندي. سر بارٽل منهنجي عرض کي نهايت لطف ۽ ڪرم سان ٻڌو ۽ دلاسو ڏيندي چيائين ته مون کي تنهنجي سموري خبر آهي، تون مون کي ياد آهين. مون تنهنجي لاءِ ”راءِ بهادر“ جي خطاب ۽ سٺ رپين ماهوار پالڪي(١) لاءِ، وظيفي جي سفارش ڪرڻ وارو آهيان. مون هن جو شڪريو ادا ڪيو ۽ چيومانس ته ””راءِ بهادر“ جو لقب ۽ پالڪيءَ جو معاوضو ته منهنجي خواب و خيال ۾ به نه هئا.“

ٿوري وقت کان پوءِ، سر بارٽل فريئر ڪلڪتي ۾، هند-

---

(١) اڳئين زماني ۾ پالڪيءَ ۽ ڏولي بردارن لاءِ ڪجهه وظيفو ڏيڻ، ڏيهي رياستن ۾ هڪ خاص اعزاز جو طريقو هوندو هو. بعضي بعضي انگريز به ان جو استعمال ڪندا هئا.

سرڪار جي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو. سنڌ جي ماڻهن کي جڏهن خبر پيئي ته سندن پيارو حاڪم جلد وڃڻ وارو آهي، تڏهن کين ڏاڍو ڏک ٿيو. جيئن جيئن هن جي موڪلائيءَ جو ڏينهن ويجهو ايندو ويو، تيئن سنڌ جا سڀ وڏا ماڻهو، مير خواهه بيا، هن جي تعظيم ۽ جدائيءَ تي افسوس جي اظهار ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيا. ڪراچيءَ جي ماڻهن سر بارٽل فريئر جي شان ۾ اهڙي ته پرتڪلف ضيافت جو انتظام ڪيو، جو ڪراچيءَ ۾ اهڙو انتظام اڳي ڪڏهن ڪونه ٿيو هو. سر بارٽل فريئر کي هڪ سينگاريل تخت تي ويهاريو ويو هو، جو خاص هن موقعي لاءِ تيار ڪرايو ويو هو. آءٌ تقريب ۾ سچو وقت ساڻ هوسانس. هن جي پيشانيءَ تي صاف لکيو پيو هو، ته مڙس اڃا به اوج کي رسندو. تقريب اهڙي شاندار هئي، جو ان جو بيان ڪرڻ مشڪل آهي. انهيءَ ضيافت جي اهميت فقط اهي ئي محسوس ڪري سگهن ٿا، جي ان ۾ شريڪ ٿيا هئا. ڪراچيءَ جا يورپي مرد ۽ زالون ان موقعي تي وڏي تعداد ۾ حاضر هئا. اهو موقعو ماڻهن کي ڪڏهن به ڪونه وسرندو.

سر بارٽل فريئر کان پوءِ سنڌ جي حڪومت بمبئيءَ جي سول سروس جي جي. ڊي. انويرارٽيءَ جي حوالي ڪئي ويئي. ميجر ايف. جي. گولڊسمڊ، مسٽر جي. ڊي. انويرارٽيءَ جو فرسٽ اسسٽنٽ ڪمشنر رهيو. نئون ڪمشنر نرم‌دل، نهايت شريف طبع ۽ تعريف جي لائق هو.

ٻن-ٽن مهينن کان پوءِ، سنڌ جي ڪمشنر کي، بمبئي سرڪار جي معرفت، هند-سرڪار جو فيصلو پهتو، جنهن ۾ منهنجي لاءِ ٻه سؤ رپيا ماهوار پينشن(١)، ٽن پيڙهين لاءِ مقرر

(١) انهن رعايتن جي سفارش، فريئر اڪتوبر ١٨٥٩ع ۾، سنڌ ۾ پنهنجي عهدي کي خيرباد چوڻ کان ٿورا ڏينهن اڳ

( ڏسو حاشيه صفحي ٢٣٠ تي )

سيٺي جي مهمان نوازي ڪرڻي پوندي هئي. اپريل ۾ جڏهن گرمي شروع ٿي، تڏهن مان ڪراچيءَ موٽي آيس ۽ ٻئي سال وڏي پٽ ٽيڪمداس کي ساڻ وٺي ويس. وري ٻه پنج - ڇهه مهينا جاگير تي رهيس، ۽ ڪل اٺ سؤ رپيا حاصل ٿيم. ان جي مقابلي ۾ گهڻو ٿي خرچ ٿيو. گرمي شروع ٿي ته اڳي وانگر ڪراچيءَ موٽي آيس. ان ڪان پوءِ، پنهنجي پٽ ٽانورداس کي آباديءَ جي نظرداريءَ لاءِ سال ۾ نوَ مهينا جاگير تي رهائيندو هوس. زميندار، تقاوي(١) خرچ ڪري ڇڏيندا هئا ۽ ڪڏهن به موٽائڻ جي نه ڪندا هئا ۽ هر دفعي اجايا سجايا بهانا ڪندا هئا. انهن بيوقوفن کي پنهنجي پيٽ جو خيال به نه هوندو هو ۽ آباديءَ ڏانهن پورو ڌيان ڪين ڏيندا هئا.

انهن ڏينهن ۾ منهنجي پوٽي، عالمچند (عالومل)، بمبئيءَ يونيورسٽيءَ مان مئٽرڪ پاس ڪئي ۽ هن کي ميجر گولڊسمڊ جي صلاح سان، ڪاليج ۾ اعلي تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ بمبئيءَ موڪليو ويو. جي. ڊي انويرارٽي کي، جنهن سنڌ تي صلح سانت سان حڪومت ڪئي هئي، بمبئيءَ ۾ گورنر جي ڪائونسل جو ميمبر ڪيو ويو ۽ هن جي جاءِ تي مسٽر سيموئل مئنسفيلڊ سنڌ جو ڪمشنر مقرر ٿيو. مسٽر موڊر کي مسٽر مئنسفيلڊ جو روينيو نائب نامزد ڪيو ويو.

سنبت ١٩١٩ [١٨٦٢-٦٣ع] ۾، عالمچند جي حيدرآباد ۾ شادي ٿيڻي هئي، تنهنڪري هن کي سنڌ ڏانهن موٽڻو پيو. هن کي چار مهينا ترسڻو پيو، جنهن ڪان پوءِ هو پڙهڻ لاءِ بمبئيءَ موٽي ويو.

انهن ڏينهن ۾، سر بارٽل فريئر کي بمبئيءَ جو گورنر نامزد ڪيو ويو، جنهنڪري سنڌ جي گهر گهر ۾ خوشي ملهائي

---

(١) ٻج ۽ اَن وغيره جي خريداريءَ لاءِ روڪ پيشگي، جا فصل لهڻ تي واپس ڪئي ويندي آهي.

وقت پونو هڪ مشهور شهر هوندو هو، پر هن وقت ان جي ڏتڙيل حالت هئي. سيرپور تائين سڌو ريل جو رستو ڪونه آهي. ريل گاڏيءَ اسان کي ڪورلاسوريءَ ۾ لاٿو، جتان اسان گهوڙا ڪري پنڌيرپور وياسين. هن جاءِ تي وتوبا ديوتا جو آستانو آهي، جنهن جي هيٺان چندرياڳ ندي وهي ٿي. مان چار ڏينهن پنڌيرپور ۾ رهي پوني موٽي آيس، جتي معلوم ٿيو ته گورنر صاحب جن مهابليشور ويا آهن. تنهنڪري صاحب بهادر ڏي خط لکيم ته چؤماسو جلد شروع ٿيڻ وارو آهي ۽ مون کي هاڻي سنڌ ڏانهن موٽڻ گهرجي. پوءِ مان بمبئيءَ موٽي آيس، جتان چئن ڏينهن کان پوءِ، ڪراچيءَ روانو ٿي ويس. موٽ تي سفر تمام اهنجو هو. سارو وقت طوفان هو ۽ سمنڊ ڏاڍو تکو هو، پر خدا جو شڪر آهي، جو مان ٽن ڏينهن کان پوءِ صحيح سلامت ڪراچيءَ پهتس. مون کي بمبئيءَ ۾ ڏاڍو مزو آيو. سر بارٽل فريئر صاحب مون تي ڏاڍو مهربان هو.

سن ١٨٦٦ع ۾، مسٽر مئنسفيلڊ ڪمشنر، موڪل تي بمبئيءَ روانو ٿي ويو ۽ هن جي جاءِ تي مسٽر رابرسٽن عارضي ڪمشنر مقرر ٿيو. ٿن مهينن کان پوءِ، خبر آئي ته انگلنڊ ۽ هندستان جي ملڪه، هندستان جي راجائن ۽ نوابن ۽ حڪومت جي بين لائق ماڻهن لاءِ هڪ نئون اعزاز مقرر ڪيو آهي. انهيءَ اعزاز جو نالو هو ”موسٽ ايگزالٽيڊ آرڊر آف دي سٽار آف انڊيا“ (هندستان جي ستاري جو ممتاز ترين اعزاز) پڌرڻ ۾ آيو ٿي ته انهيءَ اعزاز لاءِ منهنجو نالو پڻ تجويز ڪيو ويو هو. مون کي جڏهن اها خبر پئي، تڏهن مون سرڪار نامدار جو

---

( آندل حاشيه صفحي ٢٣٦ تان )
لڙائي ڏني هئي. لڙائيءَ کان پوءِ هن کي تخت تان دستبردار ٿيڻو پيو هو.

شڪرانو ادا ڪيو، جنهن مون کي انهيءَ اعليٰ اعزاز جي لائق سمجهيو هو. بمبئي سرڪار وٽان، سنڌ جي ڪمشنر وٽ اهڙو اطلاع سرڪاري طور پهچايو ويو ۽ هن هڪ دربار ڪوٺائي، جتي منهنجن ٽيهن سالن جي خدمتن جو اعتراف ڪري، مون کي ملڪه معظمه جي طرفان هندستان جي ستاري جي اعزاز سان نوازيو ويو(١). اهڙيءَ طرح، ساريءَ سنڌ منهنجو اعزاز ڏٺو، سرڪار نامدار جي بينظير انصاف کي ساراهيو.

١٨٦٦ع جي آخر ۽ ١٨٦٧ع جي اول ۾، سر بارٽل فريئر سنڌ کي پنهنجي تشريف آوريءَ جو شرف بخشيو. جيئن هن جي ارادي جي خبر پئي، تيئن سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ مان سڀ معزز ماڻهو، سردار ۽ امير، صاحب موصوف کي سندن شان مطابق آجيان ڪرڻ لاءِ اچي ڪراچيءَ ۾ گڏ ٿيا. آءٌ حضور اعليٰ سان گڏجي ڏاڍو خوش ٿيس. جلدئي سر بارٽل فريئر مون کي "ستاره- هند" جو اعليٰ ترين تمغو ۽ اعزاز ڏيڻ لاءِ فريئر هال ۾ دربار ڪوٺائي. فريئرهال کي خاص نموني سان سينگاريو ويو هو. فريئر جي اچڻ کان اڳ، سارو هال ماڻهن سان ڀرُ ٿي ويو هو. هن جي پهچڻ جو اطلاع بگل باجن، دهلن دمامن ۽ توبن جي سلاميءَ سان ڪيو ويو. گورنر صاحب هال ۾ پير پاتو ته حاضرين سڀ اٿي بيٺا. هن جي ويهڻ کان پوءِ، مون کي تخت وٽ ونسي ويا، جنهن جي هڪ پاسي کان بمبئي سرڪار جو سيڪريٽري، ايف. ايس چئپمئن، ٻئي پاسي کان ڪراچيءَ جو ڪليڪٽر، ميجر (هاڻي ڪرنل) لامبرٽ بيٺا هئا. گورنر صاحب اٿي بيهي مون ڏانهن مخاطب ٿي انگريزيءَ ۾ تقرير ڪئي. تقرير کان پوءِ مون کي ملڪه صاحبه جي سنَد، ڪيمخاب جي ٿيلهيءَ ۾، ۽ اعزازي تمغو ڏيڻ فرمايو. تمغو هيرن سان جڙيل ستارو آهي، جنهن جي هيٺان ملڪه جي تصوير ٽنگيل

---

(١) ڏسو ضميمو-١٣.

آهي. مان پاڻ کي سرڪار جو ايڏو تہ مشڪور ۽ ممنون محسوس ڪيو، جو مون کي پنهنجي احساسن کي لفظي تشڪيل ڏيڻ جي طاقت ئي ڪانہ رهي. مون مختصر لفظن ۾، سنڌ ۾، ملڪہ صاحبہ جي حڪومت جي انصاف جي تعريف ڪئي، ۽ چاڻايم تہ ان جي روشنائي، سج وانگر دور دراز ملڪن کي منور ڪري ٿي.

مون هندستان ۽ يورپ جي جهونين ۽ نين حڪومتن جا اتهاس پڙهيا ۽ ٻڌا آهن. منهنجي خيال ۾ برٽش حڪومت جهڙي مخير، دوربين حڪومت ڪڏهن ڪانہ قائم ٿي آهي، جا هر شخص کي سنڌس خدمتن جو صلو ڏيڻ لاءِ تيار آهي.

ان بعد سر بارٽل فريئر صاحب، ڪراچيءَ کان حيدرآباد روانو ٿيو، جتي پڻ دربار ڪرڻي هيس. ٻن ڏينهن کان پوءِ، هو واپس موٽي آيو، جو کيس بمبئي يونيورسٽيءَ جي ساليانی جلسي ۾ سندن ڏيڻ لاءِ صدارت ڪرڻي هئي. منهنجو پوٽو عالمچند، بي. اي جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيو هو. يونيورسٽيءَ جي امتحان ۾ هن کي سند ڏني وڃي هئي. اها سند سر بارٽل فريئر صاحب پنهنجن مبارڪ هٿن سان کيس ڏني هئي. حقيقت ۾ سر بارٽل فريئر ۽ جنرل سر ايف. جي گولڊسمڊ ئي هن جي تعليم جا ذميدار آهن. ان کان پوءِ جلد ئي عالمچند سنڌ ۾ موٽي آيو.

١٨٦٧ع جي مئي مهيني ۾، مسٽر مئنسفيلڊ بمبئيءَ جي گورنر جي ڪائونسل جو ميمبر مقرر ٿيو. سر وليم ميريويدر کي مستقل طور ڪمشنر مقرر ڪيو ويو ۽ مسٽر هيولاڪ ڇهن مهينن کان پوءِ سنڌ ڇڏي ويو.

انهيءَ وچ ۾ سر بارٽل فريئر جي عهدي جو مدو ختم ٿيو ۽ صاحب موصوف هندستان جي ساحل کي خيرباد چئي، انگلستان روانو ٿي ويو، جتي هو ڪائونسل آف انڊيا جو ميمبر مقرر ٿيو. ان کان پوءِ، بمبئيءَ جي حڪومت جون واڳون سر سيمور فزجيرلڊ کي ڏنيون ويون. نئون گورنر ١٨٦٧ع جي

معاف ڪندا. منهنجي عمر هاڻي ستهٺ سالن ڪان به مٿي ٿي وئي آهي، نظر جهڪي ٿي وئي اٿم ۽ وات ۾ هڪ به ڏند نه بچيو آهي. جيڪڏهن آءٌ پنهنجي خاندان ۽ ان جي اثر ۽ اقتدار جو تفصيلوار احوال لکان ته هن جهڙا ٿي ڪتاب ڀرجي وڃن! پر خراب نظر جي ڪري اکين تي بار پوي ٿو ۽ وڌيڪ لکڻ جي طاقت نٿي ٿئيم. قصو ختم ڪرڻ ڪان اڳ، مان پوين کي هڪ نصيحت ڪندس: ”مان پندرهن ورهين جو هوس، ته سنسڪرت، گجراتي(١) ۽ گرمکي(٢) پڙهڻ سکيس. ان وقت ڪان وٺي مون ڪيترن ڌرمي ۽ سياسي ڪتابن جو مطالعو ۽ اڀياس پڻ ڪيو آهي. مون کي خاطري آهي ته انسان جي قسمت ۾ جو ڪجهه لکيل آهي، سو ڪيس آخر ملڻو آهي، تنهنڪري هن کي خدا جي رضا تي راضي رهڻ کپي. ڪنهن کي به نه ڏکوئجي، پوءِ هو ڀل ته دشمن ڇو نه هجي. ڪنهن جي به بدخواهي نه ڪجي. دنيا فاني آهي ۽ وقت جلد گذري ويندو. هميشه خدا کي ياد ڪجي ۽ هن تي ڀروسو رکجي. غريبن تي رحم ڪجي ۽ پنهنجي وس آهر مٿن ديا ڪجي. خراب ماڻهن جي صحبت ڪان هميشه ڪنارو ڪجي.“

منهنجي ٻي هدايت هيءَ آهي ته ”انگريز سرڪار، هڪ مهاساگر يا روشن سورج وانگر آهي، تنهنڪري سڀني انگريزن سان سچا ۽ وفادار رهو. سرڪار جي خدمت ڪرڻ لاءِ هردم تيار رهو؛ جڏهن به ڪين ضرورت پوي ته دل ۽ جان سان مدد

---

(١) ڪڇ ۽ ڀر وارن صوبن، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات جي زبان، جيڪا بمبئيءَ ۽ مغربي هندستان جي زياده حصي جي واپاري طبقي جي عام زبان آهي.

(٢) گرمکي، پنجاب جي زبان آهي. ان جا اکر ديوناگريءَ يا سنسڪرت تان ورتل آهن. سکن جو پاڪ ڪتاب ”گرنٿ“ گرمکي زبان ۾ لکيل آهي.

ڪريو. دل صاف رکو ۽ سرڪاري پٽسي ڪان پري رهو."

هيءُ، پنهنجو ۽ پنهنجي گهراڻي جو مختصر احوال، مون پنهنجي هٿن سان لکيو آهي. ويساک ١٩٢٧، برابر ١١- تاريخ مئي ١٨٧١ع جي پورو ٿيو.

# ضميمو - ١

تاريخ ١٤- جنوري ١٨٤٨ع ۾، ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر طرفان لکيل يادداشت، جنهن ۾ سيٺ نائونمل جي خدمتن جو احوال ڏنل آهي.

١٤- جنوري ١٨٤٨ع

ڪراچي

"جيئن تہ مان ڊاڪٽرن جي هدايت مطابق ڪراچي ڇڏڻ وارو آهيان، تنهنڪري، ڪراچيءَ جي عارضي ڪليڪٽر ڪئپٽن جي. آر اسٽوئرڊ ڪراچيءَ جي سابق سرڪار وٽ، ڌار سيٺ نائونمل جي خدمتن متعلق هيءَ يادداشت ڇڏيان ٿو ۽ کيس عرض ٿو ڪريان تہ اها يادداشت، ڪرم فرمائي، ڪمشنر صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪري تہ جيئن هو صاحب، جناب گورنر صاحب جن کي، جڏهن سنڌ ۾ تشريف فرما ٿين، تڏهن کين هيءَ ڏيکاري:

## يادداشت

(١) سال ١٨٣٧ع ۾، هندستاني بحري ٻيڙي جي ملازم، ليفٽيننٽ ڪارليس کي حڪم ڪيو ويو تہ هو سنڌ ۽ مڪران جي ساحل جي جاچ پڙتال ڪري. ان باري ۾ ۽ خاص ڪري ڪراچيءَ جي بندرگاهہ متعلق رپورٽ ڪري، هو جڏهن ڪراچيءَ جي ٻاهران لنگرانداز هو تہ هن کي نائونمل قيمتي معلومات فراهم ڪري ڏني ۽ ٻين مختلف ڪمن ۾ هن جي مدد ڪئي، ۽ هن جي جهاز جي ماڻهن کي ڪاڌي پيتي جو سامان ۽ ٻيون ضروري شيون پهچايون. تنهن کان سواءِ هن جهاز جي ڪئن

هنن جي اها ڪوشش هئي ته ڪوبه ماڻهو اسان جي ويجهو مدد لاءِ نه اچي. ظاهر هو ته ماڻهو ان وقت ميرن جي دلي ارادن کان بخوبي واقف هئا. مون کي خاطري آهي ته ناءُونمل ۽ هن جي خاندان کان سواءِ، اسان جو ڏيهي ماڻهن ۾، ڪراچيءَ کان وٺي ڪابل تائين هڪڙو به دوست ڪونه هو.

(٩) ١٨٤٢ع جي آخر ۾، ميرن کي ناءُونمل جي اسان سان وفاداريءَ تي اهڙي ته مٺيان لڳي، جو هنن کيس گرفتار ڪرڻ لاءِ حيدرآباد مان ڪيترا سوار چاڙهي موڪليا. پر نائب سياسي سفير، ليفٽيننٽ ملنيءَ جي اعتراض وٺڻ سبب هو ان حڪم جي تعميل نه ڪري سگهيا. انهيءَ قدم کڻڻ جو ظاهري سبب اهو ڏنو ويو ته صدر بزار ۾ دڪانن کولڻ جي باري ۾ جيڪي حڪم جاري ڪيا ويا هئا، تن جي ناءُونمل انحرافي ڪئي هئي.

(١٠) فبروري ١٨٤٢ع ۾، جڏهن سنڌ ۾ لڙائي شروع ٿي، تڏهن ناءُونمل اسان جي اڻٽڪ مدد ڪئي. هو، ميرن جي منصوبن جي صحيح خبرچار حاصل ڪندو رهيو. جڏهن هن کي معلوم ٿيو ته ميرن، نومڙين، جوکين ۽ ڪرمتين کي حڪم ڪيو آهي ته ڪراچيءَ تي قبضو ڪري، اسان جي ڇانوڻيءَ ۾ هراس پيدا ڪن، تڏهن اها خبر هڪدم اختياريءَ وارن کي ٻڌايائين. ۽ اهڙيءَ طرح اسان دشمن جي حرڪتن جي تدارڪ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿياسين. ان کان سواءِ، هن اهڙا قاصد پڻ هٿ ڪري ڏنا، جي سر چارلس نيپئر جي ڇانوڻيءَ تائين ايندا ويندا هئا. ياد رهي ته ان وقت آمد و رفت جا سڀ ذريعا ختم ٿي ويا هئا. ساڳئي وقت ڪراچيءَ جي آسپاس رهندڙ قومن جي تعداد ۽ مورچن جي صحيح معلومات وقت بوقت حاصل ڪري اسان کي پهچائيندو ٿي رهيو ۽ ڪجهه اٺ ۽ سونهان به مهيا ڪري ڏنائين. جن جي مدد سان ٿي اسان مٿن حملو ڪري سندن خاتمو ڪيو. تنهن کان سواءِ، هن چڱن جي سردار اميدعليءَ جي مدد سان اسان جي ڇانوڻيءَ مان جيڪو مال چورائجي ويو هو، سو

[٣- ڪراچيءَ جي قبضي ڏيڻ لاءِ عهدنامو.]

٧- فيبروري ١٨٣٩ع.

شرط پهريون: ڪراچيءَ جي قلعي ۽ شهر جو قبضو مذڪور گورنر اڄ انگريزن جي فوج جي حوالي ڪندو.

شرط ٻيو: انگريزن جي بري فوج ۽ ان جي برگيڊيئر (وئلنٽ) کي هينئر يا جڏهين هو مناسب سمجهي، شهر جي ويجهو منزل ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي ۽ ڏيهي حڪومت گهربل ٻيڙين، اٺن ۽ ٻين وهٽن جو رواجي ڀاڙي تي انتظام ڪري ڏيندي. تنهن کان سواءِ فوج لاءِ کاڌي پيتي جو ۽ ٻيو سامان، جيئن جيئن ضرورت پوندي، تيئن مناسب اگهن تي مهيا ڪري ڏيندي.

انهن شرطن جي بجا آوريءَ تي، مذڪور انگريز عملدار، مانواريءَ ايسٽ انديا ڪمپنيءَ جي پاران وعدو ٿا ڪن ته قلعي ۽ شهر جي رهواسين جي مال ۽ جان کي هٿ نه لاتو ويندو. هو پنهنجو وهنوار، اڳي وانگر آزادي سان ڪري سگهندا. هنن جي واپاري جهازن کي دستور مطابق بندر تي اچڻ ۽ سواءِ ڪنهن روڪ ٿام جي واپار ڪرڻ جي اجازت هوندي ۽ شهر جي مڪاني حڪومت جو انتظام، شهر جي اختياريءَ وارا ڪندا.

(صحيح) فريڊرڪ، ليوئس، ميٽلنڊ ۽ ٻيا.

## ضميمو -٥

سنڌ جي مقامي سفير وٽان گورنر جنرل جي سيڪريٽريءَ ڏانهن.

١٨- فيبروري ١٨٣٩ع

سنڌ جو مقامي سفارتخانو.

هن وقت حيدرآباد ۾ هڪ دڪدائڪ حادثو ٿيو آهي. مناسب آهي ته ان جو احوال حضورجن اڳيان پيش ڪجي. اسان گهڻي ڪوشش ڪئي هئي ته ڇانوڻيءَ ۾ ڪو ڏيهي ماڻهو

نه فوج ڇو اتي منزل‌انداز ٿي آهي؟ ته جواب ڏنئيس ته مون کي خبر نه آهي ته گجرات جي فوج ڪهڙي مقصد سان ترسائي وئي آهي. شايد پلٽڻ اتان خرچ وٺڻ کان سواءِ پوئتي نه هٽندي ۽ فوج جو خرچ انهن کي پرڻو پوندو، جيڪي ان کي ترسائڻ جا ذميدار هوندا.

ناڻومل کي اها به هدايت ڪئي ويئي ته هو اها ڳالهه قبول نه ڪري ته ڪيس ان موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ ڪا مون کان اختياري مليل آهي. انهيءَ ڪري، هن کي سردار لاءِ ڪوبه خط - پٽ ڪونه ڏنو ويو هو. مون کي خاطري هئي ته منهنجو مقصد هڪدم پورو ٿيندو، تنهنڪري فوج جي سربراهه لاءِ شاهوڪار کي هڪ بند ٿيل خط ڏنم، جنهن ۾ لکيل هو ته هو پنهنجو سفر جاري رکي. ناڻومل کي چيو ويو هو ته سردار اسان جي گهُر قبول ڪري ته اهو خط هڪدم فوج جي سربراهه کي موڪلي ڏئي. ناڻومل، جنهن قابليت سان اهو اهم ڪم سرانجام ڪيو، تنهن جو احوال هن خط سان شامل آهي. سردار پنهنجي خط ۾ معافيءَ جو اظهار ڪيو ۽ منهنجا سمورا واجبي مطالبا قبول ڪيا. پر ڏينهن کان پوءِ مون سپاهين کي حڪم ڏنو ته وڃي فوج ساڻ شامل ٿين. پٺيان جيڪو فوجي دستو آيو پئي، ان ڏانهن سپاهين موڪلڻ جي ضرورت ڪانه هئي.

[لاڙ جي سياسي سفير جو ليفٽيننٽ وائيٽ‌لاڪ ڏانهن خط، جنهن ۾ هن کي اطلاع ڪيل آهي ته ناڻومل هن سان گڏجي مير شيرمحمد جي علائقي ڏانهن هلندو ۽ هن کي پڇا ڳاڇا ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

١٣- جنوري، ١٨٤١ع

حيدرآباد،

لاڙ جي سياسي سفير طرفان ليفٽيننٽ وائيٽ‌لاڪ ڏانهن.

ناڻون سيٺ کي عرض ڪيو ته هو توهان سان گڏ رهي. هو مقامي حالتن کان واقف آهي ۽ توهان هن کان جيڪا مناسب

پيچا ڳاڇا ڪندؤ، تنهن ۾ هو توهان جي مدد ڪندو.

توهان جي حفاظت لاءِ هڪ ديسي عملدار، ٨ پلٽڻ جا ٻه حولدار، پنجويهه سپاهي، سنڌ اريگيولر هارس جو هڪ دفعدار ۽ چوويهه سوار توهان سان گڏ هلندا. سمورا سرڪاري آٺ (اٺڪل ويهه)، جي هن وقت هت موجود آهن، سي توهان جي حوالي ڪجن ٿا ته جيئن ميرن ڪان اُنن گهرڻ جي ضرورت نه پئيو. هن وقت پاري تي اُٺ ملڻ مشڪل آهن.

انهن ڪمن جي بجاآوريءَ ۾ اوهان کي مير شيرمحمد جي علائقي جي جائزي وٺڻ جو پڻ موقعو ملندو. منهنجو عرض آهي ته اها معلومات هر موقعي ۽ هرقيمت سان حاصل ڪندا. ساڳئي وقت توهان جو اصلي مقصد به ظاهر نه ٿيڻ کپي. نائونمل، سيٺ کي ان ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ خاص طرح موڪليو ويو آهي. هو مقامي حالتن کان چڱيءَ طرح واقف آهي ۽ هن جي وفاداريءَ ۾ ڪوبه شڪ نه آهي. توهان کي معلوم هوندو ته هڪ اهڙو منصوبو رٿيو ويو آهي، جنهن مان مير شيرمحمد کي، حيدرآباد جي ميرن جي مقابلي ۾، سندس مالي حالت مطابق، وڌيڪ فائدي وارا شرط ملن. تنهنڪري، اهو ضروري آهي ته مير جي ڪابه اهڙي رٿ، جا آءٌ گورنر جنرل ڏانهن موڪليان، تنهن کان اڳ مون کي ان باري ۾ مڪمل معلومات مهيا ڪري ڏني وڃي.

## ضميمو — ٨

[ليفٽيننٽ ليڪيءَ جي ١١- جون ١٨٤١ع واريءَ رپورٽ مان حوالو، جنهن سان گڏ مڪار منشين جي تيار ڪيل معاهدي جو ترجمو پڻ ڏنل آهي. انهيءَ معاهدي ۾ سيٺ نائونمل سان وعدو ڪيل آهي ته جيڪڏهن هو ميجر آئوٽرام کان، مير شيرمحمد تي مڙهيل فوج جي خرچ جو حصو گهٽ ڪرائي

[(٢) ليفٽيننٽ ملنيءَ طرفان مير نصير خان ڏانهن لکيل، خط، حيدرآباد، مورخ ١- اڪتوبر ١٨٤٢ع جو اختصار، جنهن ۾ نائونمل سان جيڪو برتاءُ ڪيو ويو هو، تنهن تي هن احتجاج ڪيو آهي.]

”مون کي معلوم ٿيو آهي ته حضورجن انگريز سرڪار جي ڏيهي گماشتي، نائونمل سيٺ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪراچيءَ ماڻهو موڪليا آهن ۽ ان لاءِ سبب اهو ڏنو ويو آهي ته هن چانڊڪيءَ ۾ بنامحصول سامان آڻي وڪيو آهي. ساڳئي وقت ائين به ظاهر ڪيو ويو آهي ته هن جي گرفتاريءَ لاءِ مون کان اجازت گهري وئي آهي ۽ مون گرفتاريءَ جي منظوري ڏني آهي. مون کي اميد آهي ته ليفٽيننٽ گارڊن کي غلط اطلاع مليو آهي. مان حضورجن کي ڪنهن به وقت ۽ خاص ڪري جڏهن توهان شڪار ۾ مشغول هوندا آهيو، تڪليف ڏيڻ مناسب نه سمجهندو آهيان، پر مان توهان کي هڪ دوست جي حيثيت ۾ ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته نائونمل انگريز سرڪار جو ملازم ۽ پگهاردار آهي، ۽ هن کي انگريز سرڪار جي اجازت کان سواءِ گرفتار ڪرڻ جو ايترو حق آهي، جيترو مون کي گرفتار ڪرڻ جو. پيو هن جيڪي ڪجهه ڪيو آهي، سو توهان جي پرواني هيٺ، جيڪو توهان ڪجهه مهينا اڳ کيس ڏنو هو. منهنجي سرڪار، پنهنجن ملازمن سان بي‌انصافي ٿيڻ نه ڏيندي ۽ مان توهان کي صلاح ڏيندس ته پنهنجو حڪم واپس وٺو. جيڪڏهن منهنجو نالو ڪم آندو ويو آهي ته اها ڳالهه غلط آهي. بلڪ مان عرض ڪندس ته خابروءَ کي سزا ڏني وڃي.“

[(٣) مير محمد خان طرفان ڪراچيءَ ۾ انگريز سرڪار جي ڏيهي گماشتي، نائونمل جي نالي تي جاري ٿيل پروانو. مورخ .... شعبان ١٢٥٨هه [١٨٤٢ع] جو ترجمو.]

”توکي اسان جي حضور ۾ حاضر رهڻ جو حڪم ٿو ڏجي. ضروري آهي ته هن پرواني ملڻ شرط تون هڪدم خوشيءَ

سان اچي اسان جي در تي حاضر ٿئي. اچڻ ۾ هڪ لمحو به دير نه ڪر. ٻئي مير توتي مهربان آهن. هن تحرير تي عمل ڪر ۽ هي حڪم ضروري ڄاڻ."

[(۴) مير شهداد خان جو ڪراچيءَ ۾ سرڪار جي ڏيهي گماشتي، نائونمل ڏانهن جاري ڪيل پروانو. مورخ شعبان .... ١٢٥٨هه [١٨۴٢ع] جو ترجمو.]

"توکي اسان جي حضور ۾ حاضر رهڻ جو حڪم ٿو ڏجي. تون مير نورمحمد جي ڏينهن کان وٺي اسان جو ۽ سرڪار جو پراڻو ملازم ۽ خراجگذار آهين. ضرور آهي ته هن پرواني جي ملڻ شرط تون خوشيءَ سان ۽ بنا ڊپ ڊاءُ جي، ڪراچيءَ مان اچي اسان جي دروازي تي حاضر ٿئي. دير اصل نه ڪجانءِ. ڄاڻ ته سرڪار توتي مهربان آهي. تون هڪدم پاڻ کي هت حاضر ڪر ۽ اچڻ ۾ دير نه ڪر. هن تحرير تي غور ڪري، حڪم جي تعميل ڪر."

## ضميمو — ١٠

[ميجر آئوٽرام ڏانهن هند-سرڪار جو خط، تاريخ ٢٧- اپريل ١٨۴٢ع، جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾، سؤ رپيي ماهوار تنخواهه تي هڪ ڏيهي گماشتي جي تقرر جي اجازت ڏنل آهي.]

سنڌ ۽ بلوچستان جي سياسي سفير، ميجر آئوٽرام ڏانهن.

"حضور،

گورنر جنرل جي هدايت مطابق عرض ٿو ڪجي ته توهان جو ٢٩- مارچ جو لکيل خط، نمبر ٩٢٦، جنهن ۾ ڪراچيءَ ۾ ڏيهي گماشتي رکڻ جي باري ۾ سفارش ڪيل آهي، موصول ٿيو. جواب ۾ اطلاع ٿو ڪجي ته حضور اعليٰ جي مرضي آهي ته انهيءَ عهدي جو مدو سرڪار جي خوشيءَ تي منحصر هوندو. عهديدار کي اها ڳالهه واضح ڪري ٻڌائي وڃي. انهيءَ ڪم

لاءِ عهديدار کي هڪ سو رپيا مهينو ملندو، مگر هن کي سرڪاري طور مقرر نه ڪيو ويندو."

توهان جو ايس. ڊبليو. مئڊڪ.
سرڪار جو سيڪريٽري

## ضميمو - ١١

[(١) نائونمل جي خلاف تهمت ۽ هن جي بري ٿيڻ جي باري ۾ لکپڙهه.

سنڌ جي جج ائڊووڪيٽ ڪان ڪراچيءَ جي سابق ڪاردار، نائونمل ڏانهن.]

٢٤- آگسٽ ١٨٤٨ع مهربان

توهان جي ٥- تاريخ واري خط جي ٢١ فقري، جنهن ۾ چيلي ڪان جي هنديون تحفيمل ۽ ريوپمل خريد ڪيون هيون، تن جي باري ۾ ذڪر ڪيل آهي. انهيءَ جي جواب ۾ لکجي ٿو ته ڪمشنر صاحب جو چوڻ آهي ته فرض ڪجي ته چيلي کي هنديون سرڪار ڪان رعايتي اگهن تي مليون هيون، اسان سمجهي نٿا سگهون ته جيڪڏهين هن، ساڳئي اگهه تي ٻين کي وڪيون ته ان ڪري تو کي ڪيئن نردوش نهرائي سگهبو؟

مان سومر ڏينهن ١١ بجي، پرسرام ۽ ڪيمي جو حساب-ڪتاب چڪاسيندس. ان وقت توهان حاضر رهي سگهو ٿا. پر جي پاڻ نه اچي سگهو ته ڪو عيوضي موڪلي سگهو ٿا.

(صحيح)

توهان جو ڪيٽ ينگ، ڪئپٽن

[(٢) گهوڙاباريءَ جي ڊپٽي ڪليڪٽر طرفان سيٺ نائونمل (ڪراچيءَ) ڏانهن.]

١٤- نومبر ١٨٤٨ع مهربان

سنڌ جي ڪمشنر جي هدايت مطابق، هن سان گڏ بمبئي سرڪار جي اسسٽنٽ سيڪريٽريءَ مسٽر ڪورٽنيءَ جو خط نمبر

٦،٨٤٠، مورخ ١- نومبر ١٨٤٨ع جو نقل موڪلجي ٿو، جنهن ۾ گورنر ۽ سندس ڪائونسل جي فتوا ذنل آهي ته تنهنجي خلاف بي‌ايمانيءَ جي تهمت ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي ثابتي ڪانه آهي ۽ سرڪاري نوڪريءَ مان برطرف ٿيڻ ڪري اوهان جي ڪردار تي ڪنهن به قسم جو داغ ڪونه ٿو لڳي.

(صحيح)

تنهنجو جي. آر. اسٽوئرٽ، ڪئپٽن

[(٣) آر. ڪي. پرنگل، سنڌ جي ڪمشنر ڏانهن.]

مهربان

منهنجي ۽ ١- نومبر جي خط، نمبر ٦٨٤٠ جي سلسلي ۾، توهان کي اطلاع ٿو ڪجي ته مون کي مانواري گورنر ۽ سندس ڪائونسل حڪم ڪيو آهي ته ڪراچيءَ جي اڳوڻي ڪاردار، نائونمل جي مقدمي جي باري ۾، مانواري ڊائريڪٽرن جي ڪورٽ جي خط ٦، مورخ ٤- جو اختصار (فقرو ٧) اوهان جي اطلاع ۽ هدايت لاءِ موڪلجي.

توهان جو ڊبليو. ڪورٽني.

سرڪار جو عارضي سيڪريٽري.

[(٤) مانواري ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس جو خط نمبر ٦، تاريخ ٤- اپريل ١٨٤٩ع جو حوالو.]

فقرو ٧- ”هن ڪارروائيءَ جي ڪاغذن جو غور سان مطالعو ڪرڻ بعد، اسان جو خيال آهي ته نائونمل جي خلاف نوڪريءَ ۾ خيانت ڪرڻ جي جيڪا تهمت هئي، ان لاءِ ثابتي ڪانه آهي، پر جنهن صورت ۾، انهيءَ تر ۾ هن جي خاندان جو وڏو اثر ۽ رسوخ آهي، تنهن صورت ۾ اسان اعتراض قبول ٿا ڪريون ته هن جو ڪليڪٽر جي دفتر ۾ مکيه ڪاردار ٿي رهڻ مناسب نه آهي. پر هن کي جيڪڏهين ڪنهن ٻيءَ سرڪاري ملازمت ۾ رکيو وڃي ته اعتراض نه آهي.

کي ۽ رائي جي ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيائين پوءِ اها خبر ٺٽي جي نواب کي ڪيائين، جنهن رائي جي علائقي تي، مال ميٽ ۾ سواءِ ڪنهن مخالفت جي قبضو ڪيو. بجر کي غلام شاهه خلعت ڏني ۽ "ڄام" جي لقب سان جوکين جو سردار مقرر ڪيو. بجر کي مراد عليءَ نالي هڪ پٽ هو. مراد عليءَ جي جاءِ تي ڄام مهرعلي ويٺو، جو توهان جو ذڪر آهي.

(۵) برفت، نومڙيءَ ۽ ڪونڌڙيءَ جي ملڪ احمدشاهه جو احوال:

ڪنهن زماني ۾ جيسلمير مارواڙ جا ڪي راجپوت، ملازمت ۽ دولت جي تلاش ۾ نڪتا. هو ديسان ديس گهمندي مڪران جي گاديءَ ڪيچ ۾ اچي پهتا، جو ان وقت هڪ وسندڙ شهر هو ۽ سپاهين جو پيشو اختيار ڪيائون. آخر سپاهين مان وڏي جمعدار ٿيا ۽ سندن هٿ هيٺ ڪيترا سپاهي ڪم ڪندا هئا. انهن ڏينهن ۾، مڪران جو حاڪم هڪ جابر عامر هو. هن جي تقاضا اها هوندي هئي ته ڪيچ ۾ جنهن به عورت جي شادي ٿئي سا نڪاح بعد، مڙس وٽ وڃڻ کان اڳ، پهرين رات هن جي صحبت ۾ گذاري. اتفاق سان هن جي ڪنهن ياڻيجيءَ جي شادي ٿيڻ واري هئي. هن جي پيڻ محسوس ڪيو ته منهنجي ياءُ جي اها تقاضا نهايت غلط آهي ۽ غيرتمند ماڻهوءَ لاءِ پڏڻ آهي. تنهنڪري هن هڪ راجپوت جمعدار سان صلاح ڪئي ته ڇا ڪجي؟ هن وعدو ڪيو ته مان ملڪ کي هن آزار مان ڇڏائيندس. وعدي مطابق راجپوت وڃي حاڪم کي قتل ڪيو. تنهن کان پوءِ، پنهنجن زيردستن جو هڪ دستو وٺي وڃي پيلي تي قبضو ڪري آزاد حاڪم ٿي ويٺو. انهيءَ واقعي کان پوءِ، راجپوتن اسلام قبول ڪيو ۽ مسلمانن جي حلقي ۾ شامل ٿيا. ٿوري وقت کان پوءِ، بين قومن، راجپوتن کي پيلي مان تڙي ڪڍيو. تنهن کان پوءِ، هنن سنڌ ۾ اچي حيدرآباد جي ڪلهوڙن جي حاڪم کي درخواست ڪئي ته اسان کي حيدرآباد جي سامهون درياءَ جي هن پَر، ٽڪرين جي هيٺان چوڪيدار ۽

واهرو ڪري رکو. ان نوڪريءَ جي عيوض ڪلهوڙي هنن کي درياءَ جي اولهه طرف، ڪوٽڙيءَ جو ڪوهستاني علائقو جاگير ۾ ڏنو. انهن راجپوتن جو اولاد، برفت نومڙيا آهن، جي ملڪ احمد خان کي سردار ڪري مڃيندا آهن. نومڙيا، مڪران جي ماڻهن کي چوندا آهن، جو هو ”نون مردن“ جو اولاد آهن.

۴- فبروري ۱۸۷۴ع

۲۲، پرنسز گارڊن

عزيز دوست ناؤنمل،

تنهنجو ۱۳- آڪٽوبر جو موڪليل ڪتاب(۱) ۽ پوءِ جا موڪيل خط ڏسي خوش ٿيس. ڪتاب ڏاڍو شوق سان پڙهيم. اميد ته مان سارو ڪتاب يا ان جو اختصار، ڇپائڻ لاءِ، هت ڪو قدم کڻندس، جو اهو هن ملڪ ۾ تنهنجن قيمتي خدمتن ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو. سنڌ ۽ سنڌ جي آسپاس واري ملڪن جون خبرون، جيڪي تو مهرباني ڪري موڪليون آهن. اميد ته تون مون ڏي حقيقتون لکندو رهندين ۽ پنهنجو، عالومل جو، پنهنجي ساري ڪٽنب، سنڌ ۽ ان جي آسپاس وارن ملڪن جو احوال پڻ موڪليندو رهندين. توکي خبر آهي ته مان انهن ڳالهين ۾ هميشه دلچسپي وٺندو آهيان.

خدا توکي ۽ تنهنجن ٻارن کي خوش رکي، وڏي عمر ڏئي ۽ تون پنهنجن پٽن پوٽن کي وڌندو ويجهندو ڏسين.

يقيناً، تنهنجو وفادار،

ايچ. بي. اي فريئر

## ضميمو - ۱۳

[سيٺ ناؤنمل کي ملڪہ معظمہ جي مهر سان ”سي. ايس. آءِ“ جي خطاب ڏيڻ لاءِ ڪونايل دربار ۾، سنڌ جي ڪمشنر جي تقرير.]

---

(۱) ”ناؤنمل جون ياد گيريون.“

(١) سنڌ جي عارضي ڪمشنر آرچبالڊ ڊيوڊ رابرٽسن، سيٺ نائونمل هوتچند جي خدمتن جي باري ۾ هن ريت فرمايو:-

”مان نهايت خوشيءَ سان هي رتبو توهان جي خدمت ۾ پيش ڪريان ٿو، جنهن ۾ توهان کي مطلع ڪيو ويو آهي ته ملڪ معظم صاحب، ڪرم فرمائي، توهان جي اعليٰ خدمتن ۽ خيرخواهيءَ جو قدر ڪندي، توهان کي ”ستاره-هند“ جي اعليٰ تمغي سان نوازڻ فرمايو آهي. ان کان اڳ توهان لاءِ ١٠٠ رپيا مهيني ۾ پينشن منظور ڪئي وئي هئي ۽ وري ١٨١٠ع ۾ اها پينشن وڌائي ٻن پيڙهين لاءِ ڪئي ويئي هئي ۽ ان سان گڏ ١٢٠٠ رپين (ساليانه) جي جاگير پڻ توهان کي انهن خدمتن عيوض ڏني ويئي هئي.

توهان جو خدمتون پنجويهه ورهيه اڳ شروع ٿيون هيون. ممڪن آهي ته انهن ماڻهن، جن جو سنڌ سان تعلق تازو شروع ٿيو آهي، سي توهان جي خدمتن جي نوعيت کان غير واقف هجن. تنهنڪري، مان انهن خدمتن جو مختصر احوال ڏيندس.

”تنهنجون خدمتون ١٨٣٩ع ۾ شروع ٿيون، جڏهين تو - بمبئيءَ جي فوجي دستي کي بنگال جي فوج سان گڏ، افغانستان ۾ شاهه شجاع جي مدد لاءِ موڪليو ويو هو- وهٽن ۽ ٻئي سامان مهيا ڪري ڏيڻ ۾ واهر ڪئي. ان کان پوءِ وري تو ڪابل جي ڪوس واري نازڪ زماني ۾ ڪابل جي قيدين کي رها ڪرڻ لاءِ جيڪا فوج سنڌ ۾ موڪلي وئي هئي، تنهن کي به ساڳئي قسم جي مدد ڪئي. وري ١٨٤٣ع ۾، جڏهين سنڌ جي ميرن ۽ انگريز سرڪار جي وچ ۾ لڙائي شروع ٿي تڏهن تو پنهنجي جان ۽ مال جو کي ۾ وجهي، جانفشاني ڪري، ميرن جي ارادن ۽ منصوبن جي صحيح معلومات حاصل ڪري اسان کي پهچائي، جنهن جي وسيلي اختياريءَ وارا هنن جي منصوبن ۽ حرڪتن جو تدارڪ اڳواٽ ڪري سگهيا.“

تنهن کان پوءِ، غدر جي ادائي سالن واري خطرناڪ

هدايت ملي آهي ته توکي ملڪه معظمه جي مُهر سان ”ستاره - هند“ جي اعزاز جي سند ۽ تمغي سان سرفراز ڪريان ۽ ان سان گڏ اها به هدايت ملي آهي ته هن موقعي کي شاندار طريقي سان ملهائڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي وڃي. ملڪه معظمه جي ڏنل اعزاز جي نوعيت ۽ عظمت جي باري ۾، هن وقت اپٽار ڪرڻ جي ضرورت نه آهي. انهيءَ اعزاز جي ذريعي توکي انهيءَ برادريءَ ۾ جڳهه ملندي، جنهن ۾ هندستان جون سڀ ممتاز هستيون، ملڪه معظمه ۽ هن جو وليعهد، هن شاندار مملڪت جو وائسراءِ ۽ ٻيا سورما ۽ مدبر اعليٰ نسل ۽ ڪردار جا راجائون، جن هندستان جي مملڪت فتح ۽ حڪومت ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي مشتمل آهن.

انهيءَ برادريءَ ۾ شموليت لاءِ، تنهنجن لياقتن جو هت ذڪر ڪرڻ ضروري نه آهي. تازو، هن ساڳئي ڪمري ۾، صوبي جي عارضي ڪمشنر، ملڪه جي ارشاد جو اظهار ڪندي، تنهنجي عمر ڀر جي وفاداريءَ ۽ خدمتن جو ذڪر ڪيو هو، جن کي دهرائڻ جي هن وقت ضرورت نه آهي. پر ١٨٥٧-٥٨ع واري مشڪل وقت، تو اسان جي نمايان مدد ڪئي، ان لاءِ تو بيشڪ ڪيرون لهڻيون. توکي پنهنجي ملڪ جي ماڻهن ۾ وڏو اثر هو ۽ توکي اتر ۽ اولهه هندستان جي هرهڪ حصي مان خبرون چارون ملنديون هيون، جي تون سڀ بنا ججهڪ جي سرڪار جي خدمت ۾ پيش ڪندو هئين. ان وقت ۾، جڏهن تنهنجا ڪيترا هموطني خطرو ڏسي دهلجي ويا هئا ۽ سمجهيائون پئي ته هندستان ۾ انگريز سرڪار جي حڪومت جو ڏيو اجهو ٿو گل ٿئي؛ تڏهن تنهنجي وفاداريءَ ۾ لرزش بلڪل ڪانه آئي. جيڪڏهن تون انهن مجاهدن مان هجين ها، جن انگريزن جي حڪومت لاءِ جانيون قربان ڪيون آهن، ته به تون انگريزن جي فتح ۾ اهڙو يقين نه ڏيکاري سگهين ها، جيڪو تو ان وقت ڏيکاريو هو.

هن وقت جڏهن مان سنڌ، بلڪ هندستان ڇڏڻ وارو آهيان، تڏهن منهنجي لاءِ اها ڳالهه انتهائي خوشيءَ جو باعث آهي ته مون کي، سنڌ جي ڪمشنر ۽ منهنجي رفيق، مانواري جي. ايچ. ايلس، ۽ جن صاحبن سنڌ لاءِ ايتري جفاڪشي ڪئي آهي، تن جي روبرو، توکي هي اعزاز ڏيڻ ۽ تنهنجن خدمتن جي داد ڏيڻ جو موقعو مليو آهي. مون کي اميد آهي ته سنڌ ۾ تنهنجا همملڪي هن اعزاز کي فقط تنهنجو هڪ ذاتي امتياز نه ڪري سمجهندا؛ پر ائين خيال ڪندا ته هي امتياز هن دوردراز صوبي ۽ واپاري طبقي، جنهن جو تون خاص عيوضي آهين، ان لاءِ ملڪه معظمه جي شفقت جو ثبوت آهي. مان تنهنجي هڪ خاص ڪارنامي ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ گهران ٿو، جو ڏيکاري ٿو ته توکي انگريز سرڪار جي حڪومت جي نوعيت جي صحيح ڄاڻ آهي، ۽ جو اميد ته تنهنجا ٻيا هموطني نقل ڪندا. تو جهڙي ڪن ٿورن ماڻهن کي خبر هوندي ته انگريزن کي فوجي طاقت ۽ واپار جي هنر ۾ ڪيتري مهارت آهي. توکي اها به خبر آهي ته هرهڪ انگريز سمجهي ٿو ته انسان جو فقط روزيءَ تي گذر نه آهي. پر لڙائيءَ ۾ فتح ۽ واپار ۾ ڪاميابيءَ کان سواءِ دنيا ۾ ٻيون به قابل قدر شيون آهن. توکي انگريزي تعليم جو ٻهرو ڪرڻ مليو هو، تنهنڪري اها هڪ قابل قدر ڳالهه آهي ته تو پنهنجي پوٽي عالومل ٽيڪمداس کي هڪ ڏورانهين (تنهنجي نظر ۾) ملڪ ۾ هندستاني يونيورسٽيءَ ۾ تعليم وٺڻ ۽ تعليم‌يافته انگريزن جي ڪردار ۽ اصولن سکڻ لاءِ موڪليو آهي. مون کي اميد آهي ته جڏهن مان بمبئيءَ موٽي ويندس، تڏهن تنهنجي پوٽي کي يونيورسٽيءَ جي سند ملڻ جو امتياز حاصل ٿيندو. منهنجي دعا آهي ته خدا توکي وڏي ڄمار ڏئي ته جيئن تو نه فقط پنهنجي عزت ماڻي، پر ان عزت ۾ تنهنجو اولاد اضافو ڪري.

ان کان پوءِ، جناب گورنر صاحب جن سيٺ ناؤنمل هوتچند

کي ملڪه جي مهر سان سند ۽ تمغو ڏنو.

(٣) وڪٽوريا، خدا جي فضل سان گريٽ برٽن ۽ آئرلئنڊ جي يونائٽيڊ ڪنگڊم جي ملڪه، مذهب جي رکوال، ستاره - هند جي اعليٰ طريقي جي سربراهه کان، ڪراچيءَ جي سيٺ نائونمل ڏانهن آداب.

”اسان جي تمنا آهي ته توکي پنهنجي شاهي ڪرم جو ڪو اهڙو ثبوت ڏيکاريون، جنهن سان توکي روشن ٿئي ته اسان کي تنهنجي ذات ۽ تنهنجن خدمتن لاءِ قدر آهي. تنهنڪري اسان مناسب سمجهون ٿا ته توکي ”ستاره - هند“ جي اعليٰ طريقي جي برادريءَ ۾ شامل ڪجي ۽ اسان توکي ”ستاره - هند“ جي تمغي جو اعزاز بخشون ٿا. ۽ توکي اختياري ڏيون ٿا ته تون اعزاز سمورين رعايتن سميت ماڻ. تاريخ ٣٠- اپريل ١٨٦١ ع. اسان جي حڪومت جي ٢٩ سال ۾، اسان جي آسبورن هائوس واريءَ دربار ۾، اسان ستاره - هند جي طريقي جي مُهر ۽ دستخط سان ڏنو ويو.

صحيح قبله عالم جي حڪم هيٺ،
”ڊي. گري ۽ رپن“

## ضميمو - ١٤

ڊپٽي ايڊيوڪيشنل انسپيڪٽر، ڪراچيءَ ڏانهن.
”راءِ صاحب“ عالومل ٽيڪمداس پوچواڻي، بي. اي، آءٌ توکي ”راءِ بهادر“ جو لقب ذاتي اعزاز طور عطا ڪريان ٿو.

صحيح لئنسڊائون
وائسراءِ ۽ گورنر جنرل هند
فورٽ وليم ١- جنوري ١٨٨٩ع

## ضميمو - ١٥

سن ١٨٨٨ع جي ”ايشياٽڪ ڪئاٽرلي رويو“ جي اپريل واري شماري ۾، ”ڪراچي ۽ ان جو مستقبل“ جي عنوان

سان لکيل هڪ مضمون ۾، سر فريڊرڪ گولڊسمڊ، سيٺ نائونمل جي هيٺين لفظن ۾ واکاڻ ڪئي آهي:

"مري ويلن جو ذڪر ڪندي، انهن هندستانين کي نه وسارڻ کپي، جن سخت خطري جي وقت فريئر جي اهڙي جوصلہ افزائي ڪئي، جو هن فوج جي بدران انهن ماڻهن جي دلي همدرديءَ تي پروسو رکيو، جن کي هن مضبوط حڪومت ۾ محبت سان ڪشش ڪري پنهنجو ڪيو هو. مثال طور فقط هڪڙي ماڻهوءَ جو نالو وٺڻ هتي ڪافي ٿيندو، سو آهي صراف نائونمل، جو ڪجهه وقت ٿيو ته پنهنجن هموطنين کي خيرباد چئي، هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. هن جو شروعات کان وٺي خبررسان کاتي سان تعلق هو ۽ هو آخري دم تائين سنڌ جي اختياري وارن کي صحيح خبرون پهچائيندو رهيو ۽ هنن جي سهائتا ڪندو آيو. هن جون بلوچستان جي باري ۾ موڪليل خبرون خصوصاً ڪارآمد هيون؛ ڇاڪاڻ ته هن جي گماشتن کي سياسي معلومات هٿ ڪرڻ جا اهڙا ذريعا هئا، جو اهي خبرون ٻين کي ڪنهن به قيمت تي نه ملي سگهن ها. هو اهڙو وفادار هو، جو بلوچستان جي حڪومت جي مالي حالت جي باري ۾ اسان کي خبرون ڏيندو هو. هندو ٿي ڪري به هن ۾ نفاست هئي. هو محتاط هوندو هو، ۽ بعضي بعضي ڪامياب نه به ٿيندو هو، جنهنڪري ڪي ماڻهو سمجهندا هئا ته هو حرفتي آهي. هن کي يورپي مدبرن لاءِ عزت هئي. يورپي سياست جي ڳالهه نڪرندي هئي ته هو مرڪندو هو ڇو ته حڪومتن ۽ بادشاهن جي مقصدن جي رازن کان واقف هو ۽ ڇو يورپي سياست جي منجهيل سٽ کي هو آسانيءَ سان سلجهائي سگهيو ٿي. هن جو ذڪر خاص طرح هت ڪجي ٿو؛ ڇاڪاڻ ته جڏهن ڪراچي اوج تي هئي، تڏهن ڪراچي، سيٺ نائونمل کان جدا نه هئي."

# سيٺ نائونمل جي خاندان جو شجرو




---

(۱) اوائلي وڏن ۾ سڀ کان مشهور؛ وڏو زميندار ۽ واپاري. گهڻا خيراتي ڪم ڪيائين ۽ دولت کٽي ڪيائين.
اتر سنڌ ۾ هن جو گهرائو "سچٽائين" جي نالي سان سڏبو آهي.

(۲) هن کي سرڪاري طرح عالومل چوندا آهن.

# سيٺ نائونمل جي خاندان جو شجرو




(۱) اوائلي وڏن ۾ سڀ کان مشهور، وڏو زميندار ۽ واپاري. گهڻا خيراتي ڪم ڪيائين، ۽ دولت کٽي ڪيائين. اتر سنڌ ۾ هن جو گهراڻو "سچناڻين" جي نالي سان سڏبو آهي.

(۲) هن کي سرڪاري طرح عالومل چوندا آهن.

سيٺ نائونمل هوتچند سي. ايس. آءِ. لاءِ مشهور آهي ته هن سنڌ سان غداري ڪري انگريزن جو چاڙتو ٿي سنڌ کي غلام بنائڻ ۾ اهم حصو ورتو. سندس لکيل هي ’يادگيريون‘ تصوير جو ٻيو پاسو آهن، ٽالپرن جي دؤر ۾ اقليتن تي جيڪو ظلم ٿي رهيو هو، اهو ٻڌائي ٿو ته ظلم کان ماٺهو لاچار ٿي پنهنجي ديس سان غداري ڪرڻ لاءِ به تيار ٿي وڃي ٿو. ان دؤر ۾ سيٺ نائونمل جي پيءُ هوتچند سان جيڪو ڏاڍ ٿيو، ان هوتچند کي سنڌ سان غداري ڪرڻ تي اڪسايو ته جيئن سنڌ انگريزن جي قبضي ۾ اچي ته اقليتن سان انصاف ٿئي.

سيٺ نائونمل جون ’يادگيريون‘ پنهنجي حياتيءَ جي دؤر 1804ع کان 1878ع جي باري ۾ پهريون ڀيرو سنڌيءَ ۾ لکيون، پر پوءِ سندس پوٽي راءِ بهادر عالومل ٽيڪمداس پوچواٽيءَ ان وقت جي سنڌ جي ڪمشنر سر ايچ. ايوان، ايم. جيمس جي چوڻ تي انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيون، جنهن جو مهاڳ به سرجيمس پاڻ لکيو. هي ڪتاب پهريون ڀيرو انگريزيءَ ۾ 1915ع ۾ شايع ٿيو. يادگيرين جو گهڻوتڻو تعلق 1830ع کان 1845ع واري دؤر تائين آهي، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي.

هي ڪتاب نهايت دلچسپ نموني ۾ لکيل آهي ۽ سنڌ جي غلام ٿيڻ واري دؤر جي اندروني حالتن بابت چڱي ڄاڻ ڏئي ٿو. هي سنڌ جي انهيءَ دؤر جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن تي اهم دستاويزآهي. هي ڪتاب اسان کي ان ڳالهه جي به اهميت ٻڌائي ٿو ته جيڪڏهن پڙهيل لکيل ماڻهو رڳو پنهنجيون يادگيريون ئي لکن ته سنڌ جي تاريخ ۽ ٻولي ڪيتري نه وڏيڪ شاهوڪار ٿي وڃي.

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڀُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ڀاڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَـن پاران ڪتابن ڪي ڊِجِيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجِيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجههِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ ڪتاب کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۾ نتيجي طور سماجي ۾ حڪومتي پاليسيون policies اٽڄاڻن ۾ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)